Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 161

عبدالمنعم وغيره شامل هئا. سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو[277] ۽ آخوند عبدالغني[278] سندن مير منشي ۽ ڪارخاني جا منتظم بہ ٿي رهيا هئا. سندن مريدن ۽ معتقدن ۾ ڪئين الله وارا ۽ شاعر اديب ٿي گذريا آهن جن ۾ سيلو فقير سيلاني[279]، منٺار فقير راڄڙ[280]، فقير پريل نوشهرائي[281]، فقير علي بخش پٽو[282] فقير حاجي محمد پريل مگسي[283] ۽ قاضي عبدالله پورڪر هالائي[284] وغيره شامل هئا.

جهڙيءَ طرح حافظ شيرازيؒ کي رڪناباد جا ڪنارا ۽ نظارا دلپسند هئا تهڙي طرح سائين امين محمد جن راهوند جي رغبت جو بيان ڪيترن ئي هنڌ ڪيو آهي ۽ اڳتي هلي ڪهڙي نہ اعليٰ پايہ جي خوبي سان رسول اڪرم ﷺ جن جي بعثت، دين اسلام جي دعوت ۽ بعدازان هجرت جي اسرار ۽ حقيقت کي عيان ڪيو اٿن.[285]

---

[277] ڏسو ضميمو 11.

[278] آخوند حافظ حاجي عبدالغني(1840_1934ع):

سندس ولادت 1256هہ/1840ع تي ٿي، پاڻ حضرت مخدوم محمد امين ثالثؒ جن جو همعمر ۽ همعصر هو. آخوند صاحب جي تعليم ۽ تربيت سندس والد آخوند حافظ پاجهوءَ ڪئي، آخوند صاحب هڪڙي شادي ڪئي. سندس ٻہ پٽ، آخوند حافظ عبدالله شادي شده ۽ آخوند حاجي عبدالمنعم غير شادي شده هئا. آخوند صاحب، پڪن وارن صاحبن وٽ مير منشي ٿي رهيو ۽ بورچيخاني جو انتظام بہ سنڀاليندو هو پڪن وارا صاحب جيترو وقت راهوند تي رهيا، آخوند صاحب کي پاڻ سان گڏ رکيائون، پڪن وارن صاحبن کان پوءِ آخوند صاحب، حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار جن جي خدمت ۾ رهيو. ڪيس پڇاڙڪن سالن ۾ گوڏن ۾ تڪليف رهڻ لڳي جنهن ڪري هڪڙي هنڌ ويهي رهيو هو سندس انتقال تمام وڏي عمر ۾ 14_ ذوالحج 1352هہ بمطابق 31_ مارچ 1934ع تي بروز ڇنڇر هالا ۾ ٿيو. سندس مزار "حضرت مخدوم ميان نوندي" جي مقام ۾ آهي.

[279] ڏسو ضميمو 12.

[280] ڏسو ضميمو 13.

[281] ڏسو ضميمو 15.

[282] ڏسو ضميمو 16.

[283] ڏسو ضميمو 14.

[284] ڏسو ضميمو 17.

[285] قاضي عبدالحي سليم هالائي، تذڪره شعراءِ هالا، ص: 716.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

آديسي اوداس ۾ آچر ڏينهن آهين
سامي سگريون سور جون سهسين سيبائين
اوري تي اثبات کي "لا" لاهوتي لاهين
"من عرف نفسه فقد عرف ربه" ناهه اهو ٿاهين
رمزون ريجهه رهاڻ جون راهوندي راهين
واري ۾ واهين فاضل بحر فنا جو

سيد فاضل شاهه "فاضل"[286]

پکن وارا صاحب پاڻ وٽ هر وقت ڪاغذ ۽ قلم گڏ رکندا هئا. سمهڻ مهل بہ ڪجهه ڪاغذ ۽ قلم پنهنجي ساجي پاسي کان رکي ڇڏيندا هئا ۽ عموماً لکندا رهندا هئا.[287] سندن ڪلام ۾ نهنائي ۽ نماڻائي، عجزونياز، سوزو گداز سڪ ۽ اوسيئڙي جا جلوه جابجا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هتي سندن ڪلام مان انتخاب ڏجي ٿو:

## حضرت پکن وارن صاحبن رحمة الله عليه جو ڪلام:

### مولود شريف (بهاڳ)

مرحبا يا مصطفيٰ ﷺ سردار سرور مرحبا.
مرحبا شاهه رُسُل ﷺ يا مير مدني مرحبا.

مرحبا معراج ۾ ان کي چيو خلقي خدا.
يا شفيع المذنبين آءٌ عاصين احمد اجها.

مرحبا ملڪوت چيو اُن تي سدا اي سيدا.
اي "يُريدُ" الله اطهر" توتي صلواة و ثنا.

شرف تنهنجي شان ۾ "يس"، "طه" هل "آتيٰ"،
وصفِ تو "والليل" وارن "وجهڪ" تنهنجو "والضحيٰ".

---

[286] ڪلياتِ امين، چاپو پهريون، ص: 53.

[287] حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه (راوي).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

خَلَقتُ الجَنّاتِ تَجرِی تَحتِها الأنهَارُها،
"يُرزَقُونَ فَرِحِينَ" فائق تو هتان سڀ توهه ٿيا.

حاجَتِ الذّراتُ وجدا عند في اَسلوبِهَا،
يا محمد مصطفيﷺ وانت شافِعُ واَلشفا.

## ڪافي (توڙي_گنڌاري)

دلبر دل ڪي دام وِڌا،
ڪيئن "لاعَبدي" چئي لاهيان لاهيان.

ادنيٰ ڪان منجهه عبدي آيا،
وحدت جا تن ورق ورايا،
قرب قَرابتِ رمز ريجهايا،
پيرِ پرت ڏي پايان پايان.

جان جگر ڪري پارا پارا،
نايا نينهن اندر منجهه نارا نارا،
وِرهه اچي ڪيا وارا وارا،
ڳالهه تنهين جي تو ڳايان ڳايان.

باغ برهه جي ڪيون گلزاريو
تن طلب ۾ تارون تارون.
چا بتخانا مسجد واريون،
چا ڪعبي ڏي مان ڪاهيان ڪاهيان.

"امين محمد" عشق جون ڳالهيون،
هونِ هميشه جي هم حاليون،
ڏسي پرت وارن جون چوڪيون چاليون،
آءُ تہ عجب ۾ آهيان آهيان.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 164


## ڪافي (پيروي)

جي ميخاني ملندو مولا. بتخاني ۾ چاهي چاهي!
هنودي بتخاني آيا،
ترڪن طعنا تن تي لايا،
پريم پٽڙ ۾ ناهي ناهي.

بيک برهمڻ دل ۾ دورا،
واسنگ واهگروءَ جا تورا،
دال چپاتي چاهي چاهي.

منهن ۾ ملياٽي چَوٽ سان چوري،
اهڙي پيت چڏي ڏي پوري،
رمز رکيو دل راهي راهي.

ميخاني جا چون مَوالي،
خيال خوديءَ هٿ پيالا خالي،
وات وجائن واهي واهي.

سنگ سنياسي پنن واڃاٽيون،
گولن راجا ۽ پيون راٽيون،
ناهه نڳيءَ جا ناهي ناهي.

"امين محمد" آهي انهن جو
مَنُ ماري جن ساجن سمجهيو
الک انهن سان آهي آهي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 165


## ڪافي (تلنگ)

بانگِ اَلستُ ربّي، چئي عشق جن تي آيو
ميدانِ معرفت ۾ ڪونتل تنين ڪُڏايو.

ڏسي عشق جا اشارا، وِهندا سي ڪيئن ويچارا،
نيڻين وهائي نارا، هيءِ هيءِ جو هُل مچايو.

اڙاهه ڪوُن اپائي، رائي ڪنهين ترائي،
پٽ پيءُ هتان ڪُهائي، بَطحيٰ ۾ گهر بنايو.

ڪٿ مصر ماه ڪعنان، لائي پرت پوءِ تيو پنهان،
رکي بار برهه بَه نهان، مالڪ تي مُلهه چڪايو.

جفعل ۾ جوڙي جاني، ڪيائين ڪل تي ڪامراني
لاريب "لَن تراني"، "اَرَني" تي ڪنهن آلايو.

ڪربل ۾ خيمون کوڙي، ڪنڌ ڪات ڪان نه موڙي،
تيغ و تبر سان توڙي، سر بر سِنَان سهايو.

هر هڪ جي جاءِ ناهي، هت ڪير سينو ساهي،
ڪيئي فرّخياب قاهي، ڪاپار ڪَرِٽ لايو.

"قالوا بليٰ" کهاٽي، ثابت صحيح سچاٽي،
ان وقت ڪي جي جاٽي، تنهنجي روح کهڙو رايو.

لاشڪ لباس لائي، ڪثرت ۾ پير پائي،
احمدؐ اچي سڏائي، "محمد امين" تي آيو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 166


## ڪافي (ڪوهياري)

ڀاروچا پيهار، اڳڻ آءِ تان عيد ڪيون
اچي ويهج اوڏڙو منهنجا تون مٺار،
ديدن ۾ تا ديد ڪيون

هلڻ واريون من ۾ هلي ڪر هيڪار،
خوشيءَ کي تہ خريد ڪيون

اهي اسان کي ڳالهڙيون سيڪاريون سنسار،
هلائي تہ حميد ڪيون

هل تہ گهمون ڪي گهٽيون، ٻرهن جي بازار،
شهرن ۾ تہ شنيد ڪيون

"امين" تنهنجي عشق جي، پيتي آهہ پچار،
هوتان رسيد ڪيون

## ڪافي

سڄڻن جا ساريو سانگ آئون ويٺي روز رڙان
الست بربڪم آواز اهوئي
برهہ پڙهايم بانگ
آئون ويٺي روز رڙان.

قالوا بلي جا قول جي ڪيڙئي
ويٺي اُڏايان ڪانگ
آئون ويٺي روز رڙان.

"امين محمد" کي عشق اوهانجي
نينهن جي ڪاڙس نانگ
آئون ويٺي روز رڙان.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 167



## ڪافي[288] (جوڳ)

اج عشق اَسان ڳَني آيا هي، ڪر بسم الله سِر چايا هي

ڪيئي عشق دي مئن مهماني هي
ڪل قالب اج قرباني هي
سرساهه محب دي ماني هي
ڪڏ هان خون شراب ملايا هي

جڏان نينهن اسان نون نروار ڪيتا
هر رنگ وچ هڙ هموار ڪيتا
هڪ داڻي ڪون خروار ڪيتا
سِر سُبحاني سڪلايا هي

آڪي عين "امين" اظهار ٿئي
وچ نينهن نشي نروار ٿئي
ابرو تيز تبر تلوار ٿئي
مژگان تير تفنگ چلايا هي.

### بيت (رامڪلي)

Gul Hayat Institute

(1)

"امين "محمد" آئيا، جوڳي جهونجهي جُوءِ،
"ڪُلُ شيءٍ يرجعُ"، ثابت سندي سُوءِ،
گاروڙي گرنات ڪان، رانول رڱي روءِ،
"هُو" ۾ ٿيا هوءِ، معرفت جي معرڪي.

---

288 ڪافيون، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص: 348.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 168


(2)

معرفت جي معرڪي، آديسي آيا،
دونهان دواپر جا، جوڳين جاڳايا،
سر سناسين پانهنجا، ناٿ اڳيان نايا،
"فَاسجُدوا" في الحال تي، امر ۾ آيا،
ڪالَ نہ ڪنبايا، ڪالَ ڪنبايو ڪاپڙين.

(3)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪرتئون مارج ڪال،
"ونَحنُ اَقربُ اِليه" ويجهڙو، اٿئي واحد جو وصال،
چاڙهج تہ جاٿائن ڪي، رڱج نا رومال،
ڪيئي گذرن گر ريءَ، سامي توکي سال،
حقيقت جا حال، پورب ِ ڪجو پڌرا.

(4)

پورب ڪجو پڌرا، طريقت جا تانَ،
آهن جتاهين جوڳ ۾، سپ ڪاهوڙي خانَ،
پاٽي پوربين ڪي، نفرت ڪنان نانَ،
سامين ڪي سرير ۾، شريعت جا شانَ،
پينر پلا مانَ، وِجهَل ويراڳين جي.

(5)

وِجهل ويراڳين جي، ماءُ منهنجي مَن،
پوي ڪوڪ قلات ۾، ڪاپڙين جي ڳن،
ماءُ منهنجي من، ڪِجهڻَ ڪاهوڙين جو.

(6)

ڪِجهڻ ڪاهوڙين جو، آيل مون اندر،
پسم ساڻ پيوت تي، بابو ويا بر،
هليا جي هنگلاج ڏي، وري پون نہ وَر،
ناٿ ملي نارائڻ ۾، سامين پوري سَر،
جوڳي جاٿائون پَر، "امين" انهن سان ٿئي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(7)

جوڳي جاتائون ڪري، آديسي آيا،
گاروڙين گُٽيش جا، سامين ڪيا سعيا،
ڪن نمايو ناٿ کي، ڪي ناٿن بہ نمايا،
پرين پهرايا، "امين" اوچڻ عشق جا.

(8)

جي يانئين جوڳي ٿيان، تہ پيرين پنڌ وسار،
"قالوا بليٰ" قول ڪيئي، عهد اهيئي پار،
گڏج گورک ناٿ کي، ٽلا مور نہ ٽار،
دائم تو دربار، اجهي اگهوري آئيا.

(9)

ايندي اگهورين جا، ڏوري پڇج ڏس،
ونج واٽ وصال جي، بئي پاسي ڪيم ترس،
اوڏوئي اکڙين ڪان، نيڻ نهاري ڏس،
تہ جوڳي يانئي جَسُ، ايندي آڌوتين ڪان.

(10)

جي يانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪرتئون مارج ڪال،
اٿي اور الک سين، هيٺو وٺي حال،
جي پوئي وَتِ وصال کي، نہ جٺڻ جاڙ جنجال،
موڙي تنهنجو مال، جي گرسين گڏجين ڪاپڙي

(11)

جي يانئين جوڳي ٿيان، تہ واٽئون ورد وسار،
موت مَنجهيئي مار تون، ماري جيءُ جيار،
دود دکائج دل ۾، نيٽين ننڊ وسار،
پنجئي حس حبيب سان، چست عناصر چار،
وائي ٻي نا وار، آڌوتي الک ري

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 174



ماڪن شاهہ صاحب قرآن حڪيم حفظ ڪيو. ان بعد شاهہ صاحب دائري شريف ۾ (اڏيري لال جي پرسان) وڃي، تعليم وٺڻ لڳو. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد شاهہ صاحب جي ڪوٺريءَ ۾ قسمت ٿي، جتي هڪ عالم وٽ تعليم ورتي. وقت جي دستور موجب فارغ التحصيل ٿيو. ان بعد شاهہ صاحب مير نور محمد جي ٽنڊي اچي، شيخ عبدالله ڪتب فروش وٽ ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو شروع ڪيو. مير حسين علي خان جي خواهش تي جامع مسجد جي پيش امامي قبول ڪيائين. ان مير صاحب جي خرچ تي شيخ صاحب جي دختر نيڪ اختر سان سندس شادي ٿي.

حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ هڪ وڏو ڪتبخانو کوليائين. شاهہ صاحب کي ٽي فرزند تولد ٿيا. پر ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويا. ٿوري وقت کان پوءِ شاهہ صاحب حج ادا ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ موٽي ٽنڊي نور محمد ۾ آيو. اتي ڪيس هڪ نياڻي ۽ فرزند تولد ٿيا. فرزند جو نالو مير علي شاهہ رکيائين. ٿوري عرصي بعد، شاهہ صاحب موٽي اچي پنهنجي اباڻي ڳوٺ "اجن شاهہ" ۾ رهيو ۽ اعليٰ پيماني تي ڪتب فروشي شروع ڪيائين. اُتي بہ شاهہ کي ٻہ فرزند تولد ٿيا. هڪڙي جو نالو سيد منن شاهہ ۽ ٻئي جو نالو سيد يوسف شاهہ رکيائين. ڪتب فروشيءَ جو مرڪز لاڙڪاڻو بڻايو ويو، جتي ڇهين- ٻارهين مهيني وڃي شاهہ صاحب حساب ڪتاب صاف ڪندو هو. هالا ۾ بہ، شاهہ صاحب جي ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو هلندو هو.

شاهہ صاحب هڪ دفعي، جيئن لاڙڪاڻي مان بيخوش ٿي ڳوٺ موٽيو. تيئن ٻاروچي باغ وٽ، هالن کان اتر طرف، اٽڪل ڇئن يا پنجن ميلن تي زياده بيمار ٿي پيو جو ڪيس ڪٽ تي کڻي ڳوٺ آيا ۽ ان ڏينهن ئي شاهہ صاحب (10 محرم الحرام 1303هہ) وفات ڪئي: يعني سائين پڪن ڏٽيءَ جي وفات کان ست مهينا اڳ.

شاهہ صاحب پنهنجي وقت جي بهترين شاعرن مان هڪ هو. موزون ۽ غير موزون ڪلام لکيو اٿن، مگر افسوس آهي جو شاهہ صاحب جو ڪلام سواءِ چند سنڌي ڏهرن ۽ هڪ منظوم خط جي، ٻيو سڀ ضايع ٿي ويو! سندن جيڪو ڪلام اسان کي هٿ آيو آهي سو خدمت ۾ حاضر ڪريون ٿا. شاهہ صاحب هيٺيون منظوم خط پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ موڪليو:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 176


وڏائون وحدت جا، دل اندر درياهہ
بابو ڪاهين پر ڏي، سامي سنجهہ صباح،
وٽي ويراڳين ڪي، صبر جي صلاح،
تن آديسين کي آهہ، ائٺي پهر الک جي

## 7: پير سيد صالح شاهہ جيلاني "صالح" [292]

(1870ع_1943ع)

سيد صالح شاهہ جيلاني آفندي، صالح ڳوٺ راڻيپور ضلعي خيرپور ميرس ۾ سال 1870ع ۾ ڄائو. پاڻ سندس والد صاحب جي وفات بعد درگاهہ راڻيپور شريف جو گادي نشين ٿيو. سندس پيري مريدي جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. مرحوم صالح شاهہ نهايت اعليٰ دماغ، عالي همت، باتهذيب ۽ بااخلاق بزرگ ۽ وقت جو نهايت سٺو باعلم شاعر بہ هو. سندس تخلص "صالح" هوءِ ڪلام ۾ حقيقت سمايل اٿس. 1943ع ۾ وصال ڪيائين.

### ڪلام

جنهن کي حملي حسن حيران ڪيو تنهن دين ڪفر يڪسان ٿيو
ڪري ترڪ زهد صنعان سپيو چڙي تسبيح اهل زنار ٿيو

وه خبر "يحب الجمال" عجب، وه حسن پر تي حال عجب،
آهي قالوا بليٰ جي چال عجب، پوءِ عروج نزول تڪرار ٿيو

آهيون شاغل ڪثرت عيش ڪڏهن، دلريش گدا درويش ڪڏهن،
ڪٿ پير عقيدت ڪيش ڪڏهن، اِنهيءَ سير ۾ دل سرشار ٿيو

آهيون رند قلندر مست ڪٿي، ٿيون نيست منجهان تا هست ڪٿي
آهي شاهي بندوبست ڪٿي، ڪٿ ڪرڻ گدائي ڪار ٿيو

"من عرف" وارو مفهوم لهي، ڪيو "صالح" سر معلوم سهي
وحدت ۾ ڪا المعدوم رهي، لَاتُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ ٿيو

---

[292] يادِ رفتگان، ص: 141/140.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 177



# 8: مرزا قليچ بيگ ”قليچ“[293]

(1853_1929ع)

شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ 7 آڪٽوبر 1853ع ۾ تولد ٿيو. ڪيس انگريز سرڪار کان ٻہ خطاب مليا. هڪ ”خانبهادر“ ۽ ٻيو ”شمس العلماءَ“. سندس والد مرزا فريدون بيگ ايران کان آيو ۽ ٽنڊو ٺوڙهو (حيدرآباد) ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. اهو دور ٽالپرن جي حڪومت جو هو. مرزا صاحب سنڌي، فارسي، اردو، عربي ۽ انگريزي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. ڪافي وقت سرڪاري نوڪري ۾ بهترين نموني سان هلائي. پاڻ شاعري جي هر پهلو تي طبع آزمائي ڪيائين. حليم الطبع، صلح پسند، هر دلعزيز ۽ خوش اخلاق هو. نظم ۽ نثر جي اٽڪل ٽي سؤ کن ڪتابن جو مصنف ۽ مترجم وغيره ٿي گذريو آهي، جن ۾ ڪي ڇپيل ۽ ڪي اڻ ڇپيل آهن. سندس انتقال 3 جولاءِ 1929ع ۾ ٿيو.

## ڪلام[294]

### (حضرت مخدوم امين محمد صاحب جي تتبعَ تي)

دَرَدن جو دِل ۾ دلبَر، ڏونهون اچي ڏکايو
محبّت جو مَچُ مَچائي، جيرو جگر جلايو.

هَٽَ سان ڦٽيو حَبِيبَن، ، ٽوڙئون تَڙيو طبيبَن،
قُربئون کُهي قريبَن، ساڙڻ جو ڪيو ٻہ سعيو.

جن سان رکي محبت، تِن تي وجهي مصيبت،
رَحمت جي لاءِ زحمت، سَودو ڪري سَوايو.

---

[293] مخدوم طالب المولي، يادِ رفتگان، ص: 76_77.
[294] يادِ رفتگان، ص: 77.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 178



سُوريءَ تي ڪر چڙهائي، ٻڪريءَ جان ڪي ڪَلائي،
ڪي گَرٿَ سان حيرائي، ڪِن ڪي وِجهي ڪُهايو.

لَذت اچي تي جِن کي، سُورن کي تا سِڪن سي،
ڪارڻ ڪُسڻ جي پِڙ تي، گردن آچن جُهڪايو.

جي عشق توکي آهي، وَڃُ تون ”قليچ!“ ڪاهي،
سِرُ ڏي هَٿن سان لاهي، پورهيو ٿِيئي سَجايو.

## 9: قاضي يار محمد قريشي[295]

پروفيسر چنا، ڪليات، امين ۾ لکيو آهي تہ:

”اسان جي محترم اديب دوست، قاضي غلام محمد صاحب، ساڪن هالا پراڻا، مرحوم قاضي يار محمد صاحب جي باري ۾، جو ڪجھ لکي موڪليو آهي، اهو درج ڪجي ٿو:

”تاريخ ولادت متعلق ڪو بہ تصدّيق وارو احوال معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو قاضي محمد روشن هو. سندن نسب ٿين پيڙهيءَ ۾ قاضي محمد قابل هالن پراڻن واري سان وڃي ملي ٿو. هي ”هالن پراڻن وارن قاضين“ جي نالي سان مشهور آهن. ڪين ڪو بہ اولاد ڪو نہ ٿيو. تاريخ وفات 25 _ شعبان المعظم 1316هہ بمطابق 8 جنوري 1899ع ڏينهن آچر آهي. سندن زندگيءَ جا بيا ابتدائي احوال اسان کي معلوم ٿي نہ سگهيا آهن تہ پاڻ، سرڪار جي ڪهڙي ملازمت ۾ هئا. آخر عمر ۾ ڪين پينشن ملندي هئي، جنهن مان خير جو گذارو ڪندا رهندا هئا. فارسي تعليم نهايت اعليٰ ورتل هين ۽ پاڻ فارسي شعر بہ چيو اٿن، جو زماني جي دستبرد ڪري دستياب ٿي نہ سگهيو آهي. ان وقت، سندن هڪ ويجهو عزيز، قاضي ابو المعالي، هڪ وڏو اديب ۽ شاعر موجود هو جنهن سان سندن ادبي محفلون نهايت آب و تاب سان ٿينديون هيون. مرحوم قاضي عبدالمعالي فارسيءَ جو مستند عالم هو جنهن جو ڪلام فارسيءَ ۾ موجود هو. پر هاڻي عنقا وانگر غائب آهي.سندن تاريخ وصال اڳ آيل آهي. قاضي مرحوم يار

[295] ڪليات، امين، ص: 61 کان 68.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 179


محمد صوم صلواة جو بيحد پابند هو. جيئن تہ هالن پراڻن وارا قاضي صاحب اصل کان حضرت مخدوم نوح ﷫ جن جا مريد هئا، تيئن ان وقت سائين پکن ڏٽيءَ جي زماني ڪري، قاضي صاحب بہ پنهنجي مرشد سان حد ڪمال محبّت ۽ عقيدت رکندو هو. اڪثر سندن حاضريءَ ۾ رهندڙ هو. هڪ دفعي جي روايت آهي تہ، قاضي صاحب دستوري طرح، سائين پکن ڏٽيءَ جن جي خدمت ۾ ويٺو هو. اوچتو سائين پکن ڏٽيءَ، هڪ نظر فيض اثر ڏانهنس ڪئي، بس هيءَ نظر نہ هئي، ڪو راز هو يا الست جو آواز هو. نظر سان اچي اکين مان آب وهيو. پاڻي هو يا عشق جي برسات هئي، سا خبر تہ طالب ۽ مطلوب کي. ان بعد پاڻ .سائين پکن ڏٽيءَ جي شان ۾ سنڌي ڪلام چيو اٿس، جو سروري توڙ ۾ "ڏهر قاضي يار محمد" جي نالي سان مشهور آهي. ان بعد ايترو معلوم ٿيو آهي تہ هميشہ سندس اکيون آليون رهنديون هيون. سندس اندر جا آلاپ هيٺين طرح پيش ڪجن ٿا:[296]

(1)

رمز راهوندين جي، مون کي ماريو ماءُ،
وهڻ مون وِه ٿيو سُتي اچي نہ ساءُ،
ڪوجو وريو واءُ، جو ڏکيو ڏونهون درد جو.

(2)

ڏکي ڏونهي درد جي، مَگُر مچايو
بنان ساجن سيڪنهن، سار ٿي سجهايو
ديرو دمايو، اچي مورت من ۾.

(3)

مورت رهي من ۾، باقي ڪين بچيو
"كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّاوَجْهَهُ". انهيءَ رمز رسيو
جڏهن سائينءَ سبب ڪيو تڏهن گر کي رسيو گودڙيو.

---

[296] ڪليات امين ۾ قاضي صاحب جا جملي 29 بيت ڏنل آهن جن مان هتي بيت نمبر 1 کان 5 ڏجن ٿا باقي ابيات لاءِ ڏسو ڪلياتِ امين، ص: 63 کان 68.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 180



(4)

گر ڪي رسيو گوڏڙيو، رڙهي ۾ راهوند،
سدا سارنگ جڻن وسي، سنڌي برهه بوند،
هلي ڏسي ڪو هوند، ته موٽڻ جي مس ڪري

(5)

رهن جي راهوند ۾، تنين وڏو ڀاڳ،
قادر ڪرم سان ڪري، منهنجو اتي ماڳ،
سَريو تن سهاڳ، رهن جي راهوند ۾.

## 10: آخوند الله بخش انصاري [297]

هي آخوند صاحب هالا نوان شهر جي صادقاڻي مُلن جي خاندان مان آهي. اهو خاندان، جناب حضرت مخدوم صاحب جي ڪوٽ جي ٻاهرين ڏاڪڻي پر ۾ متصل ساڪن آهي، يعني سنڌن قريبي پاڙي وارا آهن. هن آخوند صاحب جو ڳچ احوال اسان کي معلوم ٿي نه سگهيو پر ڪجهه، سندس سپوت پوٽي، حڪيم حافظ عبدالڪريم صاحب [298] کان معلوم ٿيو آهي، سو درج ڪجي ٿو. باقي سندس ڏهر، سي ته اڳ ۾ ئي سروري ٽوڙن ۾ مشهور آهن.

آخوند الله بخش ولد آخوند حاجي محمد قابل، سائين پکن ڏٽيءَ جو سچو ساٿياري ۽ مريد هو. اهو حال، سندس ڪلام "وِرهه جي ورلاپن" مان معلوم ٿيندو. جي هن صاحب، سائين پکن ڏٽيءَ جي وفات بعد چيا آهن. شريعت جو پابند، صوم و صلواة تي مستحڪم ۽ روحانيت جي ريجهه جو راٽو هو. پاڻ ڏينهن ۽ رات ذڪر ۽ فڪر جي صحبت ۾ گذاريندو هو. الله جي نيڪ ٻانهن وانگر پنهنجو پيٽ گذران هٿ جي پورهئي وسيلي ڪندو هو. انهيءَ ڪري سندس ڏينهن جو ڪجهه وقت، ٽوپ سبڻ ۽ تيل ڪڙي جي سودڻ ۾ گذرندو هو. آخوند مرحوم جي وڏي پوٽي، آخوند الله بخش (جنهن تي سندس نالو پيل آهي) کان معلوم ٿيو ته آخوند مرحوم جي وفات، سندس تولد ٿيڻ کان هڪ سال اڳ

[297] ڪلياتِ امين، ص: 56 کان 61 تائين.

[298] حڪيم حافظ عبدالڪريم انصاري 1900ع ۾ ڄائو ۽ 1988ع ۾ وفات ڪيائين.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 181



تي آهي. آخوند الله بخش جي ولادت 1897ـ1898ع جي وچ ڌاري مطابق 1315ھ تي آهي. ان حساب موجب، اسان جو وڏو آخوند صاحب 1897ع مطابق 1314ھ ڌاري فوت ٿيو آهي. آخوند الله بخش جو ڪلام:[299]

(1)

خالق خاوند خلقٺهار، جنهن خلق ۾ خلقيو ملڪ مهندار،
تنهن نانءُ نبي جو آهي نروار، تنهن کي ساري صحيح سنيار۔
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(2)

جهنگ "هئڙ" جو وڏ تون واڍا، ڪُهڙ ڪيپي ڪر ڪرڙا ڪاندا،
ڏئينس باهه برهه جا ٽاندا، تنهن ۾ پاڻ ٻيائي ٻار۔
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(3)

ٻاجهه سان ٻانها ٻنا ٻڌُ، دَغا ڏڙيءَ جو پٽي هَنڌ،
ڪوڙ هڻ، ڪري هيٺ ڪنڌ، سِنا سڌاري سنئين سنوار۔
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(4)

هيٺ مٿانهين ڪر هڪجيهي، مِنو پاڻ پنجهو وجهه ويهي،
نهورَ ڪيڊ نئين تون نيهي، سخت زمين کي ترچي تار۔
هاري، ڪر موچاري ڪار!

(5)

اڏون نائڪا ٽُڪيو ٿاهه، نارُ تنهين تي نينهن جو واهه،
رُوڙ اُٿل جو ڊپ نه لاهه، پاٽي اجايو هار مَ هار۔
هاري، ڪر موچاري ڪار!

[299] باقي ڪلام لاءِ ڏسو ڪلياتِ امين، ص: 56 کان 61 تائين.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 182


(6)

حُبَ جو هاري هر جوڙاءِ، غم جو گهوبو تنهن جو گهڙاءِ،
فڪر جو ڦار اُتِس ڦهڪاءِ، محبّت جو منجهه اَنّ چِٽار۔
هاري، ڪر موچاري ڪارا!

(7)

”امين محمد“ جي واهه اراضي، شهر چڏي ٿيو پڪن تي راضي،
”الله بخش“ اُت خاص نيازي، سنگ صفا ڪر نفس جو جهار۔
هاري، ڪر موچاري ڪارا!

## 11: سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو[300]

سنڌ جي هڪ انمول هستي، سيٺ وشنداس ولد سيٺ نهالچند پاروائي مانجهوءَ وارو سائين پڪن ڏٽيءَ جو ڏٽيءَ ڏوتل دربار جو هڪ رتن هو. سيٺ وشنداس جو جنم سن 1843ع ۾ ڪوٽڙي تعلقي جي مانجهوءَ ڳوٺ ۾ ٿيو. سيٺ وشنداس جو پتا سيٺ نهالچند_لکميچند. هڪ واپاري هو، پر ساڳئي وقت هڪ درويش ۽ شاعر هو. سندس ڪيترا سارا مريد هئا. سکر جو درويش شاعر بچل شاهه پڻ سيٺ نهال جو مريد هو. سيٺ صاحب کي مريد، صدق ۽ لاڏڪوڏ وچان، ”ڀڳت نهال لال“ ڪري سڏيندا هئا.

ننڍپڻ ۾ سيٺ وشنداس جون ڪچهريون، سندس باغ ”بلاس“ ۾ ڪيترن مهنتن پنڊتن سان ٿينديون هيون، جنهن ڪري ننڍي هوندي کان وٺي، سندس طبع ۾ ويراڳ جو سلو پيدا ٿيو جنهن هن کي وطن جا وڻ ڇڏائي، ڳوٺ جليانوال ضلعي قصور پنجاب ۾ ستگر گلابداس جي چرنن ۾ پهچايو. مرشد جي روحاني رنگ، سيٺ وشنداس تي گهرو اثر ڪيو جنهن ڪري پاڻ فرمايو اٿس:

انئي پهر عجيب جي، ارواح سان من لڳو
سنگ ساجن شاهه جي، ڀَوَ ڀرم سڀ ڀولو ڀڳو.

پاڻ روحاني اپياس ۾ پيڙ تي، هينئن ٻولڻ لڳو:

---

300 ڪلياتِ امين، ص: 80/79/78

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

"نامئن هندو، نامئن تُرڪا، نامئن پنڊت قاضي ري،
نامئن سيد، شيخ، مُسلا، نامئن پيا غازي ري،
سچ بات مي اوران اوري، بيڪ بني سپ بازي ري،
"وشنداس" جب آپ پچانيا، سرور رنگ ۾ رضي ري

وشنداس کي مرشد پاران موڪل ملي. پارهن مهينن جي عرصي بعد، ڳوٺ پهتو. سنڌس ديانت ۽ سچائيءَ جو ناماچارو وڌي ويو. انهيءَ زماني ۾ هالن جا پير حضرت مخدوم امين محمد صاحب اڃا ننڍي عمر جا هئا. حضرت مخدوم صاحب جن جي ڏيڏيءَ تان وشنداس کي آڇ ٿي ته عام مختيار ٿي سنڌن سمورو ڪاروبار هلائي. وشنداس آڇ قبولي، سنڌن ڪاروبار ۾ مصروف ٿي ويو. تمام ديانتداريءَ سان نوڪري ڏنائين. سنڌس ديانت جون ڳالهيون ضرب المثال آهن.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سائين پکن ڏٺي رات جو 11_12 بجي ڏاري ننڊ مان اٿي ڳناس پاڻي پيئڻ لاءِ گهريو. جيتر ديوان صاحب پاڻي آندو، تيتر پکن ڏٺي ننڊ ۾ سمهي رهيا. ديوان صاحب پاڻيءَ جو گلاس ترڻيءَ تي جهلي بيهي رهيو. جڏهن سائين صبح جو نماز تي سجاڳ ٿيو ته هڪ ماڻهو پاسي کان بيٺل ڏٺائين. پڇيائونس ته ڪير آهين؟ جواب مليو "قبله غلام وشنداس" پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ دعا ڪندي چيائون ته "تون سيٺ وشنداس آهين." پاڻ به ان وقت کان وٺي کيس "سيٺ وشنداس" سڏيندا هئا. پکن ڏٺيءَ جي وصال بعد، ٿوري وقت اندر نوڪري ترڪ ڪري، وڃي پنهنجي ڪاروبار کي لڳو ۽ ٿوري وقت اندر سنڌ جو ناميارو "سيٺ" ٿي ويو. هن جا ڪارخانا ۽ مشينون باڍهه، ڪنڊو، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ برڪ هئا. سخاوت جو به سائين هو پنگتي سڏارن ۾ به هڪڙوئي هو سنڌس سماجي خدمتون خاصيتون آهن.

سنگيت جو ڪوڏيو هو. هن وٽ راڳ روپ جون محفلون گرم هونديون هيون. هن وٽ هِدُوخان ۽ ان جو پٽ سينڌو خان مکيه گويا ٿي گذريا آهن. مرحوم سينڌو خان هڪ بهترين خوشنويس، شاعر ۽ موسيقي، جو ماهر هو. هن پنهنجي حياتيءَ جا آخرين لمحات قبله طالب المولٰي سان گذاريا. موسيقي ۾ سنڌن رهنمائي ڪري، پاڻ 1948ع ۾ [301] گذاري ويو ۽ "محمد

[301] استاد سينڌي خان جو انتقال 1948ع تي نه بلڪ 8 فيبروري 1942ع تي ٿيو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 185



"سهيل عرف سيلو هڪ سروري درويش ۽ سيلاني فقير هو. فقير هميشہ سير و سياحت جو ڪوڏيو رهيو ان ڪري ڪيس سڀ "سيلاني" سڏيندا هئا. فقير صاحب، ذات جو "منگريو" هو سندس مڪان، هالن کان اوير ۽ اتر طرف هالا براج وٽ، ميل - سوا تي آهي. اهو فقير صاحب، ميان مگيلڏي ولد ميان الهہ اوياڻي[304] وڏي جو صحبت يافتہ هو ڪيس فيض بہ اتانهون مليو هو. سيلاني فقير جي صحبت ۽ مجاهدي، رياضت ۽ سلوڪ متعلق حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر صدّيقي ﷀ ڪان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن، ميان مگيلڏي جن وٽان، ڪين هدايت ٿي تہ:

"فقير، هاڻي وڃي روتيءَ رڙيءَ جي ڪجي!"

سندن اها هدايت بہ مجاهدي لاءِ هئي. ان هدايت تي، فقير صاحب رخصتياب ٿي، اچي بني ڪئي. جيستائين سندس پوک پچي تيار ٿي، تيستائين "فقر" ڪري، ان تي گذران ڪندو هو. آخرڪار ان مجاهدي مان بہ "فقير" سيلاني پار تيو ۽ سروري ٽوڙم "خلافت" حاصل ڪيائين.

امين محمد سائينءَ جي ملاقات ۽ صحبت متعلق روايت آهي تہ "هڪ پيري امين سائين، فقير صاحب وٽ گهي ويا. اتي وڃي ڪين عرض ڪيائون تہ اسان سان بہ "حال ونڊجي" فقير صاحب، تاڏل (پنگ) گهوٽيل مان ڪجھ ڏيٽوڪيو پر پاڻ فرمايائون تہ اسان ڪي شريعت شريف مطابق گهرجي، فقير ڳاڙهي مُستيءَ جو شربت پيش ڪيو جنهن مان تي سُرڪيون پريائون، پهرين سرڪ پرڻ ڪان پوءِ اُتي جي ماحول جي غيبي معاملات جو ڪشف ٿيڻ لڳن، بي سرڪ پرڻ ڪان پوءِ، مڪاشفي ۾ تيزي محسوس ٿين، ٽين سرڪ ڪان پوءِ، ڪشف جي واردات ايتري وڌي وِين، جو هالن ڏانهن واپس ورنديء، واٽ تي هڪ حامله عورت ڪي فرمايائون تہ توکي پُٽ آهي اڳتي هلي. سندن اهو ڪشف سچو نڪتو ۽ ان عورت ڪي واقعي پٽ ڄائو."[305]

---

[304] پير ميان مگيلڏو ولد ميان الهہ اوياڻو حضرت پکن ڏٽي ﷀ جن جي ڏاڏي حضرت مخدوم امين محمد ثاني ﷀ جن جي چاچي حضرت پير ميان مگيلڏي جي اولاد مان هو سندس سلسلہ نسب هن طرح آهي: پير ميان مگيلڏو بن الهہ اوياڻو بن مگيلڏو بن ميان مٺن عرف عثمان بن حضرت مخدوم محمد زمان ﷀ.

[305] اها روايت، حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب الموليٰ" سجّاده نشين حضرت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 186



فقير سهيل جي پهرين صحبت، "سروري امانت" کي حضرت امين سائينءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ڪافي ثابت ٿي ۽

"آنان که خاک را به نظر کیمیا کنند۔"

"آخرڪار سروري امانت، امين سائينءَ کي سونپي، سيلاني رمندو رهيو. سهيل فقير، 18 ربيع الآخر 1302هه مطابق 4 فيبروري 1885ع جو وفات ڪئي، يعني امين سائينءَ کان فقط هڪ سال اڳ، فقير صاحب کي سندس مرشد غوث الحق حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي درگاهه ۾ ڏاکڻي چوڪنديءَ جي هيٺئين پڙ ۾ ٻيءَ قطار ۾ دفن ڪيو ويو."

## 13: منٺار فقير راجڙ[306]

(1865_16 جنوري 1935ع)

منٺار فقير ولد قبول محمد ذات راجڙ، ڳوٺ ڪاٺي راجڙ، تعلقو ڪپرو ضلعو سانگهڙ سنڌ. مرحوم جي طبيعت ننڍي هوندي کان وٺي فقيريءَ ڏي مائل هوندي هئي. سندس آباءَ و اجداد حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷬ جا مريد هئا ۽ پاڻ حضرت غوث الحق﷬ جي ٽيرهين سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد امين صاحب "امين" ﷬ جي هٿ تي بيعت ڪيائين. هڪ سچو طالب ۽ فقير ٿي پيو. پنهنجي مرشد جي وفات بعد، بيحد اُداس ٿي پيو ۽ سندس ڏينهن سخت بيچينيءَ ۾ گذرڻ لڳا. هڪ رات پنهنجي مرشد کي خواب ۾ ڏٺائين. پاڻ ڪيس هڪ ڪاغذ ڏنائون ۽ چيائونس ته: "پڙهه!" فقير چيو ته، "اڻپڙهيل آهيان!" پاڻ وري چيائونس ته، "توکي پڙهايون ٿا ۽ پڙهه!" پوءِ پاڻ لکيل اکرن تي آڱر رکندا پڙهندا هليا ۽ فقير به اهي لفظ چوندو ويو. صبح جو فقير کي اکرن جي شناس هئي ۽ ڪوشش سان سنڌي لکڻ پڙهڻ ۾ چڱو ٿي ويو ۽ پنهنجي وقت ۾ شاعر به چڱو ٿيو. هي اها ڪافي هئي جا فقير کي خواب ۾ پڙهائي ويئي:

لاهي ويهه مَ لڏ، هل ته پهچين هوت ڪي!

---

غوث الحق نوح ﷬، بيان فرمائي آهي. (ڪلياتِ امين).

306 ڪلياتِ امين، ص: 72 کان 74.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 189



پهچان مان "پريل" چئي، ماءِ سنياسين سينئن،
ڏني تيرِم ڏينهن، ڪينر ڪاڙين جا.

(2)

ظ ظهوريءَ يار جي، راهوند رچايو
ان ڪي مڃ مجاز جو الستئون آيو
هلڻ جو هنگلاج ڏي، راول ڪي رايو
"پريل" پچائيو اندر عشق عجيب جو.

(3)

ف فياضي ڳالهڙيون، دل ڪان ڪر مَ دور،
فهم فڪر ڪان ڪيو آديسين عبور
ادني ڪان اعلي رسي، نرمل ٿيا نُور،
"پريل" تنهنجو پور دردئون پوي دل ۾.

## 15: فقير پريل نوشهرائي[309]

پير ميان قربان علي ولد ميان جمال الدين عرف فقير "جمال نوشهرائيءَ کان، جو فقير صاحب بابت احوال معلوم ٿيو سو هي آهي: فقير ميان محمد پريل ولد ميان غلام محمد، حضرت مخدوم عبدالرحمان گيندائي نوشهرائيءَ جي خاندان جو فرد فريد هو. جيئن سندس خاندان اصل نقيراڻو هو تيئن ان صاحب بہ فقيريءَ جي پاڪ پيروي اختيار ڪئي. هي صاحب حضرت مخدوم صاحب هالن واري جي خليفن مان هو. انهن ڏينهن ۾ حضرت مخدوم امين محمد سائين سجّاده نشين هوءِ فقير صاحب سندن معتقد مريد، حڪيم ڪمال وارو ۽ شاعر شعور وارو هو. سندس ڪلام تہ گهڻو پيو ٻڌجي، پر هت ڪجهہ قبل طالب المولي ۽ حاجي محمد بچل جلباڻي کان معلوم ڪري ۽ سيد فاضل شاهہ واري ڪافين جي ڪتاب مان چونڊي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان:

[309] ڪلياتِ امين، ص: 71_72

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 190


## بيت

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ٻَر ۾ ٻني چاڙهہ،
جيرا جگر ڦوڙهي، ڦقڙ ڦوڪي ڀار
پسجين دوستاڻي دربار، انهيءَ پر ”پريل“ چوي

## ڪافي

اکيون ڪين مڃين، ڪنهن جون متيون،
جيڪي رمز سڄڻ جيءَ منجهہ رتيون،
اکيون عشق واريون عريان ٿين، سر گوئي تي ميدان ڏين،
ڳوڙهيون ڪين مڃن، ڪنهين جون ڳتيون.
جڏهن عشق اچي امام ٿيو تڏهن هوش عقل حيران ٿيو
جيڪي پرت رکن، تن کي ڪري پتيون.
جيڪي مچ ڏسي مستان ٿين، سي تہ ”پريل“ چوي پروان ٿين،
سي تہ نرڻ مشڪل، آهن توڙ تتيون.

## 16: فقير علي بخش پتو[310]

(1251_1319هـ/1836_1902ع)

علي بخش فقير پتو، ساڪن هالا. پکن ڏٽيءَ جي خاص حاضريءَ جو ملازم ۽ درويش صفت ماڻهو هو. سندس مڪان (اوتارو)، اڄ تائين هالن ۾ موجود آهي. علي گنج واهہ جي ڏاکڻين ڪپ تي، درگاهہ جي اُتر ۾ اهو واقع آهي. سندس والد جو نالو امام بخش هو. سندس خاندان اصل پناڻ جي ملڪ جو ٻڌڻ ۾ تو اچي. سندس وڏا بازداري جو ڪم ڪندڙ هئا. ان سبب، سندن رهائش حضرت مخدوم نوح ﷫ جن جي اولاد سان ٿي ۽ ان جاءِ تي رهڻ ٿين. جتي اصل درگاهہ هئي. سندن هجرت سبب، پناڻ خاندان بہ ساڻن گڏجي، هت هالن نون ۾ آيو.

---

[310] ڪلياتِ امين، ص: 74_75

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 192



## 17: قاضي عبدالله پورگر[314]

هالا شهر جي باشندن مان، جي سائين پڪن ڏٽيءَ جا مقرب ۽ معتقد هئا. انهن مان قاضي صاحب بہ هڪ آهي. قاضي صاحب، پورگرن جي خاندان مان هو ۽ تمام متقي ۽ صوم صلوات جو پابند رياضتي بہ هڪڙو هو. ميان محمد دائود پورگر، جنهن جي عمر هن وقت اٽڪل پنجهتر ورهيہ آهي، ان کان معلوم ٿيو تہ آخوند عبدالمجيد مجاور، قاضي صاحب وٽ، مسجد شريف ۾ پڙهائيندو هو. مرحوم قاضي صاحب، آخوند وٽ هر وقت مراقبي ۾ وينو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پڪن ڏٽي، پنهنجي فرزند حضرت مخدوم ظهير الدين صاحب سان گڏ، مرحوم قاضي صاحب وٽ صحبت لاءِ پڻ ويندا هئا. جڏهن قاضي مرحوم جي شادي ٿي هئي، تڏهن پڪن ڏٽي، خاص طور وٽس مستورات سميت ويا هئا. آخري عمر ۾ قاضي صاحب حج تي ويو ۽ مديني منوره ۾ 1307هہ (مطابق 89_1890ع)[315] ۾ وصال ڪيائين.

### واقعاتي تاريخ:

(1269_1303هہ/1852_1886ع)

1852ع

2/1 _ ڊسمبر:

حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه، 13 _ سجّاده نشين جي حيثيت ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي گادي تي وينا (19 _ صفر 1269هہ). پاڻ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 12 _ سجّاده نشين، حضرت مخدوم محمد زمان رابع جا وڏا فرزند هئا.

1853ع

17 _ فيبروري:

فقير محمد يوسف اڳڙو عرف 'نانڪ يوسف' گذاري ويو

[314] ڪلياتِ امين، ص:.76

[315] تقويم هجري قلمي، ص: 88.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 194


## 1859ع

2_ فيبروري:
محمد حسن 'بيڪس' روهڙائي جي ولادت ٿي (28_جمادي الثاني 1275هه).
"بيڪس" سنڌ جي ناميارِي صوفي ۽ شاعر فقير عبدالقادر عرف قادر بخش
'بيدل' جو فرزند هئو.

18_ فيبروري:
پير سيد محمد ياسين شاهه راشدي, جهنڊي واري جو وصال ٿيو (15_ رجب
1275هه). "پهرين ڪين ڳوٺ راڄو خاناڻي ۾ دفن ڪيو ويو. هڪ سال گذرڻ
بعد سنڌن وڏي فرزند پير فضل الله شهيد سنڌن جسم اتان ڪيڏرائي شاهه
شريف جي مسجد جي اتر پاسي دفن ڪرايو."

## 1860ع

5_ اپريل:
مولانا مخدوم غلام محمد ملڪاڻي جي ولادت ٿي (14_رمضان 1276هه).

18_ اپريل:
مولانا حاجي محمد هالائي بن آخوند محمد اسماعيل بن آخوند دين محمد
جي ولادت ٿي (27_ رمضان 1276هه).

29_ سيپٽمبر:
پير محمد اشرف شاهه ڪاماري واري جو وصال ٿيو (14_ ربيع الاول
1277هه). سندس ولادت 1214هه/1799_1800ع ۾ ٿي. پاڻ پير محمد غوث
جو فرزند هئو سندس ڳوٺ ۾ آخري آرام گاهه ڪامارو شريف, تعلقي ٽنڊو
الهيار ضلعي حيدرآباد ۾ آهي.

16_ ڊسمبر:
مرزا خسرو بيگ جو انتقال ٿيو (3_ جمادي الثاني 1277هه). "مرزا خسرو بيگ
ايران کان خريد ٿي مير ڪرم علي خان ٽالپر وٽ بطور غلام آيو جنهن ڪيس
پالي, آزاد ڪري, اميري جي منصب تي پهچايو. خسرو بيگ, سيني علومن ۾

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 195



طاق هو. طب سان بہ خاص شغف هئس ۽ انهيءَ فن ۾ 'طبِ خسروي' جي نالي سان ڪتاب مرتب ڪيائين. جيڪو سندس خاندان ۾ محفوظ آهي.

1861ع

13_ مئي:

نارٿ ويسٽرن ريلوي "North Western Railway" ڪراچي کان ڪوٽڙي جي درميان پهريون دفعو 169 ڪلوميٽر لائين جو آغاز ڪيو.

28_ سيپٽمبر:

پير علي اصغر 'علي' شاهه راشدي جي ولادت ٿي. سندس تخلص 'علي' هئو.

4_ نومبر:

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمه الله جي 14_ سجّاده نشين مخدوم محمد زمان سرڪار جي ولادت ٿي (1_ جمادي الاول 1278هه). پاڻ حضرت مخدوم محمد امين ثالث عرف پکن ڌڻي رحمه الله جن جا وڏا فرزند هئا. سندن وصال 1913ع ۾ ٿيو.

1862ع

6_ اپريل:

الحاج الحافظ خواجہ محمد حسن جان تنڌار ۾ ڄائو (6_شوال 1278هه). پاڻ حضرت خواجہ عبدالرحمان رحمه الله جو وڏو فرزند هئو.

Gul Hayat Institute

12_ مئي:

مرزا دوست محمد بيگ 'دوست' ولد مرزا علي بخش بيگ ڄائو.

4_ آگسٽ:

پير سيد شاهه مردان شاهه اول جي ولادت ٿي (7_ صفر 1279هه).

1863ع

3_ مارچ:

مولوي غلام رسول عرف محمد هاشم شڪارپوري ڄائو سندس تخلص 'هاشم' هئو. مولوي غلام رسول، حضرت رئيس العارفين خواجہ امين

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 196


چشتي ﷫ جي خليفي، مولانا حافظ صاحبڏني چشتيءَ جو پڙپوٽو هئو.

11_ مارچ:

ميجر جيمز آئوٽرام جو فرانس ۾ لاڏاڻو ٿيو.

23_ مارچ:

ساڌو هيرانند حيدرآباد ۾ جائو ”سنڌ سڌار“ جو ايڊيٽر هئو.

28_ آڪٽوبر:

صاحب شريعت حضرت مخدوم محمّد ظهيرالدين ﷫ جي ولادت ٿي (15_ جمادي الاول 1280هه). پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جي 13_ سجّاده نشين مخدوم محمد امين ثالث ﷫ جا ٻيو نمبر فرزند ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جا پندرهون نمبر سجّاده نشين هئا. ڪين ”محمد پريل جام“ ۽ ”پرو جام سائين“ جي نالن سان پڻ سڏيو ويندو هئو.

5_ ڊسمبر:

سنڌ جي پهرئين ڪمشنر سر بارٽل فريئر، مير يار محمد بن مير مراد علي خان وٽ وڃي ٽالپرن جي عهد جي تاريخ لکڻ لاءِ فرمائش ڪئي، جنهن تي مير صاحب 1279هه/1862_1863ع ۾ ’فريئر نامو‘ لکيو.

1865ع

3_ جون:

جارج _V لنڊن ۾ جائو سندس پورو نالو جارج فريڊرڪ ارنسٽ البرٽ هئو. 6_ مئي 1910ع تي برطانيا جي تخت تي ويٺو. سندس تاج پوشي واري رسم 22_ جون 1911ع تي ٿي.

5_ جون:

فولاد علي فقير شر تولد ٿيو (10_ محرم 1282هه).

26_ آڪٽوبر:

صوفي حمل فقير سندس شجرو تحرير/قلمبند ڪيو (5_جمادي الثاني 1282هه).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

1866ع

18_ جنوري:
ڪيمچند امرت راءِ مير چنداڻي، پرمانند ميوارام سان گڏ ڪرسچن ٿيو. سندس عيسائي نالو 'ٿامس' ۽ پرمانند جو نالو 'فيلڪس' رکيو ويو. پاڻ حيدرآباد جي 'پرڀات' ۽ 'سنڌ واسي' جو ايڊيٽر ٿي رهيو.

22_ مارچ:
پير علي محمد قريشي غوث پوٽو گذاري ويو (5_ ذوالقعد 1282هه).

14_ اپريل:
دارالعلوم ديوبند جو افتتاح ٿيو.

13_ آگسٽ:
مير امام بخش خان ٽالپر کي بمبئي قانون ساز ڪائونسل ۾ نشست ملي.

29_ سيپٽمبر:
پير امام بخش شاهه قريشي بڪيرائي جو وصال ٿيو (14_ جمادي الاول 1283هه).

1867ع

16_ جولاءِ:
پير علي محمد شاهه بن پير صبغت الله شاهه 'تجر ڏني' جو وصال ٿيو (14_ ربيع الاول 1284هه).

Gul Hayat Institute

1868ع

21_ آڪٽوبر:
اميد علي شاهه ولد نظر محمد شاهه جو ٽنڊي محمد خان ۾ انتقال ٿيو (5_ رجب 1285هه). سندس اصل رهائش اگهيم ڪوٽ اگهاماڻن ۾ هئي.

30_ نومبر:
علامه اسد الله شاهه ٽکڙ ۾ جائو (15_ شعبان 1285هه). پاڻ حڪيم، حاجي حافظ قاضي ۽ شاعر ٿي گذريو. سندس تخلص 'فدا' هو. 'خلافت تحريڪ' جي اڳواڻن مان هو ۽ 'بهارِ اخلاق' رسالو جاري ڪيائين.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 198



## 1869ع

15_ فيبروري:

مرزا اسدالله خان ’غالب‘ (جم 1797ع) جو دهليءَ ۾ انتقال ٿيو.

بیدادِ عشق سے نہیں ڈرتا مگر، اسد
جس دل پہ ناز تھا مجھے وہ دل نہیں رہا۔

2_ آڪٽوبر:

موهن داس ڪرم چند گانڌي ڄائو.

## 1870ع

21_ فيبروري:

نواب احمد خان جي وفات ٿي. پاڻ وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو فرزند هو.

21_ اپريل:

سيد علي محمد شاهه دائري واري جو انتقال ٿيو (19_ محرم 1287هه).

18_ مئي:

فاتح سنڌ، مير فتح علي خان ٽالپر جي شهزادي، بيبي بلقيس جو انتقال ٿيو (16_ صفر 1287هه). ”اڄ به ڪيترا ڪتاب نظر مان گذرن ٿا. جيڪي ان بلند اقبال ۽ پاڪيزه ذوق واري سنڌي شهزاديءَ پنهنجي خاص ڪتب خاني لاءِ نهايت اهتمام سان نقل ڪرايا هئا. انهيءَ شهزادي جو عقد مير نور محمد خان سان ٿيو.“

Gul Hayat Institute

## 1871ع

13_ جنوري:

سيد حاجي محمد حافظ شاهه اڳئين تڪڙ ۾ ڄائو. پاڻ سيد الهه بخش شاهه جو چوٿون نمبر فرزند هو (20_ شوال 1287هه).

9_ جون:

مخدوم عبدالرحمان پنهنجي والد مخدوم محمد هاشم جي فارسي ڪتاب ”حيات العاشقين يعني مناسڪ حج“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 199


محمدي ڇاپخاني بمبئي مان شايع ٿيو (20۔ ربيع الاول 1288ھ).

17۔ جولائي:

نواب حاجي غلام حيدر خان. ڳوٺ تاجپور ضلعي حيدرآباد ۾ چائو. پاڻ نواب ولي محمد فقير جو فرزند هو.

1872ع

10۔ مارچ:

امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه. چيانوالي ضلعي سيالڪوٽ ۾ ڄائو.

1873ع

15۔ جنوري:

فقير عبدالقار 'بيدل' جو انتقال ٿيو (16۔ ذيقعد 1289ھ). ڪيس قادر بخش پڻ سڏيو ويندو آهي. سندس والد خليفو محمد حسن هئو. "فقير قادر بخش 1230ھ/1814ع ۾ ڄائو. سندس ڇٺيءَ جو نالو عبدالقادر رکيو ويو مگر پاڻ، پيران پير دستگير حضرت غوث الاعظم سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي احترام سبب قادر بخش سڏائڻ لڳو. بيدل فقير جو شجره نسب حضرت غوث بهاءالحق زڪريا رحمة الله عليه سان ملي ٿو. سپ ڪان پهريائين سندس ڏاڏي حضرت عبدالقادر قريشي ملتان مان هميشه لاءِ لڏي اچي روهڙيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. بيدل فقير سپ ڪان اڳ هڪ فارسي غزل چيو جنهن جي مصرع هن طرح آهي:

زاہد از مسجد یکبار بہ میخانہ در آ

عہد و پیمانہ شکن طالب پیمانہ در آ۔

فقير بيدل رحمة الله عليه جي مزار هاءِ اسڪول روهڙيءَ جي پرسان آهي.

9۔ سيپٽمبر:

بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو اجلاس شروع ٿيو جيڪو 9۔11۔13۔17۔25۔26۔27۔29 کان 30۔ سيپٽمبر تائين هليو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 200



## 1874ع

24_ جنوري:

ويرومل بيگراج، سکر ۾ ڄائو. شري گوڪلداس جي صحبت ڪيس سياست ۾ وٺي آئي.

13_ مارچ:

مولوي محمد صادق، ڪڏي وارو تولد ٿيو. (25_ محرم 1291ھ).

## 1875ع

20_ جون:

پير ميان خدا ڏنو شاھ ولد پير ميان امام بخش رضوي نصرپور ۾ ڄائو. سندس اصل نالو بنده حسين شاھ هو. پاڻ حضرت سيد غلام حسين شاھ عرف گل پير رضوي جو 3_ نمبر سجّاده نشين هو. سندس وصال 1938ع ۾ ٿيو.

## 1876ع

11_ جنوري:

مير سهراب خان ثاني 'مسڪين' ولد مير محمد حسن خان ٽالپر منگهن واري ۾ وفات ڪئي.

12_ سيپٽمبر:

مرزا علي نواز بيگ 'خسروي' حيدرآباد ۾ ڄائو.

25_ ڊسمبر:

بانيءِ پاڪستان، قائداعظم محمد علي جناح ڄائو.

Gul Hayat Institute

## 1877ع

2_ نومبر:

آغا خان سوئم ڪراچي ۾ ڄائو.

## 1878ع

30_ مارچ:

مير حسين علي خان 'حسين' جو انتقال ٿيو. مير صاحب 1859ع ۾ گورنر جنرل لارڊ ڊلائوزي جي حڪم سان ڪلڪتي مان حيدرآباد پهتو جتي مذڪوره تاريخ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

تي وفات ڪيائين ڪيس سندس آبائي قبرستان يعني ميرن جي قبن واري ٽڪري تي دفن ڪيو ويو.

## 1879ع

26_ جنوري:

صوفي شاعر حمل فقير لغاري جو وصال ٿيو (2_ صفر 1296هه).

30_ مارچ:

مير شير محمد خان جي هندو منشي موريي فقير ڏگهن سنڌي بيتن ۾ ليلان چنيسر "تصو ڪوئنرو چنيسر" جي عنوان سان جوڙي راس ڪيو.

1_ اپريل:

سنڌ جو قادرالڪلام شاعر محمد صديق 'مسافر' ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ تولد ٿيو.

31_ جولائي:

درگاهه حضرت مخدوم نوح جي مجاور حاجي محمد صالح "تحفة الاوليا" جو قلمي نسخو لکي پورو ڪيو (11_ شعبان 1296هه). سندس والد حافظ ويڙهو هئو.

27_ نومبر:

مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو 90 ورهين جي ڄمار ۾ انتقال ٿيو (12_ ذوالحج 1296هه). پاڻ پاڳناڙيءَ جي شهر 'ڪنڊي' ۾ تولد ٿيو سندس سلسلو قادري هو.

## 1880ع

Gul Hayat Institute

9_ نومبر:

حاجي شير محمد چغدو ڄائو. سندس والد حاجي محمد صالح چغدي جو وصال 1_ جون 1922ع ۾ ٿيو.

## 1881ع

8_ جنوري:

خواجه محمد حسن "شاهه مدني" جو مديني شريف ۾ انتقال ٿيو (7_ صفر 1298هه). "سنڌن مرقد قبهءِ اهل البيت جي ويجهو جنت البقيع ۾ خواجه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 202


محمد پارسا جي قبر وٽ ڪيو ويو.“

18_ جنوري:

آخوند محمد قاسم هالائي (جم 1806ع) جو وصال ٿيو. پاڻ آخوند نعمت الله جو فرزند هئو. آخوند قاسم هالن پراڻن جي سانوٽي آخوندن مان هڪ بهترين عالم فاضل شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تخلص ”قاسم“ هو.

12_ اپريل:

آغا خان اول جو انتقال ٿيو.

6_ جولائي:

حڪومت هندستان ۾ روينيو ۽ زراعت جا محڪمه قائم ٿيا.

25_ جولائي:

خان بهادر حاجي امام بخش خان ”صابر“ جتوئي، عرف شاهنواز خان جي ولادت ٿي.

31_ جولائي:

’بيڪس‘ روهڙائي جو وصال ٿيو (5_ رمضان 1298ھ).

## 1882ع

5_ نومبر:

مولانا عبدالرحمان ميمڻ شڪارپوريءَ جو وصال ٿيو. (23_ذوالحج 1299ھ).

30_ نومبر:

نواب الهداد خان ’صوفي‘ ولد نواب ولي محمد خان لغاري جو وصال ٿيو.

## 1883ع

26_ فيبروري:

مخدوم پير ميان غلام حسين ’شيدا‘ هالا نوان ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو مخدوم پنيلڏو ’پنيل‘ هئو.

## 1884ع

27_ فيبروري:

پير سيد حامد شاهه راشدي جائو (30_ ربيع الثاني 1301ھ).

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 203



15_ مارچ:

مولوي الله بخش 'ابوجهي' جي ڪوشش سان 'مجمع محمدي ﷺ' نالي جماعت وجود ۾ آئي. جيڪا بعد ۾ "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" جي نالي ۾ تبديل ٿي. سنڌ جي مختلف هنڌن تي ان جون شاخون قائم ٿيون تفصيل هن ريت آهي:

18_ جون 1884 شڪارپور ۾، مرزا علي محمد جي مدد سان.
20_ سيپٽمبر 1884ع لاڙڪاڻي ۾ مرزا قلب علي جي مدد سان. ۽ 12_مارچ 1885ع جيڪب آباد ۾.

16_ مارچ:

خانبهادر حسن علي آفندي پنهنجن ساٿين سان گڏجي، محمدن ﷺ ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو.

27_ مارچ:

مخدوم ميان غلام رسول عرف 'احمد علي' صدّيقي، هالا نوان ۾ ڄائو.

6_ جولائي:

نواب مير گل محمد خان 'زيب' جي ولادت ٿي (13_ رمضان المبارڪ 1301ھ). پاڻ واليءِ جهل بلوچستان سردار قيصر خان جو ٻيو نمبر فرزند ۽ بهترين شاعر هو.

9_ آگسٽ:

هزهائينيس مير علي نواز خان 'ناز' ڄائو. سندس والد جو نالو مير امام بخش خان هئو.

27_ آگسٽ:

قاضي شفيع محمد پاٽائي، خيرپور ناٿن شاھ جي ڪاردار مولچند کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ منظوم خط لکيو (6_ ذيقعد 1301ھ). ان جون چار سٽون آهن:

بسم الله الرحمٰن الرحيم
لااله الاالله محمد رسول الله
شکر خدا کہ این نبیؐ کرد پاک و صاف
از اتش ہزار گناہ و خطا معاف

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 204


## 1885ع

23_ جولائي:

ميان عبدالرحيم جو وصال ٿيو. سندس ولادت 1238هه مطابق 1822_1823ع ۾ ٿي، پاڻ دين محمد عباسي جو فرزند هو (10_ شوال 1302هه).

29_ آگسٽ:

ڪشنچند ’بيوس‘ ڄائو.

4_ سيپٽمبر:

ميان جان محمد ’فدا‘ ولد ميان فيض محمد، ڪڪڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس سلسلو ڇهين پيڙهيءَ ۾ ميان سرفراز ڪلهوڙي سان ملي ٿي.

23_ آڪٽوبر:

سيد حاجي حيدر شاهه ’حيدر‘ اول اجناڻي جو وصال ٿيو (13_ محرم 1303هه). سندس هٿن اکرن سان عربي ۾ لکيل ’سيرت پاڪ‘ جو ناياب نسخو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي لائبريري ۾ موجود آهي. سيد حيدر شاهه کي ڳوٺ اجن شاهه جي پرسان سندس آبائي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

## 1886ع

10_ جنوري:

ميان غلام سرور ’فقير‘ قادري لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو ميان نور محمد قادري هو.

13_ فيبروري:

حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷬ جي 16_ سجّاده نشين حضرت مخدوم غلام محمد ’مغموم‘ (وصال 1944ع) جن جي هالا ۾ ولادت ٿي (8_ جمادي الاول 1303هه). سندن والد حضرت مخدوم ظهيرالدين، حضرت مخدوم نوح ﷬ جا 15_ سجّاده نشين هئا.

19_ اپريل:

نواب خداداد خان ثاني جي ولادت ٿي.

29_ جون:

حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷬ جي 13_ سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد امين ثالث ﷬ جو انتقال ٿيو (26_رمضان 1303هه).

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

# حضرت
# مخدوم محمد زمان سرڪار
# صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

(14 سجّاده نشين درگاهہ شريف, هالا)

(ولادت: 1278هہ/1861ع, هالا شريف)

(سجّاده نشيني: 1303هہ/ 1886ع)

(وصال: 1331هہ/1913ع, هالا شريف)

(مدفن: ننڍو قبو درگاهہ شريف)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ولادت مبارڪ

شادي

سجّاده نشيني

پاٽوٽي ۽ سنائي شاهن جو قصّو

وگهامل کي معافي ڏيڻ

وصال

واقعاتي تاريخ(1303ـ1331ه/1886ـ1913ع)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

# حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه
## (1278-1331هه/1861-1913ع)

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه وڏن خوبين جا مالڪ ٿي گذريا آهن. پنهنجي خُلق، مروت، شيردلي، بيباڪي ۽ غيرت منديءَ جي ڪري هر خاص و عام ۾ بيحد مقبول ٿيا. راجن پاڳن جا فيصلا گهڻو ڪري پاڻ خود ڪندا هئا ۽ بلڪل بي ريائي سان فيصلو ڏيندا ۽ هئا ۽ ان تي عمل ۽ ڪرائيندا هئا. امير هجي يا ڪو وڏو ڪامورو پاڻ اُن جي اکين ۾ اکيون وجهي ۽ حق جي ڳالهه ڪرڻ کي مات تي ترجيح ڏيندا هئا. پنهنجن جو قدم بقدم ساٿ ڏنائون ۽ ڌارين سان انتهائي شفقت سان پيش آيا:

سُرَها ڏيمر سَي جن ساڃاءِ سِراڻ سين
تيغ تنين جيءَ کي ڪَٿُ نہ لڳي ڪڏهين

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ [316]

## ولادت مبارڪ:

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار سائين رحمة الله عليه 1- جمادي الاوّل 1278هه [317] بمطابق 4- نومبر 1861ع تي سومر جي سڀاڳي ڏينهن هالا ۾ تولد ٿيا. پاڻ حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جو پهريون اولاد ۽ وڏا فرزند هئا. سندن پانگ جو نالو "محمد علي" رکيو ويو هئو ليڪن پاڻ پنهنجي ڏاڏي بزرگوار جي اسمِ گرامي "محمد زمان" سان مشهور و معروف ٿيا. نور پور ضلعي نوشهروفيروز وارا پير سندن ناناٽا آهن.

"هي حضرت مخدوم صاحب، سنڌ جي عام سجّاده نشينن وانگر ظاهري رعب ۽ طاقت، نالي ۽ ناموس ۾ وڪ وڌائڻ لڳو سندس نالو ان ڪري

---

[316] شاهه جو رسالو مرتب علامه آءِ آءِ قاضي، ص: 32.
[317] گنجينهٔ اسرارِ سروريہ/ گنجينهٔ اوليا، ص: 253/ ڪليات امين، ص: 22.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 209



الله واريو[323] سندن مير منشي هو.

---

قلزم فقير ۽ نظير فقير تولد ٿيا. خليفو ارم فقير سيني ۾ وڏو هو هن ٻه شاديون ڪيون. پهرينءَ مان اولاد ڪو نه ٿيس. ٻي شادي ڪنڊوءَ جي شيدين مان ڪيائين. جنهن مان هڪڙو پٽ ٿيس جنهن جو نالو "زيتون" رکيائين. خليفو ارم فقير، حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار<sup>رح</sup> جن جو اعتماد وارو ماڻهو ۽ خاص حاضريءَ جو نوڪر هو. سروري جماعت جا فيصلا ڪرڻ، انهن جا مسئلا حضرت مخدوم صاحب جن وٽ پيش ڪرڻ ۽ سندن ملاقات حضرت مخدوم صاحب جن سان ڪرائڻ سندس فرائض ۾ شامل هئا. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار<sup>رح</sup> جڏهن مسافري تي يا ڪنهن سفر تي نڪرندا هئا ته خليفو ارم فقير ساڻن گڏ سندن تلوار ڪڇي هلندو هو. خليفي ارم فقير جو انتقال وڏي عمر ۾ 11_ ربيع الاول 1351ھ مطابق 16_ جولائي 1932ع تي چنچر جي ڏينهن هالا ۾ ٿيو. کيس درگاهه حضرت غوث الحق ﷫ جي خدمت گذارن واري مقام ۾ دفنايو ويو. خليفي اِرَم جو پٽ زيتون فقير سيلاني ماڻهو هو هالا ۾ تمام گهٽ رهيو سندس حياتيءَ جو گهڻو وقت سانگهڙ ۽ ٽر جي سروري جماعت جي مريدن ۽ فقيرن سان گذريو هُن ڪراچيءَ جي گل محمد مڪراني وٽان شادي ڪئي، هڪ نياڻي ۽ هڪ فرزند تولد ٿيس خليفي زيتون فقير جو انتقال 14_ شوال 1384ھ/17_ فيبروري 1965ع تي بروز اربع هالا ۾ ٿيو سندس پٽ در محمد عرف دُرو 22_ مئي 1950ع تي ڄائو ۽ هن وقت تعليم کاتي ۾ ملازم آهي.

[323] زوار الله ورايو (وصال: 1965ع):

زوار الله ورايو هالا ۾ ڄائو سندس والد جو نالو جيئندو هو. زوار الله ورائي جي ننڍپڻ ۽ سندس آباءُ اجداد جي اصل ڳوٺ وغيره جي معلومات نه ملي سگهي آهي، پاڻ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ جن جو معتمدِ خاص ۽ مِير منشي هو. سالن جا سال ايمانداريءَ سان خدمت ڪيائين. بعد ۾ پير ميان پنيلدي ﷫ جن جي فرزند پير ميان غلام رسول (1884_ 1938ع) سندس ٻانهن حضرت مخدوم صاحب جن کان گهري پاڻ اجازت ڏنائون ۽ ان کان پوءِ زوار سڄي حياتي ميان غلام رسول جن وٽ رهيو ساڻن گڏجي ڪربلا معليٰ ويو ۽ زيارتون ڪري زوار ٿي موٽيو. جڏهن پير ميان غلام رسول جن جو انتقال ٿيو ۽ سندن وصيت موجب سندن جسد خاڪي کي تدفين واسطي ڪربلا معليٰ موڪليو ويو ته زوار الله وارايو ان ڪم ۾ پيش پيش رهيو. پير ميان غلام رسول صاحب کان پوءِ زوار سندن فرزند پير ميان اعجاز حسين ﷫ (ولادت: 27_نومبر 1927ع_ وصال: 27_ نومبر 1982ع) وٽ رهيو. زوار الله ورائي هڪڙي شادي ڪئي جنهن مان کيس هڪڙي نياڻي ۽ ٻه پٽ محمد قبول ۽ مولابخش تولد ٿيا. سندس وڏي پُٽ محمد قبول جي ولادت 14_ صفر 1338ھ مطابق 8_ نومبر 1919ع تي چنچر ڏينهن هالن ۾ ٿي ۽ سڄي عمر هالا ۾ رهيو سندس انتقال 23_ آگسٽ 1987ع تي ٿيو مولابخش جي ولادت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 210


حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه جن ڏاڍا دلير، بيباڪ ۽ بهادر هوندا هئا، ڪو بہ ماڻهو وٽن حاضر ٿيندو هو تہ پاڻ سندس اکين ۾ نهاري پڇندا هئا تہ "ڪهڙي آهين"؟ [324] انگريز سرڪار ۽ ان جي ڪامورن اڳيان ڪڏهن بہ نہ جهڪيا، اگر ڪو انگريز ڪامورو ملڻ لاءِ ايندو هو تہ پاڻ پهرين پنهنجي هٿ تي رومال ويڙهي پوءِ ساڻس هٿ ملائيندا هئا [325] اهڙين ڪيترن ڳالهين جي ڪري حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه ڪڏهن بہ حڪومت وقت جي "پسنديده شخصيت" نہ رهيا. سندن خلاف ڪئين سازشون ڪرايون ويون ۽ ڪين نقصان پچائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي مگر پاڻ الله تعاليٰ جل جلاله جي لطف و ڪرم سان هميشہ محفوظ رهيا.

"پاڻ جود و سخا جا درياهہ هئا، سائلن کي ڏئي ڇڏيندا هئا، ڪو بہ ستايل سندن خدمت مان بي بهرهہ ۽ خالي نہ موٽيو سندن پوشاڪ شاهاڻي هئي، پلي گهوڙي تي سواري ڪندا هئا ۽ اڪثر تلوار ساڻ رکندا هئا. سندن آواز رعبدار هوندو هو سندن خشم آگين نگاهن جو تاب ڪير بہ برداشت ڪري نہ سگهندو هو وڏا وڏا ڏهيسر سندن روبرو اچي ڪنبندا هئا، پاڻ پنهنجي دور ۾ سين ڪان زور وارا پير هئا." [326]

هو وڏو بهادر ۽ همہ گير شخصيت هو سندس تعلقات ۽ دوستن جو حلقو بيحد وسيع هو. انهيءَ زماني ۾ انگريز سرڪار جو ڏاڍو زور هو تنهن ڪري هر سرڪاري افيسر پنهنجي پاڻ کي انگريزن جو جانشين سمجهي حڪومت ڪرڻ پنهنجو حق تصور ڪندو هو حضرت مخدوم محمد زمان، خوشامد ۽ زماني بازيءَ جي فن کان نا آشنا هئو. اهو ئي سبب هو جو ڪيس آفيسرن جون ڪافي سختيون برداشت ڪرڻيون پيون. هڪڙي ڀيري ڪيس قتل جي مقدمي ۾ ملوث ڪيو ويو پر آزاد ٿي ويو ڪڏهن بہ خودداريءَ جو دامن هٿ مان نہ ڇڏيائين ۽ هميشہ سلطان ٽيپو جي هن قول تي عمل پيرا رهيو:

---

28_ شوال 1347هہ مطابق 19_ اپريل 1929ع تي هالا ۾ ڄاتي، تعليم کاتي ۾ ملازم هو 24_ جولاءِ 1989ع تي انتقال ڪيائين. زوار الله ورائي جو انتقال 27_ محرم 1385هہ مطابق 29_ مئي 1975ع تي ٿيو کيس درگاهہ شريف جي احاطي ۾ دفنايو ويو.

[324] راوي سيد علي احمد شاهہ (ولادت: 11_ ڊسمبر 1936ع) بن سيد مٺن شاهہ بن سيد حيدر شاهہ اجناڻي.

[325] راوي عالي جناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح.

[326] پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياتِ امين، ص: 23.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 215



ٺيونجاهه سالن جي عمر ۾ 28ـ رمضان 1331ع [335] مطابق 31ـ آگسٽ 1913ع تي آچر جي ڏينهن هالن ۾ ٿيو. سندن وصيت موجب کين درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جي ننڍي قبي ۾ ڏکڻ طرف پيرانديءَ کان سپردِ خاڪ ڪيو ويو. ”سندن انهيءَ وصيت جو مطلب اهو هو ته جيئن پاڻ پنهنجي والد بزرگوار جي پيرن کان هجن“ [336]. سندن والد حضرت مخدوم محمد امين ثالث ﷫ وڏي قبي ۾ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار جي مزار جي سڌائي ۾ مدفون آهن ۽ اها حضرت غوث الحق ﷫ جن جي بہ پيراندي ٿيئي ٿي.

ويراڳين وجود جو درست ڪيو ديدار،
پوئي پاتائون پاڻ کي حقيقت جو هار.
ماڳ ڏنو ملڪوت جو ناسوتين نروار،
معرفت مدار آديسين اندر ۾.
پکن ڏٺي سائين ﷫

هالا جي مشهور شاعر مرحوم اسحاق هالائيءَ پنهنجي ڪافيءَ ۾ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رح جن جي وصال جو بيان ۽ تاريخ هن طرح چٽي آهي: [337]

---

[335] گنجينۂ اسرارِ سروريہ قلمي. جنب گذاريم جن سي، جلد 1، ص: 95 تي سندن تاريخ وصال: 28ـ رمضان 1321هه مطابق 2ـ سيپٽمبر 1913ع ڄاڻايل صحيح ناهي.

[336] راوي آخوند محمد هاشم مجاور درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ هالا.

[337] حاجي محمد اسحاق هالائي (1899ـ1947ع):
حاجي محمد اسحاق ولد حاجي محمود نانوائي ميمڻ، 16ـ ذوالحج 1316هه/ مطابق 27ـ اپريل 1899ع تي هالن ۾ ڄائو ۽ حضرت مولوي حضرت مخدوم غلام حيدر سائين ﷫ جو همعمر هو. ابتدائي تعليم هالن جي عريضي نويس محمد صالح شورائي کان حاصل ڪيائين. پُرگو ۽ پختو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شاعريءَ جا ٽي ڪتاب 1. مارئي جا آلاپ ـ ڏينهن راتين ۾ 2ـ شيرين زبان عرف جذبات اسحاقيہ ۽ 3ـ نوائي فراق، منظر عام تي اچي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. نوائي فراق، سندس فرزند، مشهور صحافي حاجي محمود هالائي جي شوق ۽ ڪوشش سان شايع ٿيو. حاجي محمد اسحاق هالائي جو انتقال 31ـ آگسٽ 1947ع تي ٿيو. سندس آخري آرام گاهه هالا ۾ آهي. (وڌيڪ ڏسو هفتيوار همدرد ميرپورخاص، ص: 34، 2 آگسٽ 1993ع

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 216



3_ آچر ڏينهن عجيب اڳين جو سنبهيو ڏانهن سبحان،
ڪامل پير قريشيءَ مجيو فائق جو فرمان.
4_ تيرهن سؤ ايڪتيهه اندر تيو هو تن جو هالان،
ساهه پساهه ڪريان هوند ڪوڙئون ڪامل تان قربان.[338]

هو ڏنوي ماڻهن سخت ۽ پورالو هو ليڪن سندس وفاتيءَ ڪري عام ماڻهن ۾ غم جي لهر ڇانئجي وئي جنهن جي معنيٰ اها ڪيڏي سگهجي ٿي ته هو عام ۾ مقبول هو.[339] دنيا جو هر غيرت مند ۽ بهادر انسان پنهنجي ڳوٺ گهر گهاٽ، قوم ۽ وطن جو نڪُ هوندو آهي، ساڻس محبّت ۽ سندس پيروي عقيدت سمجهي ڪئي ويندي آهي.

سهڻي سرڪش سخت دليندي، ڪنهن تي خيال نہ آڻن،
خوبي دي خود خيال ڪنون، ڪوئي آپ جيها نہ ڄاڻن،
شاهه گداگر ڏونهين برابر، هِڪي قدر سڃاڻن،
حمل جيهي هزار تِنهان در، ٻاجهه خريد وِڪاڻن.
صوفي حمل فقير رحمة الله عليه[340]

## واقعاتي تاريخ:

(1303_1331هه/ 1886_1913ع)

1886ع

2_ جولاءِ:

حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه جن حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي مسند تي جلوه افروز ٿيا. (29 رمضان 1303هه).

12_ ڊسمبر:

تارا چند گاجرا شڪارپور ۾ چائو ورهاڱي بعد پارٽ لڏي ويو.

---

[338] تفصيل لاءِ ڏسو نوائي فراق، ص: 112.

[339] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 95.

[340] ڪلياتِ حمل، بيت نمبر 2، ص: 381.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 217



## 1887ع

8_ مئي:

مخدوم ميان غلام محي الدين صدّيقي ’ميرل‘ هالا نوان ۾ جائو. پاڻ مخدوم پير ميان پنيلڏي ”پنيل“ جو چوٿون نمبر فرزند هئو.

6_ جولائي:

پڳت ٽيئون رام ولد پڳت چيلارام، هالا تعلقي جي ڳوٺ ڪنڊؤ ۾ جائو.

17_ آگسٽ:

مخدوم ميان غلام نبي عرف ’پنيلڏو سائين‘ جو انتقال ٿيو. سندس تخلص ’پنيل‘ هو. پاڻ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 12_ سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جو ننڍو فرزند هو. سندس وڏو ڀاءُ مخدوم محمد امين ”پڪن ڏٿي رحمة الله عليه“ مخدوم نوح رحمة الله عليه جو 13_ سجّاده نشين هئو.

28_ نومبر:

مولانا محمد هاشم انصاري قلجي تعلقي جوهي ضلعي دادو ۾ جائو (12_ ربيع الاول 1305هه).

## 1888ع

1_ جنوري:

علامہ محمد قاسم، ڳڙهي ياسيني تولد ٿيو (16_ ربيع الثاني 1305هه).

8_ مارچ:

سر شاهنواز خان ڀٽو ڳڙهي خدا بخش ۾ جائو. پاڻ غلام مرتضيٰ خان ڀٽي جو وڏو فرزند هو.

Gul Hayat Institute

## 1889ع

1_ فيبروري:

سيد محمد عالم شاهه ’عالم‘ بن سيد حاجي غلام شاهه تکڙ ۾ جائو (30_ جمادي الاول 1304هه).

4_ مارچ:

علي گوهر خان ڀٽو جائو.

8_ مارچ:

مسٽر نيچل داس وزيراڻي جائو. پاڻ ديوان چتومل جو پٽ هو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 218


1_ جولائي:
مولوي ماستر لطف علي ’مسڪين‘ جي ولادت، ڳوٺ بهشتي ڪامل گهوٽڪي ۾ ٿي. سندس والد جو نالو حاجي خان محمد ڪولاچي هو.

7_ جولائي:
سنڌ جو بزرگ سياستدان شيخ عبدالمجيد سنڌي ٺٽي ۾ ڄائو. سندس وڏا هندو هئا. پاڻ مسلمان ٿيو. شيخ عبدالمجيد سنڌي ’الامين‘ ۽ ’الوحيد‘ جو ايڊيٽر بہ ٿي رهيو هئو.

24_ آگسٽ:
مولانا گل محمد شهداد ڪوٽيءَ جو انتقال ٿيو (27_ ذوالحج 1306هہ).

29_ آڪٽوبر:
نرمل داس ڏرم داس گربخشاڻي، حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ آهي. هي صاحب حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي ’وديا‘ جو مئنيجنگ ايڊيٽر هو.

25_ ڊسمبر:
چوئٿرام پرتاب راءِ گدواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ڪانگريس جو سرگرم ڪارڪن هو.

## 1890ع

7_ جنوري:
سيد نور محمد شاهہ ’نورل‘ ولد سيد اسماعيل شاهہ ڳوٺ موري منگر تعلقي حيدرآباد ۾ ڄائو پاڻ متعلوي سادات جي ميان پوٺہ پاڙي جي شاخ ڳاڙهيا مان هو. سندس سلسلءِ نسب اميرالمومنين حضرت علي المرتضيٰ عليہ السلام سان ملي ٿو. پاڻ آباءَ و اجداد کان وٺي حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمۃ اللہ علیہ جو مريد هو.

24_ اپريل:
حاجي محمد اسماعيل جان ’روشن‘ سرهندي جي ولادت ٿي (4_ رمضان 1307هہ).

15_ آگسٽ:
پروفيسر نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻي حيدرآباد ۾ ڄائو.

20_ آگسٽ:
پير پاڳاري پير سيد حزب الله شاهہ راشدي جو وصال ٿيو (4_ محرم 1308هہ).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

## 1891ع

6۔ جنوري:

شمس الدين ’بلبل‘ جو ’ديوانِ بلبل‘ بمع ڪريما شايع ٿيو.

11۔ جون:

سيد نظر علي شاهه ’گدائي‘ قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ سيد عنايت شاهه جو فرزند هو سندس سلسلهٔ نسب حضرت امام موسيٰ ڪاظمؑ سان ملي ٿو.

## 1892ع

14۔ اپريل:

شاهه محمد ديدڙ جو وصال ٿيو (16۔ رمضان 1309هه).

1۔ جون:

دريا خان ولد محمد الياس جو انتقال ٿيو (5۔ ذيقعد 1309هه). پاڻ هنگورجن جي قريشي عباسي مخدومن مان هئو بعد ۾ لڏي وڃي ”لالوءَ جي رانڪ“ ۾ رهيو.

26۔ سيپٽمبر:

نواب عرض محمد خان لغاري جي ولادت ٿي.

30۔ سيپٽمبر:

ڊاڪٽر قاضي علي احمد ’علي‘ بن شمس الدين حيدرآباد ۾ ڄائو. شاعريءَ ۾ مرزا قربان علي بيگ استاد هئس.

18۔ آڪٽوبر:

نوازعلي ’نياز‘ سومرو ڄائو.

## 1893ع

Gul Hayat Institute

7۔ مئي:

پاڪستان جو اڳوڻو وزيراعظم ملڪ فيروز خان نون ڄائو سندس انتقال 9۔ ڊسمبر 1970ع تي ٿيو.

27۔ جولائي:

حسن علي بيگ آفندي کي بمبئي ليجسليٽوِ ڪائونسل ۾ نشست ملي.

31۔ جولائي:

قائداعظم جي همشيره مادرِ ملّت محترمہ فاطمہ جناح ڄائي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 220


8ـ سيپٽمبر:
پاڪستان جو اڳوڻو وزيراعظم حسين شهيد سهروردي، ميدن پور ۾ ڄائو.
سندس انتقال 5ـ ڊسمبر 1963ع تي ٿيو.

1894ع

4ـ اپريل:
مولانا دين محمد 'وفائي' جي ولادت ٿي. مولانا صاحب هڪ عالم، اديب ۽ شاعر
ٿي گذريو آهي. سياسي نقطئہ نگاهہ کان 'جمعيت العلماءِ سنڌ' جي باني سرگرم
ڪارڪنن مان هئو.
29ـ جولائي:
فقير هدايت علي 'نجفي' جي ولادت ٿي. پاڻ ميان تراب علي فقير جو فرزند هو.

1895ع

4ـ جنوري:
حاجي محمود 'خادم' ٽنيون ڳوٺ بني تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾
ڄائو.
15ـ جولائي:
غلام احمد 'نظامي' ولد محمد صدّيق جي ولادت ٿي.
28ـ جولائي:
قاضي علي اڪبر ولد قاضي علي محمد روهڙيءَ ۾ ڄائو.
12ـ ڊسمبر: وشنو نيارام شرما، حيدرآباد ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

Gul Hayat Institute

1896ع

13ـ جنوري:
پير احسان الله شاهہ راشدي (پير جهنڊو) جي ولادت ٿي (27ـ رجب 1313هہ).
25ـ مارچ:
شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو سنڌ جي تاريخي شهر ٺٽيءَ
۾ ڄائو.
13ـ نومبر:
مولانا احمد هالائي، هالا پراڻا ۾ ڄائو (7ـ جمادي الثاني 1314هہ). پاڻ مولوي
محمد هالائيءَ جو فرزند هئو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 221



20- ڊسمبر:

قادر بخش ’بشير‘ سومرو، ڳوٺ ميرپور، ٺُل، جيڪب آباد ۾ ڄائو.

24- ڊسمبر:

منگھارا ملڪاڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

## 1897ع

27- فيبروري:

نقير حاجي پير بخش فاروقي ”دلريش“ تولد ٿيو (25- رمضان 1314هـ). پاڻ محمد بچل فاروقي جو فرزند هئو.

1- مارچ:

مرزا گل حسن بيگ ’احسن ڪربلائي‘ ڄائو. پاڻ مرزا دوست علي بيگ جو فرزند هو.

21- مارچ:

مولانا دين محمد ’اديب‘ فيروزشاهي ڄائو.

14- ڊسمبر:

منوهر داس ڪوڙو مل، پريا ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

## 1898ع

4- اپريل:

خواجه عبدالرحمان نقشبندي سرهندي جو وصال ٿيو (12- ذوالقعد 1315هـ). ”سندن درگاهه گنجي ٽڪر تي آهي. سندن درگاهه کي سندن مريد ’مقبره شريف‘ به چوندا آهن.“

7- مئي:

مرزا علي محمد بيگ ’مظفر‘ ٽنڊو آغا حيدرآباد ۾ ڄائو.

13- سيپٽمبر:

دوارڪا پرساد روچيرام شرما دادو ۾ ڄائو ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

8- آڪٽوبر:

سيد عطا حسين شاهه موسوي ولد سيد ويڙل شاهه جي روهڙيءَ ۾ ولادت ٿي.

2- ڊسمبر:

سيد پيرل شاهه ’پيرل‘ ولد سيد علي شاهه ڄائو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 222

## 1899ع

23_ اپريل:

حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر صدّيقي قريشيؒ جي هالا نوان ۾ ولادت ٿي (12_ ذوالحج 1316ھ). سندن ٻانگ جو نالو "محمد سعيد" رکيو ويو. پاڻ حضرت مخدوم نوحؒ جي 15_ سجّاده نشين حضرت مخدوم ظهيرالدينؒ جا چوٿون نمبر فرزند هئا.

16_ جولائي:

پير سيد رشيد الدين، صاحب العلم الثالث، ولد پير سيد محمد ياسين ولد پير سيد محمد راشد شاهه راشدي روضي ڌڻي جو وصال ٿيو (7_ ربيع الاول 1317ھ). سندس مقبرو پير جهنڊي ۾ آهي.

## 1900ع

12_ اپريل:

حافظ محمد احسن چنا، ڳوٺ ملڪاڻي ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو جمع خان چنا ۽ تخلص 'احسن' هئو.

25_ جون:

هندستان جو آخري وائسراءِ، لارڊ مائونٽبيٽن، ونڊسر ۾ ڄائو.

4_ آگسٽ:

برطانيا جي بادشاهه جارج VII جي راڻي ۽ موجوده ملڪه اليزبيٿ جي والده، راڻي اليزبيٿ برطانيا ۾ ڄائي.

19_ آگسٽ:

Gul Hayat Institute

پير ابوالبقا مظهرالدين راشدي جو وصال ٿيو (22_ ربيع الثاني 1318ھ). ڪيس ٺلهه شريف ۾ سندس خاندان جي مقبري ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو.

2_ سيپٽمبر:

پير حسن بخش شاهه ولد گلزار علي شاهه، ڳوٺ ڊنڙي (شهدادپور تعلقي) ۾ وفات ڪئي (7_ جمادي الاول 1318ھ). سندس ولادت 1262ھ/1845-

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 223

1846ع ۾ ٿي. پاڻ اصل گهوٽاڻن تعلقي حيدرآباد ۾ رهندو هئو. والد صاحب جي وفات بعد ناناڻن وٽ ڏنڙي ۾ اچي مقيم ٿيو.

27_ آڪٽوبر :

احمد خان ابڙو هالا نوان ۾ ڄائو. سندس والد عبدالرؤف ابڙو ۽ تخلص 'شيدا' هئو.

## 1901ع

22_ جنوري:

مهاراڻي وڪٽوريا جو لاڏاڻو ٿيو.

22_ جنوري:

ايڊورڊ VII، برطانيا جو بادشاهه ٿيو.

23_ جون:

مولوي غلام رسول ٿنيو. ڳوٺ بکر ٽونيي ۾ ڄائو (6_ ربيع الاول 1319هه). سندس والد علي بخش ٿنيو هو.

23_ جولائي:

حضرت خواجه غلام فريد رحمة الله عليه جو وصال ٿيو (6_ ربيع الثاني 1319هه).

7_ آڪٽوبر :

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بکوديرو ۾ ڄائو. "هاري تحريڪ" سان وابسته رهيو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائين.

21_ آڪٽوبر :

مسٽر عثمان علي انصاري تولد ٿيو. پاڻ هدايت علي انصاري جو فرزند هئو.

Gul Hayat Institute

## 1902ع

1_ جنوري:

قاضي احمد ابڙو ڄائو. پاڻ قاضي عبدالستار جو فرزند هئو ۽ سندس تخلص 'حاجن' هئو.

15_ جنوري:

قاضي فضل الله، نوشهري ۾ ڄائو پاڻ قاضي ميان عبدالله جو چوٿون فرزند هئو.

22_ اپريل :

ميان نور محمد پيرزادو 'عبدوي' جو انتقال ٿيو (13_ محرم 1320هه).

9_ آگسٽ :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 225

27_ ڊسمبر:
علامہ محمد هاشم ڳڙهي ياسيني (ڄمر 1259هہ) جو وصال ٿيو (19_ شوال 1322هہ).

## 1905ع

11_ جنوري:
غلام محمد شاهہ ’گدا‘ (ڄمر 1847ع) جو وصال ٿيو پاڻ رضوي سادات مان هئو.
9_ فيبروري:
مرزا قاسم علي بيگ ’قاسم‘ ولد مرزا علي بيگ جو وصال ٿيو.
29_ مئي:
مولانا غلام صدّيق جو وصال ٿيو (23_ ربيع الاول 1323هہ).
5_ آگسٽ:
پير علي محمد راشدي ڳوٺ بهمڻ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سندس انتقال 14_ مارچ 1987ع تي ٿيو.

1_ نومبر:
سيد غلام مرتضيٰ شاهہ (جي ايم سيد) جي والد سيد محمد شاهہ کي خانداني دشمنيءَ سبب شهيد ڪيو ويو. سيد محمد شاهہ سيد حيدر سنائي جو 13_ سجّاده نشين هئو.

## 1906ع

10_ فيبروري:
Gul Hayat Institute
جيني تلسيداس سپاهميلاڻي حيدرآباد ۾ ڄائي.
22_ فيبروري:
بوهري فرقي جي اڳواڻ سيّدنا برهان الدين جو انتقال ٿيو.
6_ مارچ:
پير سيد صبغت الله شاهہ ”ثاني“ بن پير سيد شاهہ مردان شاهہ جي ولادت ٿي.
31_ مارچ:
ڪانئين جي بادشاهہ حضرت مصري شاهہ رحمة الله عليه جو انتقال ٿيو. حضرت مصري شاهہ 1828ع ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو بلند شاهہ هو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 226



5_ سيپٽمبر:

مولانا محمد آگرو گذاري ويو (15_رجب 1324ھ).

17_ سيپٽمبر:

تعليمي ماهر ۽ شاعر محمد اسماعيل عرساڻي ميمڻ هالا نوان ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو محمد هاشم ۽ تخلص 'فدا' هئو.

19_ سيپٽمبر:

سيد محمد علي شاهه ڄاموٽ تولد ٿيو.

1_ آڪٽوبر:

شيوڪ پوڄ راڄ لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ۾ "ٻالڪن جي ٻاري" جو باني ۽ ماهوار رسالي 'گلستان' جو ايڊيٽر هئو.

25_ آڪٽوبر:

مرزا قمبر علي بيگ حيدرآباد ۾ ڄائو سندس تخلص "حيدري" هئو.

26_ آڪٽوبر:

مولانا فضل احمد غزنوي ڪوئيٽه ۾ تولد ٿيو.

## 1907ع

21_ جنوري:

سنڌ جو مشهور شاعر حاجي الهه بخش "سرشار" عُقيلي ٺٽي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حاجي محمد صدّيق عُقيلي هئو.

چهري جي مٿان زلف گرهه گير ڪري پيو
ڪعبي جي اڳيان ڪافرِ بي پير ڪري پيو.
سرشار عُقيلي

Gul Hayat Institute

30_ جنوري:

هزهائينيس مير محمد حسن علي خان "حسن" بن مير محمد نصير خان ٽالپر جو وصال ٿيو سندس تدفين ڪربلا معليٰ ۾ ٿي.

27_ اپريل:

عبدالفتاح "عبد" عاقلي، ڳوٺ عاقل تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ ڪجهه وقت محمد ايوب کهڙي وٽ زمينداريءَ جو منشي ٿي رهيو.

14_ مئي:

پاڪستان جو سابق صدر فيلڊ مارشل محمد ايوب خان هزاره سرحد ۾ تولد ٿيو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 227


4_ جولائي:

سنڌ جو اڳوڻو وزيراعليٰ پيرزاده عبدالستار، پراڻي سکر ۾ تولد ٿيو. پاڻ ميان عبدالرحمان پيرزادي جو ٻيو نمبر فرزند هئو.

25_ آگسٽ:

مولانا حاجي عطاءالله فيروزشاهي جو انتقال ٿيو. پاڻ ذات جو چنو هئو. سندس والد مولانا خير محمد هئو. مولانا جو سلسلهٔ نسب حضرت بهاءالدين زڪريا ملتانيؒ جي خليفي پيروچ سان ملي ٿو.

9_ سيپٽمبر:

خليفو محمد امين پلي ولد چتو پلي ڄائو. سندس ٻيو تخلص "درس" هئو.

1908ع

8_ فيبروري:

شيخ عبدالمجيد سنڌي مسلمان ٿيو.

1_ مئي:

مرزا فائق بيگ 'فائق' جو جنم ٿيو. پاڻ شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جو فرزند هو.

23_ نومبر:

قاضي فيض محمد صدّيقي، هالائيءَ ۾ ڄائو.

1909ع

12_ جنوري:

ٻلديو تارا چند گاجرا شڪارپور ۾ ڄائو ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

Gul Hayat Institute

6_ مارچ:

خيرپور جي نواب مير سر فيض محمد خان ٽالپر جو انتقال ٿيو.

17_ اپريل:

ديپ چند تلوڪ چند نواب شاهه ۾ ڄائو پاڻ نوشهري فيروز مان هفتيوار اخبار "نوابشاهه گزيٽ" ڪيندو هو.

22_ سيپٽمبر:

مير غلام علي خان ٽالپر ڄائو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 228


13ـ نومبر:

واليءِ خيرپور هزهائينيس مير امام بخش خان ٽالپر، محمدنَ اينگلو اورنٽيل ڪاليج عليگڙهہ جو دورو ڪيو.

## 1910ع

20ـ اپريل:

جي ايم سيد جي شادي ٿي.

6ـ مئي:

برطانيا جي بادشاهہ ايڊورڊ ـ VII جو لنڊن ۾ انتقال ٿيو.

6ـ مئي:

بادشاهہ ايڊورڊ ـ VII جو پٽ جارج ـ V بادشاهہ ٿيو.

2ـ جولائي:

فقير سرت علي ڪورائي ولد پيرو خان ڪورائي ڄائو.

13ـ آڪٽوبر:

امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمه الله جمعيت الانصار جي ناظم جو عهدو سنڀاليو.

15ـ ڊسمبر:

رئيس ضياءُالدين ”ضيا“ ميهڙ ۾ ڄائو. هي صاحب سنڌ جي مشهور شاعر، عالم، اديب ۽ قومي ليڊر مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“ جو فرزند ۽ ”اديب سنڌ“ ۽ ”تنظيم عوام“ جو ايڊيٽر هو.

22ـ ڊسمبر:

سيد قطب علي شاهہ ”قطب“ جو وصال ٿيو. پاڻ سيد فتح الدين شاهہ جو فرزند هو.

## 1911ع

29ـ مارچ:

حافظ شاعر ۽ صحافي خير محمد اوحدي سکر ۾ ڄائو.

22ـ جون:

شاهہ برطانيا جارج ـ V جي رسم تاجپوشي ٿي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 229



18_ جولائي:

آغا غلام نبي پٺاڻ، سلطان ڪوٽ ۾ جائو.

20_ سيپٽمبر:

پير حسام الدين راشدي ڳوٺ ٻهمڻ ۾ جائو. پاڻ موجوده دور جو عظيم محقق، دانشور ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مرتب و مصنف آهي. پاڻ 'المنار'، 'سنڌ'، 'زميندار' ۽ 'ستاره سنڌ' جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ ڪجھه عرصو 'قرباني' اخبار سان بہ وابستہ رهيو.

8_ آڪٽوبر:

سنڌ ۾ مير ايوب خان جي صدارت هيٺ "هلال احمر سنڌ" جو قيام ٿيو سر حاجي عبدالله هارون ان جو سيڪريٽري ۽ خزانچي مقرر ٿيو.

20_ ڊسمبر:

سيد احمد شاھہ مشهدي قادري بن سيد نور شاھہ مشهدي جو انتقال ٿيو (28_ ذوالحج 1329ھہ). سندس مزار مسجد خضرا نانڪ واڙو ڪراچيءَ ۾ آهي.

27_ ڊسمبر:

مرزا علي بخش بيگ جائو. سندس والد جو نالو مرزا دوست محمد ۽ تخلص 'ڪوثر' هئو.

1912ع

12_ سيپٽمبر:

هالا نوان جي بهترين شاعر "جليس هالائي" جي ولادت ٿي. "محمد يعقوب ولد محمد يوسف ابڙو تخلص 'جليس' هالائي، ننڍپڻ ۾ ئي يتيم ٿي ويو. 1937ع ۾ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو. 1950ع ۾ هيڊ اڪائونٽنٽ جو امتحان پاس ڪيائين. سندس هڪ ڪتاب "اسان جو قرآن" 1953ع ۾ شايع ٿيو. جليس هالائي جي زندگيءَ جو احوال 'بايوگرافيڪل انسائيڪلوپيڊيا آف پاڪستان' ۾ موجود آهي، سندس انتقال 7_ اپريل 1989ع تي ٿيو.

اهو منهنجو عقيدو ۽ اهو ايمان آ ساقي،<br>
تہ مَي عرفان جو جامِ حسين قرآن آ ساقي.

جليس

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 230


## 1913ع

7_ جنوري:
رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي ڄائو. پاڻ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي جو ٽيون نمبر فرزند هئو.

11_ فيبروري:
صوفي مخدوم محمد ابراهيم پٽي هالائي جو انتقال ٿيو (4_ ربيع الاول 1331هه).

10_ اپريل:
مولوي جهان خان دراني شڪارپوري جو وصال ٿيو. پاڻ خداداد خان دراني جو فرزند هئو. سندس سلسلهٔ نسب نواب سخي حافظ مدد خان سان ملي ٿو. مولوي صاحب جي علم و فضل کي ڏسي افغانستان جي بادشاهه امير حبيب الله خان کيس گورنري جي آڇ ڪئي، جيڪا مولوي صاحب قبول نه ڪئي.

19_ اپريل:
ڄڳت آڏواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

1_ مئي:
عبدالله هارون، ڪراچي جو ميونسپل ڪاؤنسلر منتخب ٿيو.

11_ مئي:
امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جمعيت الانصار جي ناظم جي عهدي تان استعيفيٰ ڏني.

31_ آگسٽ:
حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 14_ سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه جو وصال ٿيو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

# حضرت
# مخدوم محمد ظهير الدين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

(15 _ سجّاده نشين درگاهه شريف هالا)

(ولادت: 1280هه/1863ع, هالا شريف)

(سجّاده نشيني:1331هه/1913ع, هالا شريف)

(وصال: 1345هه/1927ع, هالا شريف)

(مدفن: وڏو قبو درگاهه شريف)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ولادت مبارڪ ۽ تعليم

شادي ۽ اولاد

دستاربندي

انتظامي اُمور ۽ ترقياتي ڪوششون

پاڙيسرين سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ

مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جي مدد

پٽنا ۾ ڪپڙن جي نمائش

علم پروري

وصال

حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن جي فرزندن جو احوال

ضميما

واقعاتي تاريخ (1331_1345هه/ 1913_1927ع)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 233


# حضرت مخدوم محمد ظهير الدين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه [341]

(1280ـ1345هه/1863ـ1927ع)

صاحبِ شريعت، عاشقِ رسول ﷺ، حضرت مخدوم محمد ظهير الدين بن حضرت مخدوم محمد امين ثالث رح، حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جا پندرهان سجّاده نشين هئا. پاڻ خود بہ قرآن مجيد ۽ شريعت شريف تي پابندي سان عمل پيرا رهندا هئا ۽ پين کي بہ ان مطابق زندگي گذارڻ جي تلقين ڪندا هئا. سندن سجّادگي وارو عرصو ترقي ۽ خوشحاليءَ جو دور ليکيو وڃي ٿو:

وَحده لاشريڪ لهٔ، جن اُتو سين ايمانَ،
تن مڃيو محمد ﷺ ڪارڻي، قلب ساڻ لسانَ،
اوءِ فائق ۾ فرمانَ، اوتڙ ڪنهن نہ اوليا.
حضرت شاهہ ڀٽائي رح

## ولادت مبارڪ ۽ تعليم:

حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه 15ـ جمادي الاول 1280هه [342] مطابق 28ـ آڪٽوبر 1863ع [343] تي اربع جي ڏينهن تي پلاري هالا ۾ تولد ٿيا. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه جن کان بہ سال ننڍا هئا. "ظهير

---

[341] مون طالب المولي لائبرري ۾ موجود، ڳاڙهي رنگ جي جلد سان هڪ قديم قلمي نسخي جي پُشتي تي انگريزيءَ ۾ سندن نالو "Makhdoom Muhammad Zahir_u_Din" لکيل ڏٺو آهي، ان ڪري هتي سندن نالو ائين لکيو اٿم (مصنف)

[342] گنجينهٔ اوليا قلمي/ گنجينهٔ اسرار سروريہ قلمي/ ڪلياتِ امين ص: 24

[343] ڪلياتِ امين جي ص: 44 تي ڄاڻايل عيسوي سن درست ناهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 235

حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه
(1886_1944)

حضرت پير ميان عبدالحسين رحمة الله عليه
(1887_1937ع)

حضرت پير ميان عبدالرحيم رحمة الله عليه
(1889_1889ع)

حضرت پير ميان عبدالرحيم عرف الله بچايو عرف مير سائين رحمة الله عليه
(1896_1945ع)

حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر عرف محمد سعيد رحمة الله عليه
(1899_1953ع)

## دستاربندي:

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي چوڏهين سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه کي اولاد ڪونہ ٿيو ۽ پاڻ آگسٽ 1913ع ۾ انتقال ڪيائون، ڪانئن پوءِ شريعت وارا صاحب، پندرهين سجّاده نشين جي حيثيت سان مسند خلافت تي ويٺا، سندن دستاربندي 1_ شوال 1331ھ[345] مطابق 3_ سيپٽمبر 1913ع تي ٿي. حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن غير سجادگيءَ وارن ڏينهن ۾ "پراڻي اتاس" ۾ رهندا هئا جنهن کي هينئر "قاضيءَ جي اوطاق" سڏجي ٿو سجّاده نشين ٿيڻ بعد حسب الدستور وڏي بنگلي تي رهڻ لڳا.

حضرت پکن ڏٽي رحمة الله عليه جن جي زماني کان وٺي پاڻ نهايت خوش اسلوبيءَ سان، ڪارخاني جي ذميداري سنڀاليائون ۽ ماڻهن جي خدمت انجام ڏنائون، سندن دورانديشي ۽ معامله فهمي جي ڪارڻ شهر وارن، مريدن، خادمن، دوستن ۽ تعلقدارن کي وڏو فائدو ٿيو.

ميان ظهير الدين ظهور ڪيو وينو مسند متي مير
سوحقدار حضرت ابابڪر صدّيق جو ورثي وارو وير

[345] گنجينهٔ اسرار سروريه ص: 15

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.
Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 236



ڏاڏو جنهن جو شيخ شهاب الدين ڪامل قطب ڪبير
مائٽ مڪمل جنهن جو نرمل نوح فقير
سرور لقب جنهن جو ۽ محمد ﷺ جو وزير
سو امين محمد گهوٽ جو پٽ پاڳارو پير
صحيح صدّيقي سلڇڻو ڪٽي اللهﷻ ڪيو اڪيسر
سو مرشد آهي منٺار جو دست بہ دستگير
اهڙو پير امير هلي حضرت هالن ۾ ڏسو
منٺار فقير راڄڙ رحمة الله عليه[346]

## انتظامي اُمور ۾ ترقياتي ڪوششون:

حضرت مخدوم محمد ظهير الدين سائين رحمة الله عليه جن وقت جي نزاڪت کي مدِ نظر رکي، ڳڻين دور رس اقدام کنيا جن جو اثر ديرپا ثابت ٿيو ان سلسلي ۾ پاڻ پهريان پنهنجي ڪارخاني ڏانهن توجهه ڏنائون ۽ آڳاٽيون، پراڻيون ۽ ڪمزور عمارتون مسمار ڪرائي انهيءَ هنڌ نيون جايون تعمير ڪرايائون. جن ۾ حويلي، اٿاس بنگلو رئيس دوست علي خان واري اوطاق وغيره قابل ذڪر آهن. موجوده ڪوٽ بہ سندن ئي ڏياريل آهي. مهمان خاني، بورچيخاني ۽ ٻين اوطارن وغيره جي سالانہ مرمت ڪرائيندا هئا. حضرت پڪن وارن صاحبن جي زماني ۾ ڪارخاني جو مير منشي خانبهادر سيٺ وشنداس هو جنهن ڪارخاني جي ترقي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ان کان پوءِ حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار سائين رحمة الله عليه وٽ زوار الله ورايو ۽ ٻيا مير منشي ٿي رهيا، حضرت مخدوم ظهير الدين سائين رحمة الله عليه جن حافظ محمد خان پٺاڻ[347] کي مير منشي مقرر ڪيو جنهن پڻ ڪافي وقت خدمت انجام

---

[346] رسالو رهنمائي، ص: 65.

[347] **حافظ محمد خان پٺاڻ**(1889_1952ع):

حافظ محمد خان ولد بلند خان ولد خالق داد خان ولد قاسم خان ببوزئي پٺاڻ جي ولادت 24 رمضان المبارڪ 1304ھ بمطابق 27_ مئي 1889ع تي سندس آبائي ڳوٺ علي بخش پڙانگ ۾ ٿي. سندس وڏا ڪوئٽا بلوچستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا. پاڻ بلند خان جو اڪيلو فرزند هو. بلند خان رينج آفيسر سان گڏوگڏ نهايت پڪو دينداد مسلمان بہ هو انهيءَ حافظ محمد خان کي صرف اسلامي تعليم ڏياري جنهن ڪري هو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 238



”هي مخدوم صاحب نهايت سنو منتظم ثابت ٿيو سوين ايڪڙن ۾ باغ رکايائين هالن جي ساري بازار ۾ دڪان ٺهرايائين. ڪفايت شعاريءَ سان چڱو پيسو گڏ ڪيائين. ان جي معنيٰ اها نہ سمجهڻ کپي تہ هو بُخل طرف مائل هو بلڪ وڏو سخي ٿي گذريو آهي، سوين بيواهن، يتيمن، مسڪينن جا ماهيا نہ ٻڌي ڇڏيائين، جن کي بنا ڪنهن پٺي ماڻهوءَ جي ڄاڻ جي گهر وينئي اهي پيسا ملندا هئا. حڪومت ۾ ڪامورن سان سُٺا تعلق هوندا هئس. سڀ ڪيس ملڻ ويندا هئا پاڻ ڪنهن وٽ نہ ويندو هو. گاديءَ جو اهو شان رکيائين جهڙو ڪنهن سجّاده نشين جڳو رکيو هوندو“.[349]

پاڻ هالا شهر ۾ ان جي رهواسين جي مسئلن کان هر وقت واقف هوندا هئا. هالا شهر وارن سان سندن دلچسپي جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو پاڻ شهر جي هر پاڙي ۾ قوم مان ٻئي معزز ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا هئائون. جيڪي روز وٽن ايندا هئا ۽ شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ جي مسئلن ۽ ماڻهن جي پريشانين کان کين آگاهہ ڪندا هئا. پاڻ انهن کان حال احوال پڇي ۽ سندن مسائل کي حل ڪندا هئا.

## پاڙيسرين سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ:

پاڙي وارن سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ، مخالفن سان درگذر ڪرڻ ۽ مصيبت ۾ ڦاٿلن جي مدد ڪرڻ سندن شخصيت جا قابل تقليد پهلو هئا. اهڙي ئي هڪڙي واقعي جو ذڪر محترم جي ايم سيد هيئن ڪيو آهي:

”قاضي محمد ڪامل مغل سڏائيندو هو پر قاضين سان رشتيداري جي ڪري قاضي سڏائڻ لڳو هو سندن نياڻي قاضي محمد اشرف ولد قاضي احمد سان پرڻيل هئي. پاڻ خود اهلِ تشيع هو. ڪانئس علاوه ٻيا سيئي قاضي اهلِ سنت هئا. قاضي محمد ڪامل، مخدومن جي مخالفن مان هو ۽ هالن جي پٽو خاندان سان سندس پڪي دوستي هوندي هئي جو ٻئي جو اهلِ تشيع هئا. قاضي ڪامل اڪثر مخدومن جي شڪايت ڪندو رهندو هو. مخدوم محمد زمان الله کي پيارو ٿي ويو ۽ مخدوم ظهير الدين عرف پرو ڄام مسند نشين ٿيو. قاضي محمد ڪامل انهيءَ زماني جو هڪڙو تصو ٻڌائيندو هو تہ

[349] جي ايم سيد، [illegible] مين، جلد ا، ص [illegible]

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 240



سن 1914ع ۾ مولانا صاحب ڪابل وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هو مدرسه دارالارشاد پهتو ۽ جتي مولوي عبدالله لغاري کي به تياري ڪرڻ لاءِ چيائين.[352] هڪ سال جي ضروري تياريءَ ڪرڻ بعد مولانا سنڌي ﷬ ۽ سندس ساٿي، حضرت شيخ الهند ﷬ جي حڪم موجب آگسٽ 1915ع ڌاري ڪابل روانا ٿي ويا.[353] انگريزن جو دور هو ۽ سخت چوڪسي هئي. ڪابل روانگي وقت مولوي عبدالله لغاري (ولادت: 1871ع) جي هٿان هالا جي مخدومن صاحبن مولانا سنڌيءَ کي مدد طور هڪ هزار روپيا موڪليا هئا جڏهن ته مولانا سنڌي هر طرف کان مايوس ٿي چُڪو هو.[354]

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي ﷬ جي ڪابل روانگي واري سن مان ثابت ٿيو ته ان وقت حضرت مخدوم ظهير الدين ﷬ جن حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جن جا گادي نشين هئا ۽ انهن ئي امام انقلاب حضرت مولانا سنڌي ﷬ جي مدد ڪئي هئي.

## پٽنا ۾ ڪپڙن جي نمائش:

1921ع ۾ هندستان جي شهر پٽنا ۾ ڪپڙي جي ”آل انڊيا نمائش“ لڳي هئي، جنهن ۾ حضرت مخدوم ظهير الدين ﷬ جن هالا جو خاص ڪپڙو ”موتيو“ موڪليو ان ڪپڙي کي بهترين هئڻ جي اعتراف ۾ سون جو تمغو مليو جنهن جي ٻنهي پاسن تي مندرجه ذيل الفاظ درج آهن:[355]

All India Hand Weaving Exibition
Patna 1921
Presented By
Mahraja Bahdaur of Durmon for
Best Motia Cloth

Gul Hayat Institute

---

مخدوم طالب المولىٰ سائين جن تفصيل سان مون کي ٻڌايو هو.

[352] ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سوانح نمبر، مهراڻ، ص: 274.

[353] مولوي عبدالله لغاري، سوانح نمبر، مهراڻ، ص: 274/ علي نواز وفائي مهراڻ سوانح نمبر، ص: 268/267.

[354] الهه ورايو ٻهڻ، سانگهڙ سوونيئر 1984ع، ص: 65.

[355] مذڪوره تمغو هن وقت [illegible] آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

## علم پروري:

صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ پاڻ خود بہ عالم هئا ۽ بين کي بہ هميشہ علم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا هئا. "پنهنجي فرزندن ۽ عزيزن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيائون. اسلامي تعليم جي واڌاري لاءِ هالا ۾ ديني مدرسو قائم ڪيائون جنهن مان هزارين شاگردن ديني تعليم حاصل ڪئي"[356] وٽن روزانو شام جي وقت علمي ۽ ادبي رهاڻ ٿيندي هئي، پاڻ مولانا روم ؒ جي مثنوي بيحد پسند ڪندا هئا ۽ عموماً قاضي مولوي شفيع محمد کان اها مثنوي ٻڌندا بہ هئا. سندن حلقہءِ احباب ۾ عالم، فاضل، مفتي ۽ بزرگانِ دين شامل هوندا هئا.

سيد مٺن شاهہ بن سيد حيدر شاهہ اجناٽي (وصال: 16۔ اپريل 1956ع مطابق 5 رمضان 1375هہ)[357]، مفتي شفيع محمد علوي، آخوند حافظ علي محمد علوي، آخوند ولي محمد[358] مولوي شاهہ محمد ۽ ڪمال فقير نوشهرائي[359] سندن خاص مقرب هئا. قاضي علي اڪبر شاهہ ڪيبرائي ۽ حافظ القرآن حافظ محمد خان پناڻ وٽن مير منشي ۽ خليفو ميو فقير[360]

---

[356] پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياتِ امين، ص: 25/24.

[357] نسب نامہ ساداتان متعلوي، مٺن شاهہ.

[358] آخوند حافظ ولي محمد (1867ـ1934ع):
سندس ولادت 17۔ جمادي الثاني 1284هہ/ 16 آڪٽوبر 1867ع تي اربع جي ڏينهن هالا ۾ ٿي. پنهنجي والد آخوند حافظ محمد قاسم، مجاور درگاهہ شريف حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمت الله عليه کان قرآن شريف جي تعليم ورتائين. نهايت عبادت گذار ۽ نيڪ شخص هو. سندس شادي حافظ عبدالغني جي نياڻيءَ سان ٿي، کيس بہ فرزند آخوند محمد قاسم عرف آخوند داون (ولادت: 12۔ اپريل 1910ع۔ وصال: 10۔ جولاءِ 1973ع) ۽ آخوند حافظ حاجي مولوي ربّ ڏنو (ولادت: 8۔ آگسٽ 1912۔ وصال: 9۔ جون 1991ع) تولد ٿيا. ٻئي صاحب عالم فاضل، عربي ۽ فارسي جا ڄاڻو خوش خصال ۽ عبادت گذار ٿي گذريا آهن. آخوند حافظ ولي محمد، قرآن پاڪ جو حافظ ڪپڙي ۽ سون جو پارکو ۽ بهترين درزي هو. آخوند حافظ ولي محمد، صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جي حاضري جو خاص رُڪن ۽ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين جن جو استاد بہ هو. سندس انتقال 30۔ محرم 1353هہ/ 15۔ مئي 1934ع تي هالا ۾ ٿيو.

[359] ڏسو ضميمو 18.

[360] خليفو ميو فقير (1838ـ1938ع):

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 244


حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن انهن ڪتابن جي اهميت ۽ افاديت کان بخوبي واقف هئا، پاڻ نہ صرف سمورن قلمي نسخن جي حالت درست ڪرائي انهن کي محفوظ ڪرايائون بلڪ خاندان جي تاريخ ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جي سوانح ۽ ارشادات تي مشتمل نوان ڪتاب پڻ لکرايائون جن ۾ گنجينۂ اولياءِ ۽ سراج العارفين قابل ذڪر آهن. سندن ئي تحرڪ تي حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه، قديم ڪتابن "رسالي فتحي" ۽ "دليل الذاڪرين" جو مطالعو ڪري، انهن مان مستند حوالا وٺي "سفينتہ النوح" جهڙو ناياب ڪتاب لکيو. "سفينتہ النوح" اصل فارسيءَ ۾ لکيو ويو هو جنهن کي بعد ۾ حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه، جن پهرين مولانا دين محمد وفائي کان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايو. جيئن تہ ان ۾ اترادي ٻوليءَ جي گهڻي استعمال سبب ڪجھ مضمونن جي معنيٰ متجيوتي وئي انهيءَ ڪري پاڻ "سفينتہ النوح" جو ٻيو ترجمو هالا جي مفتي سعد الله انصاري کان تيار ڪرايائون، جنهن جو نالو "سڪينتہ الروح في تذڪره حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه" رکيو ويو.

## وصال:

صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين رح جن جو انتقال 6۔ رجب المرجب 1345ھ[364] مطابق 11۔ جنوري 1927ع تي اڱاري جي ڏينهن تي هالا ۾ ٿيو سندن عمر ٽيهٽ سال هئي، کين ساڳئي ڏينهن درگاهہ شريف ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحمة الله عليه جي قبي واري چوڪنديءَ ۾ اُيرندي پاسي دفن ڪيو ويو. مرحوم اسحاق هالائي، سندن وصال جي تاريخ ۽ احوال پنهنجي ڪلامن ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

(1)

سخي پير سرور پرو جام پيارو
غريبن، يتيمن، جڏن جو جيارو

---

[364] گنجينۂ اسرار سروريہ قلمي،

نوٽ: جنب گذاريم جن سين جلد 1 ۾ سندن وصال جي اسلامي تاريخ ۽ ڪلياتِ امين ص: 25 تي عيسوي تاريخ غلط آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.
Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 245

ڇڏي دار دنيا، ڪُلي ڪار سازي
رضا ربَ جي تي ٿيو راءِ راضي

قضا جو قبوليو عجيبن اڱارو...

(2)

سڳورو سخي پير سرور سدَر
سخا جو سدا هئو برابر بحر

ڇهين ماهہ رَجب جي تاريخ هئي
وصالي جي سڏ لوڪ ساري پئي
هٽي خلق منجهہ ٻهر نعرو نئي

مجيو ڏينهن منگل تي عاشق امر [365]

”مخدوم ظهير الدين، بلند اخلاق، سخي، دشمن نواز، وڏي تحمل ۽ بردباري جو صاحب هو. سيدن ۽ پيرن جي اصلاح ۽ انهن ذريعي خدمتِ خلق ڪرڻ ۽ ماڻهن جي اخلاقي زندگي نيڪ ڪرڻ جو شوق ڪيس جنون جي حد تائين پهتل هو“ [366] پاڻ سموري حياتي، اسلام جي اشاعت، خلق جي خدمت ۽ علم جي آبياري ڪندي گذاريائون. پوين ڏينهن ۾ ڪين ڊيابيطس جي تڪليف ڪري ٽنگن ۽ گوڏن ۾ سور رهڻ لڳو جيڪو ايترو وڌي ويو جو پاڻ هڪڙي هنڌ ويهي رهيا هئا. حويليءَ جي هڪڙي حصي کي ”حاضريءَ واري اوطاق“ ۾ تبديل ڪري اُتي ماڻهن سان ملندا هئا. جنهن کي ”ڪِڙَ“ سڏيو ويندو هو. سندن ناچاقائي جي ڪري ڪارخاني ۽ سروري جماعت جي خدمت جو بارگران، سندن ننڍي فرزند حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر ﷫ جن جي نگراني ۾ رهيو. حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جن کان پوءِ سندن فرزند حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين ﷫ جن پڳدار ٿيا. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جن جا 16 سجّاده نشين هئا.

---

[365] تفصيل لاءِ ڏسو نوائي فراق، ص: 83/94.
[366] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص 96

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 246


# حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن جي فرزندن جو احوال:

## حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه

(1886_1944ع)

پاڻ سندن ڏاڏي حضرت مخدوم محمد امين عرف پکن ڏڻي رحمة الله عليه جن جي حياتيءَ ۾ سن 1886ع ۾ تولد ٿيا ۽ صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن جا وڏا فرزند ۽ جانشين هئا. حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن فقير پير هئا, سندن تفصيلي ذڪر الڳ "باب" ۾ ڏنو ويو آهي.

## حضرت پير ميان عبدالحسين رحمة الله عليه

(1304_1356هه/1887_1937)

حضرت عبدالحسين سائين جي ولادت 13_ رمضان المبارڪ 1304هه[367] مطابق 5_ جون 1887ع تي پنهنجي آبائي ڳوٺ هالا شريف ۾ ٿي. پاڻ حضرت مخدوم غلام محمد رح کان ڏيڍ سال ڪن ننڍا هئا. قد جا ڊگها, رنگ ڳورو ۽ بت ۾ ڀريل پهلوان مڙس هئا. هر وقت ڊگهي لٺ پاڻ سان گڏ رکندا هئا. ڪوٽ جي اندر ڪو به ماڻهو متي اگهاڙو ڏسندا هئا ته ان سان نهايت سختيءَ سان پيش ايندا هئا. پاڻ خود ته شاعري ڪا نه ڪيائون تاهم وڏا باذوق ۽ سخن شناس هئا.

هڪڙي ڀيري حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه سان گڏ سوماري شريف جي حاضري ڏيڻ بعد درگاهه شريف تان "ڦنڊڇي واري بازار"[368] ڏيو واپس ڪوٽ ڏانهن پي آيا. حضرت مخدوم غلام محمد ۽ حضرت عبدالحسين سائين رح کان علاوه ان وقت حضرت الله بچايو سائين, مولوي غلام حيدر سائين, ميان غلام حسين ۽ سندن ٽئي ڀائر, سروري جماعت جا فقرا ۽ شهر وارا پڻ گڏ هئا. حضرت مخدوم صاحبان سيئي گهوڙن تي سوار هئا, اڳيان حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن جو گهوڙو هو ان جي پٺيان عبدالحسين سائين ۽ ٻين جا گهوڙا هئا. جيئن ئي ڪوٽ جي ويجهو پهتا ته پري کان ڪجهه ماڻهن کي ڀڄندي ۽ لڪندي ڏٺائون, معلوم ٿيو ته ڪو گهوڙو ڇنائي ڀڳو آهي ۽

[367] گنجنيئه اسرارِ سروريه, قلمي.

[368] هالا جي تاريخي عمارتن مان "ڦنڊڇي بازار" به آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سڏو سندن طرف ڏانهن پيو اچي، ايتري ۾ سامهون ڏسن ته اهو گهوڙو سڏو حضرت مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه ڏانهن رخ ڪيو ۽ پوري رفتار سان ڊوڙندو پيو اچي. انهيءَ ڪان اڳ ۾ جو گهوڙو گل سائين رحمة الله عليه جن کي ڪو نقصان رسائي ها، حضرت عبدالحسين سائين رح جن چا ڪيو جو فوراً پنهنجو گهوڙو هڪلي اچي گل سائين رحمة الله عليه جن جي اڳيان بيٺا ۽ جيئن ئي اُهو گهوڙو نزديڪ آيو پاڻ پيرن مان جُتي لاهي، گهوڙي جي ڪنن جو وچ وٺي سندس مغز ۾ اهڙي طاقت سان هنيائون جو گهوڙو اتي ئي ڪري پيو ۽ مري ويو.[369]

سندن طاقت ۽ بهادريءَ جا بيا به قصا ېڌبا آهن. پاڻ محبانِ اهل بيت هئا، محرم شريف جي ڏهاڙن جو وڏو احترام ڪندا هئا. سچي حياتي شادي ڪو نه ڪيائون.

عبدالحسين سائين رحمة الله عليه جو انتقال 25 محرم 1356هه[370] مطابق 7 اپريل 1937ع تي ٿيو سندن عمر پنجاهه سال هئي، ڪين ساڱئي ڏينهن درگاهه شريف ۾ حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنديءَ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

## حضرت پير ميان عبدالرحيم رحمة الله عليه

(1889_1889ع)

هي صاحبزادو 1889ع ۾ ڄائو متس عبدارحيم نالو رکيائون سندس انتقال ساڳئي سال ڇهن يا ستن مهينن جي عمر ۾ ٿيو.[371]

## حضرت پير ميان عبدالرحيم عرف الله بچايو رحمة الله عليه

( 1314_1364هه/1896_1945ع)

پاڻ 27_ ربيع الاول 1314هه[372] مطابق 5_ سيپٽمبر 1896ع تي تولد ٿيا. عبدالرحيم ۽ الله بچايو سندن بانگ جا نالا هئا، سندن ٻيو نالو الله بچايو

---

[369] عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح جن اهو واقعو ٻه دفعا ٻڌايو هو پهرين ڀيري 1973ع ۾ حيدرآباد واري 3_ سول لائين واري بنگلي تي ۽ ٻئي ڀيري 1990ع ۾ سندن وڏي بنگلي تي هالا ۾.

[370] گنجينهٔ اسرار سروريه قلمي.

[371] گنجينهٔ اسرار سروريه قلمي.

[372] گنجينهٔ اسرار سروريه قلمي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 248


وڏيڪ مقبول ۽ معروف ٿيو حضرت الله بچائي سائينؒ جن کي وڏن جي نسبت سان "مير سائين" بہ سڏيندا هئا. سندن چهرو رعبدار، رنگ سرخ ۽ سفيد، قد موزون، نهايت عمدو ۽ نفيس لباس پائيندا هئا. الله بچائي سائين جو ننڍپڻ هالا ۾ گذريو جوانيءَ ۾ ڪافي سيرو سياحت ڪيائون، سيرو سياحت سان گڏ گهوڙي سواريءَ جو اعليٰ شوق رکندڙ بهترين شهسوار هئا. علم و ادب، بولي ۽ شعر و شاعريءَ سان گهاٽو لڳاءُ هئن، سندن محفل ۾ سگهڙن جي رهاڻ ۽ ڪلامن ڪان وٺي ڪِلَ پوڳ تائين سڀ رنگ شامل هوندا هئا. پاڻ بذات خود ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ چوندا هئا. تاهم، سندن ڪلام هن وقت ڪٿي بہ دستياب ناهي. سندن تخلص "مهجور" هو.

1920ع ڌاري هندستان جي شهر "باهڙ ميڙ" ۾ رهندڙ مسلمان پٺاڻ مان شادي ڪيائون، ڪين ڪو نرينہ اولاد ڪو نہ ٿيو. حضرت الله بچايو عرف مير سائين رحمة الله عليه پڇاڙڪن ڏينهن ۾ ناچاق رهڻ لڳا هئا. سندن انتقال پر ملال 9_ ربيع الاول 1364هه[373] مطابق 22_ فيبروري 1945ع تي حضرت حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه جي رحلت کان فقط بہ مهينا پوءِ هالا ۾ ٿيو سندن عمر 49 سال هئي، کين درگاهہ شريف جي حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنديءَ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

## حضرت مولوي مخدوم غلام حيدرسائين رحمة الله عليه

(1316_1372هه/1899_1953ع)

Gul Hayat Institute

حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صديقي رحمة الله عليه جن جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج ناهي. پاڻ حضرت صاحبِ شريعت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جا ننڍا فرزند هئا. سندن ولادت مبارڪ 12 ذوالحج 1316هه مطابق 23_ اپريل 1899ع تي هالن ۾ ٿي. متن "غلام حيدر" ۽ "محمد سعيد" نالا رکيا ويا هئا. ديني، سماجي ۽ اصلاحي خدمتن، علم پروري ۽ درسگاهون قائم ڪرڻ جي ڪري هالا جا ماڻهو عقيدت مان کين "معمارِ هالا" سڏيندا آهن.

---

[373] گنجينۂ اسرارِ سروري قلمي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 249



27_ رجب المرجب 1344هـ مطابق 10 فيبروري 1926ع تي سيڪات جي حاجي محمد هاشم ۽ حاجي نور محمد سمي وارن مان شادي ڪيائون، ان وقت سندن عمر 26 سال هئي. کين ڪو نرينه اولاد ڪو نه ٿيو. هتي سندن دستِ راست مرحوم قاضي غلام محمد قريشي هالا پراڻي واري جي لکيل سندن زندگي بابت مضمون مان اقتباس ڏجي ٿو.[374]

"سندن والد جن جي اراده ۽ خواهش موجب پاڻ ديني تعليم ۾ مشغول ٿي ويا، سندن عربي پارسي تعليم لاءِ مولوي شاهه محمد صاحب پنجاب مان گهرائي کين ۽ 3_4 هالن جا پيا به شاگرد مقرر ڪري کين تعليم ڏني ويئي. پاڻ جڏهن 15_16 سالن جي عمر کي پهتا ۽ پارسي عربي تعليم گهڻي پاڳي مولوي شاهه محمد مرحوم ڪان ورتي ته سندن والد بزرگوار کين مدرسه دارالعلوم ديوبند فراغت تحصيل لاءِ موڪليو باقي ڪتاب اتي ختم ڪري ديوبند مان فارغ التحصيل ٿي موٽي پنهنجي وطن آيا. ڪتابن جو ايڏو ذخيرو پنهنجي ڪتب خانه لاءِ گڏ ۽ هٿ ڪيائون جو اهو ڪتبخانه پاڪستان جي وڏن ڪتبخانن مان هڪ ليکجي ٿو.

سندن والد بزرگوار جن جي وفات بعد سمورو دنيوي ڪاروبار سندن حوالي رهيو. تاهم سندن علمي ذوق، شوق جستجو سيرابيءَ لاءِ ڪوشان رهيو ان ڪري پاڻ استاد الڪل مولوي محمد صاحب مرحوم جن کي پاڻ وٽ مقرر ڪري وٽن درس حديث جو تازه تر دور ڪري سَنَدَ ورتي ۽ اها سَنَدَ بالواسط شاهه ولي الله محدث دهلوي سان ملي ٿي ان سَنَدَ جو نقل اڄ به موجود آهي. صوم و صلواة جا سخت پابند نماز پنجگانه سان گڏ روزانو تلاوت قرآن شريف رمضان شريف جا روزا ۽ حافظ پنيان تراويحن ۾ ڪڏهن هڪ ڪڏهن ٻه ختمان مهيني ۾ پڙندا هئا. صلوات سڳوريءَ جو ورد اڪثر رهندو هو. حضور انور آقائي نامدار صلي الله عليه وسلم جن جي ذات والا صفات سان عقيدت ۽ احترام جو اهو مقام هو جو اڪثر سندن اسم مبارڪ ٻڌڻ سان اشڪبار ٿي ويندا هئا. مثنوي شريف جو مطالعو اڪثر رهندو هو. تفسير ۽ حديث سان هر وقت وابستگي رهندي هئي. هر دنيوي

---

[374] انشاءُ الله عاليجناب حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صدّيقي قريشي ﷾ جن جي مڪمل سوانح، طالب المولىٰ اڪيڊمي ۽ طرفان جلد شايع ڪرائي ويندي (مصنف)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 253



ان بعد نارن تي ايندا اتي مغرب پڙهي وري بنگلہ تي ايندا هئا. ڪار گذار ماڻهو سڀ پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪارروائي ٻڌائي وڏيڪ مشوره وٺندا هئا. عشا بعد وري علمي ادبي سٿي ڪچهري ٿيندي جا 10 ڪان 12 تائين هلندي وري ڏيڍيءَ تي اسرندا. آخري ايامن ۾ به معمولات ۾ گهٽ فرق آندائون.“ [375]

معمارِ هالا، محسنِ تعليم مولوي حضرت مخدوم غلام حيدر ﷫ جو انتقال 26۔ رمضان 1372ھ [376] مطابق 9۔ جون 1953ع تي هالا ۾ ٿيو. ڪين درگاھ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جي حضرت مخدوم نعمت الله ﷫ واري چوڪنڊي ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو بعد ۾ اها چوڪنڊي سندن ئي نالي سان سڏجڻ لڳي.

---

[375] قاضي غلام محمد قريشي، سروري ميگزين، ص: 18 کان 24.

قاضي غلام محمد قريشي (1924۔1991ع):

قاضي غلام محمد بن قاضي محمد اعظم بن قاضي ابو المعالي بن قاضي محمد عظيم بن قاضي محمد قابل ساڪن هالا پراڻا. 14۔ فيبروري 1924ع ۾ تولد ٿيو. قاضي محمد قابل مرحوم حضرت مخدوم نوح عليہ رحمت جن جو مريد هو. اڄ تائين به الحمد الله اهو سلسلو جاري آهي. قاضي غلام محمد، اسڪول هالا پراڻا مان پرائمري تعليم حاصل ڪري انگريزي تعليم اي وي اسڪول هالا نوان مان حاصل ڪئي ۽ 1955ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. بي۔اي 1960ع فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. ايل – ايل بي 1962ع ۾ پاس ڪيائين ان کان سواءِ هيوميوپيٿي جو امتحان پاس ڪري جرمن زبان ۾ ڊپلوما ڪيائين. قرآن شريف ۽ عربي فارسي تعليم مدرسہ اشرفيہ هالا پراڻا مان حاصل ڪيائين ان کانسواءِ مولوي عبدالرئوف قريشي بختياربوري ۽ حافظ مدني صاحب کان به پڙهيو. پاڻ 1953ع کان 1970ع تائين ”سروري اسلاميہ ڪاليج“ جو اعزازي سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ هر جمع تي سيرت ڪلاس وٺندو هو. سندس وفات 21 نومبر 1991ع تي ٿي. (يادِ رفتگان، ص: 414/415).

[376] گنجينهٔ اسرار سروريہ قلمي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

وقت تي جهنگ ۾ وڃي ڪاٺين جي پري ڪري، ان جا ڪنڍا پنهنجي وات سان سوئي، ڪاٺيون صاف ڪري، مرشدن جي دروازي تي پهچائي ويندو هو. انهن ڪاٺين جي بدلي واري نوڙ (جيڪا ڏيپ لٽي، پنهنجن هٿن سان وٽي ناهيندو هو) پانڌي ۾ چڙهي ويندو هو.

هڪ ڏينهن، حضرت مخدوم نوح سرور ﷫ جن کي پنهنجي حويليءَ جي ديوارن (ڪوٽ) جي مرمت ڪرائڻ جو خيال ٿيو. معلوم ٿين ته مٽيءَ (گاري) ۾ جيڪو ٻهه استعمال ٿيندو آهي، اهو موجود ڪين آهي. سندن اراديءَ عزم کي سمجهي، هڪ فقير عرض ڪيو ته ”پانڌي ۾ ايترا بنڊڻ پيا آهن، جي جيڪڏهن ڪتر ڪري استعمال ڪيا ويندا ته پوءِ مرمت جو ڪم پورو ٿي ويندو“ ان تي پاڻ وراڻيائون ته ”اهي ايترا بنڊڻ پانڌي ۾ ڪيئن گڏ ٿيا؟“ ان تي سندن مريدن عرض ڪيو ته .اهي بنڊڻ، ادر فقير جي ڪاٺين وارا آهن، جي روز هو پانڌي ۾ اڇلايو ويندو هو.“ پاڻ فرمايائون ته ” ان فقير کي اسان وٽ حاضر ڪيو.“ سندن حڪم تي، ماٺهو ميان ادر کي وٺي آيا. پاڻ کيس ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ اجوري ڏيڻ جي آڇ ڪيائون، جنهن تي ميان ادر عرض ڪيو ته. ”قبلا سائين دعا جي ضرورت آهي!“ اهو ٻڌي پاڻ خاموش رهيا، ۽ فقير جي ٻانهن هڪ دڪاندار جي حوالي ڪري، فرمايائون:

”هي فقير جو ڪجهه به گهري، ان کي ڏنو وڃي، ان جي ادائگي، اسين ڪنداسين.“

ميان ادر، مرشد جي حڪم موجب، روز دڪاندار وٽ ويندو هو ۽ ڪانئس هڪ پائيءَ جا پڪڙا وٺي، انهن کي هٿن ۾ مهٽي صاف ڪري، ڪلون ڪائي ڇڏيندو هو ۽ پڪڙا دڪاندار کي واپس ڏيندو هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، حضرت مخدوم نوح ﷫ جن ماٺهو موڪلي، دڪاندار کان فقير صاحب جي ڪنڌي جي خبر ورتي. ماٺهوءَ کي، دڪاندار کان معلوم ٿيو ته سندس ميان ادر ڏي هڪ پائي حساب جي به ڪا نه آهي. ان خبر تي ان قاصد، دڪاندار کان سارو احوال معلوم ڪيو، جنهن کيس ساري حقيقت ٻڌائي. اها ساري خبر جڏهن حضرت مخدوم نوح ﷫ وٽ پهتي، تڏهن پاڻ ڏاڍا راضي ٿيا، ميان ادر کي گهرائي کيس دعا ڪرڻ فرمايائون ته:

”نوشهري کان اورئين طرف ميون، ۽ پرئين طرف پير ٿي سڏبين.“

ان دعا کان پوءِ، ميون ادر، مرشد کان موڪلائي نوشهري فيروز پهتو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 257


بخش اصل ناگور جو رهاڪو هو ۽ مدرسہ نوشهري جي بورڊنگ هائوس ۾ مسجد جو امام ۽ قرآن شريف جو استاد هوندو هو. حاجي محمد صالح چنو ۽ آخوند محمد يوسف خطيب نوشهرائي. بہ سندس صحبتي هئا. وفات کان چار سال اڳ. حج تي ويو. پر اهو سارو سفر جدي کان مڪي تائين ۽ مڪي کان مديني تائين پيادل ڪيائين ۽ واپسيءَ ۾ جدي تائين بہ پيادل پهتو.

## شادي:

والده صاحبہ ۽ وڏي ڀاءُ مرحوم جمال جي چوڻ ۽ ستائڻ تي سڏوجن جي ٻهڻ خاندان مان شادي ڪيائين. جنهن گهر مان ٽي ٻار پيدا ٿيا. انهن مان بہ زنده آهن. هڪ پير غلام حيدر (ويسٽ پاڪستان هاءِ ڪورٽ) جو جج آهي. ٻي نياڻي آهي، جنهن جي شادي پنهنجي ڀاءُ جمال الدين جي پٽ پڳدار پير ميان تراب علي سان ٿيل آهي. جو هن وقت نوشهري فيروز ٽائون ڪميٽيءَ جو چيئرمين آهي.

## مرشد جو ادب:

ميان ڪمال جو تعلق حضرت ظهيرا الدين عرف حضرت مخدوم پرو جام سان هو. سندس مريدانہ ادب عشق جي حد تائين هو هي بزرگ موجوده سجاده نشين. حضرت مخدوم محمد زمان سائين "طالب المولي" جو ڏاڏو هو. ميون ڪمال جڏهن بہ نوشهري فيروز کان هالا ڏانهن ايندو هو تڏهن دستور موجب، هميشہ پيرين اگهاڙو ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هالا ڏانهن ايندي ڪاڪن فقيرن (ڪاڪا فقير، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جا مريد آهن) وٽ ايندو هو هڪ تہ ڪاڪا فقير بہ حضرت نوح سرور رحمة الله عليه جا مريد هئا ۽ ٻيو سبب هي هو جو سندس وڏي ڀاءُ جي شادي انهن فقيرن مان ٿي هئي. فقير صاحب کي پيرين پيادي پنڌ ڪرڻ تي، پيرن ۾ لڦون پئجي وينديون هيون، انهن کي لوڻ ۽ تيل جي مالش بہ اتي ڪاڪن فقيرن ۾ اچي ڪرائيندو هو. اتي رات رهندي، پنهنجي دوستن ۽ صحبتين کي سومار شريف تي هلڻ لاءِ رغبت ڏيندو هو ۽ پاڻ سان گڏجي هلڻ لاءِ آماده ڪندو هو واٽ ويندي ٻين سيني فقيرن کي بہ پيرين پيادي ٿي هلڻ لاءِ چوندو هو فرمائيندو هو: "رستي ۾ مرشد جا گلم وڇايا پيا آهن، تنهن ڪري ادب سان هلو." رستي ۾ هلندي سندس چوڻ تي بہ جيڪو جُتي نہ لاهيندو هو تہ پوءِ زوريءَ سندس جُتي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 260

هڪ پيري ڪمال فقير پنهنجي فقراءَ جي ٽوليءَ سميت نوشهري ڪان هالين آيو. حضرت مخدوم صاحب ميان ظهير الدين عرف پرو ڄام جن وٽ ڪچهري لڳل هئي. پاڻ فقير ڏانهن نياپو موڪليائون تہ:

”اوهان فقيرن سان گڏ ڳائيندا. قلب کي گرمائيندا ڪچهريءَ ۾ اچو!“

فقير صاحب پنهنجي ٽولي سميت هيءُ ڪلام ڳائيندي، ڪچهريءَ ۾ آيو:

اڄ شڪر مبارڪ شاھ آيا. ساڏا پير مغان بادشاھ آيا.

## 19: ماستر نارائڻ داس[380]

ماستر نارائڻ داس ۽ سندس پياءُ چوهڙ مل سونارو هالا شهر ۾ رهندا هئا. ماستر نارائڻ داس شروع ۾ ورنيڪيولر اسڪول ۾ ماستر پڻ ٿي رهيو. جناب مخدوم مولوي غلام حيدر جن جي اڳواٽيءَ هيٺ ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جي ميمبر جي حيثيت ۾ نمايان خدمتون انجام ڏنائين. مخدوم غلام حيدر جن جي انتقال 1953ع بعد ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جي نئين سر تشڪيل ڏني ويئي، ماستر نارائڻ داس کي سندس بيش بها خدمتن کي مدِنظر رکندي ان ۾ ميمبر طور کنيو ويو ماستر نارائڻ داس ڪجھ عرصو جناب مخدوم غلام حيدر وٽ ڪارخاني جو عام مختيار بہ ٿي رهيو.

## واقعاتي تاريخ

(1331_1345 ھ / 1913_1927ع)

Gul Hayat Institute

### 1913ع

3_ سيپٽمبر:

صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهيرالدين ولد حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جي دستاربندي ٿي، پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جا 15_ نمبر سجّاده نشين هئا. (1_ شوال 1331ھ).

---

[380] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ص: 78

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جنرل ضياءَ الحق جي دور ۾ پاڪستان جو وزير دفاع ٿي رهيو.

5 سيپٽمبر:

مخدوم پير رڪيل ريلائي جو وصال ٿيو (27 محرم 1334 هه)

24_ڊسمبر:

ملڪ جو مشهور قانوندان ۽ آئيني ماهر اي- ڪي- بروهي، ڳڙهي ياسين ۾ ڄائو.

1916ع

25_مارچ:

ڄيٺانند پاوِنداس لعلواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. هي صاحب سنڌ ۾ "پارت جيون" نالي ماهوار رسالو ڪڍندو هو. جيڪو ورهاڱي تائين هلندو رهيو.

10_جون:

هر درياني "دلگير" لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.

9_ جولائي:

پير محمد ابراهيم "خليل" سرهندي جي ولادت ٿي (7_ رمضان 1334هه).

11_ سيپٽمبر:

مرزا مراد علي بيگ "بيدل" ولد مرزا فتح علي بيگ جو وصال ٿيو. سندس ولادت 1862ع ۾ ٿي. مرزا قاسم بيگ ۽ سيد مصري شاهه سندس استاد سخن هئا.

1917ع

4_ فيبروري:

پاڪستان جو ٻيو صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل يحيٰ خان پشاور ويجهو ڄائو.

1_ اپريل:

سنڌ مسلم ليگ قائم ٿي.

25_ اپريل:

مخدوم الله بخش عرف عطا محمد جو وصول ٿيو (2_ رجب 1335هه). پاڻ عباسي خاندان جو فرد هئو سندس سلسلهٔ نسب مخدوم عبدالرحمان شهيد سان ملي ٿو. سندس مُهر تي هيءَ سجع نقش هئي:

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 263


”سعادت دو جهانم عطا محمد کرد“

6_ آڪٽوبر:

قادر بخش ”بشير“ سومري جي شاعري جي ابتدا ٿي.

3_ نومبر:

سنڌ پراونشل ڪانفرنس جي خاص گڏجاڻي حيدرآباد ۾ ٿي.

5_ نومبر:

مولانا محمد اسماعيل فيروزشاهي جو وصال ٿيو. مولانا ذات جو سومرو هو (19_ محرم 1336ھ).

27_ ڊسمبر:

سنڌ جو مشهور قادرالڪلام غزل گو شاعر خليفو محمد عمر ”اختر هالائي“، هالا نوان ۾ ڄائو.

آيو مسيح آهي محبّت جي لاش تي،
’اختر‘ وري به زنده ٿيڻ تو نصيب ٿئي.

## 1918ع

7_ جنوري:

سيد جمال شاهہ بن سيد نور شاهہ پاٽوڻيءَ جو وصال ٿيو.

23_ جنوري:

قاضي محمد بخش ’عاجز‘ ولد قاضي ابوالخير جو ڪراچيءَ ۾ انتقال ٿيو.

18_ مارچ:

مولانا حاجي محمد هالائي جو وصال ٿيو (4_ ربيع الثاني 1336ھ).

21_ جون:

مولانا عبدالغفور ’مفتون‘ همايوني جو انتقال ٿيو.

13_ آگسٽ:

سليمان شاهہ ”سالم“ ولد غلام محمد شاهہ جو وصال ٿيو. سندس ولادت ڳوٺ ڊبر تعلقي روهڙي ۾ ٿي. پاڻ درگاهہ حضرت شاهہ جلال ﷫ جو سجّاده نشين هئو.

20_ آگسٽ:

مولانا مفتي محمد صاحبداد جمالي، مدرسہ قاسميہ ڳڙهي ياسين ۾ علامہ مفتي محمد قاسم کان سَنَدَ حاصل ڪئي. (11_ ذيقعد 1336ھ).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 264



1_ سيپٽمبر:
سيد محمد سعيد شاهه بن سيد ويڏيل شاهه ٽکڙ ۾ ڄائو سندس تخلص ’سعيد‘ هئو.

19_ آڪٽوبر:
پير پاون علي شاهه ’ساقي‘ جو وصال ٿيو پاڻ فقير پير محمد شاهه جي وصال بعد درگاهه شاهه قادريه جو سجّاده نشين ٿيو.

اهو طائرِ دل اُڏامي نہ ويندو
پيا جنهن کي زلفن جا خم کهڙا کهڙا.
ساقي

10_ نمبر:
سيد حاجي محمد حافظ شاهه جو انتقال ٿيو (5_ صفر 1337هه). کيس حضرت خواجه عبدالرحمان نقشبندي واري مقام ۾ دفن ڪيو ويو.

15_ ڊسمبر:
سنڌ جو مشهور صاحب طرز شاعر، اديب ۽ رٽائرڊ سيشن جج سيد حيدر شاهه ’حيدر‘ اجناڻي، حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. پاڻ سيد مٺن شاهه اجناڻيءَ جو وڏو فرزند ۽ پڳدار هئو. سندس ڪلام جو مجموعو ’محفل‘ طالب المولى اڪيڊمي طرفان شايع ڪيو ويو.

1919ع

Gul Hayat Institute

4_ جنوري:
بيگم زينت عبدالله چنا جي ولادت ٿي.

12_ مارچ:
ميان عبداللطيف پٽي (جم 1274هه/1857_1858ع) بن ميان دين محمد پٽي جو وصال ٿيو (9_ جمادي الثاني 1337هه).

28_ مارچ:
قائداعظم محمد علي جناح، رولٽ ايڪٽ ’Rowlatt Act‘ جي احتجاج ۾ امپريل قانون ساز ڪائونسل تان استعيفي ڏني.

13_ جون:
قلندر بخش ’نثار بزمي‘ ولد وڏيرو محمد حسن خان جوڻيجو مرزاپور ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 265



13_ سيپٽمبر:

شمس الدين ’بلبل‘ ولد بهادر خان شينو جو انتقال ٿيو.

4_ آڪٽوبر:

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي ولادت ٿي. پاڻ حضرت مخدوم غلام محمد ’مغموم‘ جا فرزند ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جا 17_ سجّاده نشين هئا. سندن انتقال 11_ جنوري 1993ع تي جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ ٿيو. کين 12_ جنوري 1993ع تي ٻنپهرن مهل درگاهه حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي وڏي مقبري ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

الله ئي الله، ٻيو سنيران ڪين ڪي،
ڪن ۾ ٻانگي ٻانگ سان، ڪيو آواز الاالله،
مادرُ مون معصوم کي، چيو لوليءَ ۾ لله،
ڪونهي ٻيو ڪريم ري، هو شاهَن سندو شاهه،
آهي ان جي امر ۾، سفيد ۽ سياهه،
هادي هو همراهه، هردم آهي هَڪل ۾.

طالب المولىٰ رح

19_ آڪٽوبر:

خانبهادر سيد الهندو شاهه وصال ڪري ويو.

1920ع

7_ فيبروري:

جان محمد جوڻيجو ۽ پير تراب علي شاهه راشدي جي ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ عظيم الشان ’خلافت ڪانفرنس‘ ٿي، جنهن جي صدارت پير رشيد الله راشدي جهنڊي واري ڪئي.

12_ فيبروري:

مير علي نواز شاهه ’علوي‘ ولد فخرالدين شاهه جو انتقال ٿيو. پاڻ شڪارپور جي شاهن مان هو سندس ولادت 1853ع ۾ ٿي. سندس سلسلهءِ نسب امام محمد بن امير المومنين علي بن ابو طالب عليه السلام سان ملي ٿو. مير علي نواز جا وڏا ڪلهوڙن جي دورِ حڪومت ۾ افغانستان مان لڏي سنڌ ۾ آيا.

17_ مارچ:

شيخ مجيب الرحمان Tungipara، مشرقي پاڪستان ۾ ڄائو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 266


26_ مارچ:
ڳوٺ مخدوم بلاول (ضلعي دادو) ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي.

5_ اپريل:
سکر ۾ ستين (7) سنڌ پروانشل ڪانگريس ڪانفرنس ٿي.

17_ اپريل:
هالا ۾ خلافت ڪميٽي جو اجلاس ٿيو حاجي پير محمد انصاري صدارت ڪئي.

24_ اپريل:
خليفي چٽي 'درس' جو وصال ٿيو (4_ شعبان 1337هه). خليفو 1858_ 1859ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو محمد قابل هو.

10_ سيپٽمبر:
سيد شمس الدين شاهه 'شمس' ولد سيد فقير قطب علي شاهه جو وصال ٿيو.

24_ سيپٽمبر:
مرزا دوست محمد "دوست" ولد مرزا علي بخش بيگ جو وصال ٿيو.

22_ ڊسمبر:
حاجي مظفر حسين 'جوش' ولد حاجي محمد حسن علي آفندي ڄائو.

30_ ڊسمبر:
سنڌ جو مشهور اديب ۽ دانشور مولانا غلام محمد 'گرامي' ڄائو.

1921ع

8_ فيبروري:
هزهائينيس مير امام بخش خان ٽالپر جو انتقال ٿيو.

16_ اپريل:
رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجي جو اجمير شريف ۾ وصال ٿيو.

1_ مئي:
حاجي عبدالله هارون ٻيهر ڪراچيءَ جو ميونسپل ڪائونسلر منتخب ٿيو.

10_ جون:
موجود ملڪهٔ برطانيا اليزبيٿ جو مڙس شهزادو فلپ، يونان ۾ ڄائو.

8_ جولائي:
ڪراچيءَ ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي، جنهن جي صدارت مولانا محمد علي جوهر ڪئي.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

5_ آگسٽ:
گوبند مالهي، ٽارو شاهه ۾ ڄائو. روزانه اخبار 'آزاد' جو ايڊيٽر ٿي رهيو ورهاڱي بعد لڏي ڀارت ويو.

28_ سيپٽمبر:
علي برادران جو مشهور مقدمو شروع ٿيو.

1_ نومبر:
علي برادران جو مقدمو پورو ٿيو علي برادران کي مجرم قرار ڏنو ويو.

8_ نومبر:
پير پاڳارو سيد شاه مردان 'ڪوٽ ڏڻي' انتقال ڪري ويو (7_ ربيع الاول 1340هه).

11_ نومبر:
مشهور دانشور علي احمد بروهي ڳوٺ ڪنيرا تعلقي اوٻاڙي ۾ ڄائو.

25_ ڊسمبر:
پهرين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ٿي، جنهن جي صدارت شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ ڪئي.

## 1922ع

1_ فيبروري:
ميان دين محمد پيٽي ولد ميان عبداللطيف پيٽي جي وفات ٿي.

12_ مارچ:
پروفيسر محبوب علي چنا ولد محمد صالح چنا سيوهڻ ۾ ڄائو.

18_ مارچ:
پرنس آف ويلز ڪراچيءَ آيو.

15_ اپريل:
سنڌ جو مشهور شاعر صوفي دوست محمد ولد ولي محمد سمون ڄائو. سندس تخلص 'ساجد سرشاري' هئو.

10_ آگسٽ:
حضرت مخدوم ظهيرالدين صدّيقي قريشيءَ سان سيد غلام مرتضيٰ شاهه عرف 'جي ايم سيد' جي هالا ۾ پهرين ملاقات ٿي.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 268


12_ سيپٽمبر:
ملڪ صوبدار خان سوم (نهڙيو) جي ٽاٽي بولا خان ۾ وفات ٿي (19_ محرم 1341ھ). پاڻ ملڪ سردار خان دوئم جو فرزند هئو.

22_ سيپٽمبر:
غلام محمد ڀرڳڙي، برطانيا طرفان يونان جي ترڪيءَ تي ڪاهہ جي حمايت تي احتجاج طور انڊين ڪائونسل آف اسٽيٽس تان استعيفيٰ ڏني.

23_ آڪٽوبر:
مولوي عبدالله مري کي گرفتار ڪيو ويو.

10_ نومبر:
حضرت مولانا عبيدالله سنڌي، افغانستان کان ماسڪو پهتو.

## 1923ع

22_ فيبروري:
ڀاري لال چاٻڙا شڪارپور ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

6_ مارچ:
جاتيءَ ۾ ”خلافت تحريڪ“ جو جلسو ٿيو جنهن جي صدارت مولوي حاجي فتح علي جتوئي ڪئي. (17_ رجب 1341ھ).

23_ مارچ:
سنڌ جو مشهور شاعر ”شيخ اياز“ شڪارپور ۾ ڄائو. سندس اصل نالو مبارڪ علي ۽ والد شيخ غلام حسين هئو.

15_ اپريل:
سيد غلام محمد شاهہ ”مشتاق“ ولد سيد عيدن شاهہ بخاري ڄائو. سندس سلسلهٔ نسب حضرت سيد جلال شاهہ بخاري سان ملي ٿو. پاڻ آباءُ و اجداد کان حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جو مريد آهي.

1_ جولائي:
محمد خان ”مولائي“ ولد ميهر خان چانڊيو وڳڻ وڏا تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.

27_ آڪٽوبر:
مولوي عبدالله مري هڪ سال جي سزا ڪاٽڻ بعد آزاد ٿي وطن پهتو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 269

12_ ڊسمبر:

سنڌ جو مشهور شاعر عبداللطيف ’راز‘ بلڙائي ڄائو. سندس والد عبدالستار ڪوريجو هئو. مخدوم طالب المولىٰ ۽ بسمل ٽڪڙائي شاعريءَ ۾ استاد هئس.

1924ع

4_ جنوري:

مٽيارين ۾ متعلوي سادات جي ڪانفرنس ٿي. سخي هاشم شاهہ جي سجّاده نشين سيد الله يار شاهہ ان جي صدارت ڪئي.

10_ فيبروري:

جي ايم سيد شام جو هالا پهتو حضرت مخدوم ظهيرالدين رحمة الله عليه سان ”ڪانفرنس سادات“ منعقد ڪرڻ جو ذڪر ڪيائين. پاڻ دلچسپي ڏيکاريائون ۽ ڪاميابيءَ لاءِ دعا ڪيائون.

3_ مارچ:

ترڪيءَ ۾ ”خلافت“ جو خاتمو ڪيو ويو. آخري خليفي سلطان عبدالمجيد کي ملڪ نيڪالي ڏني ويئي.

9_ مارچ:

رئيس غلام محمد خان پر ڳڙي جو انتقال ٿيو.

17_ مارچ:

سن ۾ متعلوي سادات جي ڪانفرنس ٿي، مولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ صدارت ڪئي.

Gul Hayat Institute

5_ اپريل:

سيد حاجي امام علي شاهہ بن خانبهادر حسين علي شاهہ ڄاموٽ جو وصال ٿيو.

15_ اپريل:

صوفي جهامنداس ’عاشق‘ ولد سيٺ جيئندل مل ڳوٺ ڪمن شڪارپور ۾ ڄائو.

17_ مئي:

سيد لطف علي شاهہ ’منظور نقوي‘ ٽنڊي جهانيان ۾ ڄائو.

6_ جون:

ميرپورخاص مان اخبار ’مسلمان‘ جي اشاعت جو آغاز ٿيو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 270


12_ جون:
هزهائينيس مير عبدالحسين خان ”سانگي“ (ڄم 1851ع) جو وصال ٿيو. پاڻ مير عباس علي خان جو فرزند هئو.

24_ جون:
سنڌ جي مشهور بزرگ اديب ۽ عالم، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي ڳوٺ رئيس پنيو خان چانڊيو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ولادت ٿي (21، ذيقعد 1342هه).

12_ آگسٽ:
پاڪستان جو ماڊل ڊڪٽيٽر صدر ضياءُالحق، جالنڌر ۾ ڄائو.

13_ آگسٽ:
هزارو خان ’مجاهد‘ ولد لعل بخش خان عباسي شهر گهوگهارو، تعلقو قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.

16_ ڊسمبر:
هوم اسٽيڊ هال، حيدرآباد ۾ سنڌ تعليمي ڪانفرنس جو افتتاح ٿيو صدارت سر ابراهيم رحمت الله ڪئي.

## 1925ع

2_ فيبروري:
غلام مرتضيٰ عباسي ڄائو سندس والد ميان جان محمد عباسي ۽ تخلص ’اعظم‘ آهي.

13_ مارچ:
خانبهادر سيد حسن علي شاهہ جاموٹ (ڄم 1849ع) جو وصال ٿيو.

15_ مارچ:
الهورايو ”سليم ڳاڙهوي“ ڄائو. سندس والد الهڏنو مهر هئو.

10_ جون:
علي محمد ”خالدي“ ٺٽي ۾ ڄائو سندس والد نهال خان لاشاري هئو.

15_ جون:
حضرت سخي قبول محمد صوفي جو وصال ٿيو (23_ ذيقعد 1343هه). پاڻ 1261هه ۾ درازن ۾ تولد ٿيو سندس والد خواجہ نجم الدين جو انتقال 1272هه ۾ ٿيوبهن ورهين جي عمر ٿيو.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 271

14_ نومبر:
مولانا عبدالله پيرائي جو وصال ٿيو.

15_ ڊسمبر:
سنڌ جو ڪهنه مشق شاعر محمد شفيع "انور هالائي" هالا ۾ تولد ٿيو. پاڻ آخري دم تائين بزم طالب المولىٰ سنڌ جو سيڪريٽري جنرل ٿي رهيو.

25_ ڊسمبر:
بي آل سنڌ ادبي ڪانفرنس مير ايوب خان بئريسٽر جي صدارت هيٺ حيدرآباد ۾ ٿي.

## 1926ع

21_ اپريل:
برطانيا جي راڻي ايلزبيٿ، لنڊن ۾ ڄائي.

15_ مئي:
بزم مشاعره ميرپور نل طرفان هن طرح تي مشاعرو ٿيو:
"محفلِ اغيار جي ڪيئن توکي الفت ٿي وٺي."

18_ جون:
رحمت الله "شوق" ولد آخوند اسد الله قريشي ڳوٺ پراٽو جهلي ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.

27_ جون:
مولوي غلام رسول "هاشم" شڪارپوري جو وصال ٿيو.

2_ جولائي:
هن دور جو بهترين غزل گو شاعر محمد حسن "ساز" ڄائو. پاڻ عبدالله برفت جو فرزند آهي.

تنهنجي حالت اگر اها آهي
اي دلِ اشڪبار! ڇا ٿيندو؟
ساز

3_ جولائي:
سيد پير شهاب الدين لڪياري ولد سيد فتح علي شاهه لڪياري جو وصال ٿيو. (21_ذوالحج 1344هه).

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 272

5_ آڪٽوبر:

محمد عمر "معمور يوسفاڻي" ولد حاجي يوسف پلي ڳوٺ پير محمد پلي تعلقي عمرڪوٽ ۾ ڄائو. (27_ ربيع الاول 1345هه).

18_ نومبر:

مرڪزي ليجسليٽو اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون.

30_ ڊسمبر:

شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ مسلم ليگ جي اجلاس ۾ عليحده سنڌ جو نعرو پيش ڪيو.

## 1927ع

5_ جنوري:

مرزا غلام حيدر بيگ (ڄم 1834ع) جو وصال ٿيو. سندس والد مرزا فتح علي بيگ ۽ تخلص "قنبر" هئو.

11_ جنوري:

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 15_سجّاده نشين حضرت مخدوم ظهيرالدين بن حضرت مخدوم امين محمد ثالث جو وصال ٿيو. (6 رجب 1345هه).

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

# حضرت
# مخدوم غلام محمد ”مغموم“ عرف
# گُل سائين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

(16_ سجّاده نشين درگاهہ شريف, هالا)

(ولادت: 1303هہ/1886ع, هالا شريف)

(سجّاده نشيني: 1345هہ/1927ع)

(وصال: 1364هہ/1944ع, هالا شريف)

(مدفن: وڏو قبو درگاهہ شريف)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ولادت مبارڪ

تعليم

شادي ۽ اولاد

سجّاده نشيني

شاعري

حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائينؒ جن جي ولادت جي پيشنگوئي

مظلوم پاران حق جي شاهدي

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين رحمة الله عليه جن جو ڪانئن ذڪرونئن

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين رحمة الله عليه جن ڪي تحسين و آفرين

وصال

حضرت مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه جن جي فرزندن جو احوال

ضميما

واقعات تاريخ (1345_1364 هه / 1927_1944ع)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 275



# حضرت مخدوم غلام محمد "مغموم" عرف
# گل سائين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه
(1303-1364ھ/1886-1944ع)

حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير عليه الرحمت جن جا سورهون نمبر سجّاده نشين، حضرت مخدوم غلام محمد عرف "گل سائين" رحمة الله عليه ولد صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن وڏي ڪمال ۽ بزرگيءَ وارا فقير ٻير هئا. سندن فقيري ۽ فضيلت واري مهراڻ مان ڪئين سرسبز شاداب و آباد ٿيا. گل سائين رحمة الله عليه جن، "سخاوت ۾ بيمثال هئا، جيڪي هوندو هون سو ڏئي ڇڏيندا هئا. سائل کي اهو ڏيندا هئا جيڪي هو گهرندو هو."[381]

"مخدوم صاحب نياز ۽ حلم جو مجسمو هو. ڳالهائيندو ٿورو هو سدائين سڪوت ۾ رهندو هو جيڪڏهن ڪو ساڻس ڳالهائيندو هو ته ٻن ٽن چونڊيل لفظن ۾ اهڙو ته جواب ڏيندو هو جنهن تي وڏن جيد عالمن ۽ فيلسوفن کي به رشڪ اچي".[382]

"پاڻ صاحبِ اخلاق، صاحبِ تهذيب، صاحبِ تميز، صاحبِ خردمندي، صاحبِ سنجيدگي ۽ صاحبِ خاموشي وغيره ۽ ذڪر فڪر ڪندڙ هئا. هميشه ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندا هئا. ڪتابن جو گهڻو مطالعو ڪندڙ هئا تنهن ۾ به ديوانِ حافظ جو زياده مطالعو ڪندا هئا. هميشه خاڪي لباس ۾ ملبوس هوندا هئا."[383]

جن کي ڏوُر درد جو سبق سور پڙهن
فڪر قرهي هٿ ۾ ماٺ مطالع ڪن
پنو سو پڙهن جنهن ۾ پَسن پرين کي
حضرت شاهه صاحب رح

---

[381] رفيق حيات، ص: 161.

[382] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 97.

[383] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، يادِ رفتگان، ص: 143.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مجاور درگاهه سروري[387] وٽ طئي ڪيائون ۽ باقي تحصيل پير جهنڊي جي ڪوٽ تي مولانا عبيدالله سنڌيءَ وٽ پير سيد رشيد الدين[388] (1836_1899ع) جي وقت ۾ ڪيائون.[389] امامِ انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ (ولادت: 10 مارچ 1872ع وصال: 22 آگسٽ 1944ع) کان فارسيءَ سان گڏوگڏ مثنوي مولانا روم رحمة الله عليه جو سبق پڙهي ورتائون. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائون. ”ڪافي“ ڪتاب واري تصوير سندن ان زماني جي يادگار آهي. پاڻ وڏا عالم ۽ صحبت يافته هئا. اهل الله ۽ عالمن جا مربي، بزرگن ۽ فقيرن جا سهيوگي هئا. درس نظامي جا فارغ التحصيل ۽ دستاربند عالم هئا ۽ انگريزي تي بہ عبور حاصل هو.[390]

## شادي ۽ اولاد:

پاڻ هڪڙي شادي ڪيائون، سندن شادي خانہ آبادي 1914_1915ع ۾ هالا شريف ۾ ٿي. جيڪا سندن والد بزرگوار ڪرائي هئي. حضرت مخدوم غلام محمد رح جن جي عمر ان وقت ٽيهہ سال هئي. سندن سُهرو اٺل خان،

---

[387] قاضي حافظ مولوي شفيع محمد (1870_1935ع):
مولوي شفيع محمد 19 ذيقعد 1286هـ مطابق 21 فيبروري 1870ع تي تولد ٿيو. قرآن پاڪ جو علم پنهنجي والد حافظ حاجي آخوند محمد قاسم کان حاصل ڪيائين ۽ مولانا محمد عمر ڪُبَرَ وٽ تحصيل ياب ٿيو. آخوند صاحب، پهرين حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه ۽ بعد ۾ حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن وٽ حاضري ۾ رهيو ۽ سندن خواهش تي، ڪڏهن ڪڏهن ڪين صبح ۽ شام جي وقت مثنوي مولانا روم رحمة الله عليه پڙهي ٻڌائيندو هو. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه جن کيس هالا شهر جو قاضي مقرر ڪيو سالن جا سال وڏي ايمانداري انصاف ۽ ٻي ريائي سان ذميداري نڀايائين. آخوند شفيع محمد شادي ڪا نہ ڪئي، سندس انتقال 15 ذيقعد 1353هـ مطابق 20 فيبروري 1935ع تي هالا ۾ ٿيو.

[388] حضرت پير سيد رشيد الدين ولد پير سيد محمد ياسين راشدي جي ولادت، 1836ع ۾ ٿي ۽ سندس وصال، 7_ربيع الاول 1317هـ/ 16 جولاءِ 1899ع تي ٿيو. سندس روضو ڳوٺ پير جهنڊي ۾ آهي. سندس والد پير سيد محمد ياسين راشدي جو انتقال 18 فيبروري 1859ع تي ٿيو. احوال لاءِ ڏسو تذڪره مشاهيرِ سنڌ، جلد 3، ڇاپو 1986ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

[389] ڪچڪول، مقدمو ص: 35.

[390] رفيقِ حيات، ص: 160.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 278

دراني پٺاڻ هو.[391] الله جي فضل وڪرم سان ڪين ٻه نياڻيون ۽ ٽي فرزند ٿيا. سندن فرزندن جا اسمائي گرامي هن طرح آهن:

حضرت پير ميان محمد زمان رحمة الله عليه
(1916_1916ع)

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه
(1919_1993ع)

حضرت پير ميان امين محمد رحمة الله عليه
(1925_1928ع)

## سجّاده نشيني:

حضرت گل سائين رحمت الله عليه، پنهنجي مرشد ۽ والد بزرگوار

---

[391] **اٿل خان دراني:**

اٿل خان دراني ولد مير محمد خان پوپلزئي دراني پٺاڻ جي ولادت ڪوٽ سبزل، رياست بهاولپور ۾ ٿي. سندس سلسله نسب مير محمد خان کان ٽيندو سردار جهان خان پوپلزئي سان ملي ٿو. سردار جهان خان ڪي قنڌار جي بادشاه احمد شاه ابدالي ۽ پنهنجي فرزند. والي ۽ لاهور شهزادي تيمور جو معاون مقرر ڪيو هو. سردار جهان خان پنهنجي ڪٽنب ۽ قبيلي سان گڏ پهرين ڪوٽ سبزل ۾ مقيم ٿيو جتان 18 صدي ۾ خاندان جي ٻين افراد سان گڏ لڏي سنڌ ۾ آيو سندس ٻيا مٽ مائٽ (مير محمد خان وارا). سبزل ڪوٽ ۾ ئي رهيا. اتي رهڻ جي ڪري سندن ٻولي آهسته آهسته متجي سرائڪي ٿي وئي. مير محمد خان جي انتقال بعد، اٿل خان دراني پنهنجي ڀاءُ ڪمال خان ۽ همشيره سان گڏ هميشه لاءِ بهاولپور مان هجرت ڪري مختلف هنڌن تي ترسندو بالآخر اچي گدؤ (موجوده پٺاڻ ڳوٺ، حسين آباد، حيدرآباد) ۾ رهيو. اٿل خان کي هڪڙي نياڻي بيبي (والده صاحبه حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح) ۽ ٻه فرزند مير محمد خان ۽ محمد يوسف خان تولد ٿيا. ڪمال خان کي هڪڙي نياڻي ڄائي جنهن جو نڪاح غلام محمد خان عرف خان وڏي سان ٿيو. سندن همشيره جي شادي خدا يار خان سان ٿي، جنهن مان هڪڙي نياڻي تولد ٿي جيڪا خان غلام محمد خان جي چاچي محمد حسن خان جي نڪاح ۾ آئي. محمد حسن خان لاولد انتقال ڪيو. اٿل خان دراني ۽ جو انتقال اندازاً 1914ع کان اڳ وڏي عمر ۾ ٿيو سندس مزار پٺاڻ ڳوٺ ۾ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 279



صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين عليہ الرحمت جن جي وصال 11 جنوري 1927ع بعد 9 رجب 1345ھ مطابق 14 جنوري 1927ع[392] تي سورهين سجّاده نشين جي حيثيت سان حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور عليه الرحمت جن جي فقيري مسند تي رونق افروز ٿيا.

## شاعري:

ڪين فقيري ۽ شاعري ورثي ۾ مليون هيون. پاڻ صاحب الطرز شاعر هئا. شعرن ۾ مٺي ۽ فصيح ٻولي ۽ وڻندڙ استعارا استعمال ڪيا اٿن. سندن تخلص "مغموم" هو ۽ ڪٿي ڪٿي "سرور علي" بہ تخلص طور ڪتب آندو اٿن.

"محمد فقير ڪتياڻ ۽ مهدي سائين پنهنجي ٻالڪن تي نئون نالو رکندا هئا ۽ نالي جي پويان "علي" جو لفظ ضرور هوندو هو جيئن "امام علي"، "بحر علي" ۽ "مظهر علي" وغيره تيئن فقير صاحب مرشدنا والد صاحب جن کي بہ "سرور علي" ڏنو مگر پاڻ سندس ٻالڪا ڪو نہ هئا تاهم نالو پسند ڪيائون ۽ سجع لکي مُهر ٺهرايائون."[393]

"حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن گهڻون ڪلام چيو ليڪن سندن ڪافي ڪلام دستياب ڪونهي، هڪ سہ حرفي، هڪڙو مرثيو هڪ فارسي غزل، ٻئي فرد، ٻئي سنڌي غزل ۽ ٻئي سنڌي ڪافيون موجود آهن. سندن ڪلام مجازي بلڪل نہ آهي."[394]

ماهنامہ فردوس 1956ع جي "حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه نمبر" ۽ يادِ رفتگان جي پهرئين شماري 1953ع ۾ جيڪا حضرت گل سائين رحمة الله عليه جن جي نالي ۾ ڪافي ڏني وئي آهي اُها حضرت گل سائين رحمة الله عليه جي نہ بلڪ فقير صاحب محمد فقير ڪتياڻ جي آهي. حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولئ رح جن، يادِ رفتگان جي ٻئي ڇاپي ۾ ان جي نشاندهي فرمائيندي ان بدران گل سائين رحمة الله عليه جن جي پنهنجي ڪافي ڏني آهي. هتي گل سائين رحمة الله عليه جي اها ڪافي ۽ حضرت علي عليہ السلام جن جي شان ۾ چيل سندن سہ حرفي ڏجي ٿي:

---

[392] گنجينۂ اسرار سروريہ، قلمي.

[393] مخدوم محمد زمان طالب المولئ، يادِ رفتگان، ص: 145.

[394] مخدوم محمد زمان طالب المولئ، يادِ رفتگان، ص: 145

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 280


## ڪافي[395]

ڪاهي تون رس ڪمڪَ تي هربار يا عليؑ
پرتو اتئي هي پازي پينار يا عليؑ

اي انّما جا انسر خير البشر جا دلبر
تنهنجو لقب تيو حيدر ڪرار يا عليؑ

اي هل أتَي جا صاحبَ شاهِ رُسل ﷺ جا نائب
طاعت تي تنهنجي واجب تقرار يا عليؑ

آقا هي وقت آهي رس تون مدد تي ڪاهي
دشمن کي ڪريو ڏاهي مسمار يا عليؑ

عاجز اپوجهه بيحد آهي "غلام محمد"
ان کي عطائي احمدً درڪار يا عليؑ

## سه حرفي

الف- اعليٰ آهه انضل اڪمل و اڪبر عليؑ
آن امام است اتقيا را اوّل و آخر عليؑ

ب- بهادر بت شڪن بدرالدجيٰ بوذر جو پير
باعمل بي مثل بهتر بعد پيغمبر عليؑ

ت- تواضع جي طلب ڪئي تاجدار انما
تابعِ امر الاهي تارڪِ تڪبر عليؑ

ث- ثنا مولا جي ثابت ساري قرآن ۾ ڏسو
ثاني سليمان جو چوان يا ثاني اسڪندر عليؑ

ج- جنگجو پهلوان جائي جنابِ مرتضيٰؑ
جنگ جو جهونجهار بر جمله جهان جابر عليؑ

ح- حيا ۽ علم جو صاحب برادر مصطفيٰؑ
حامي هيڻن جو حبيب، دادگر حيدر عليؑ

395 يادِ رفتگان، ص: 147/146.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 281



خ- خليفو حق جو خالق جو خاصو خوش لقا
خلد جو خازن شِهِ خيبر ڪشا خاور عليؓ

د- درماندن جو دائم داد رس دلدل سوار
دلبرِ خير البشر داور جي در بهتر عليؓ

ذ- ذاتي ذڪر ۾ هو محو شير ذوالجلال
ذي حشم ۽ ذوالعطاءَ ۽ ذوالحياءَ ذاڪر عليؓ

ر- رضا تي ربّ راضي رازدانِ مصطفيٰ
رهنما راهِ يقين جو راستگو رهبر عليؓ

ز- زبردستِ جهان زورآزما شاهِ زمن
زينتِ ارض و سما ۽ صاحب و صفدر عليؓ

س- ساري سر الاهي جو سراسر رازدار
ساقيءِ ڪوثر سخي سلطان دين سرور عليؓ

ش- شاهِ اولياءَ شهزادهٔ عالي نسب
شير حق شاهِ حجازي شُڪر گو شاڪر عليؓ

ص- صلواتون صحيح صد بار صاحب جي مٿان
صف شڪن صائم سدائين صاف دل صابر عليؓ

ض- ضرغامِ الاهي زبردستان را پناهه
۽ ضعيفن لئي ضياءُ الدين زيباور عليؓ

ط- طمع ترڪ ڪئي تقدير جي تابع تمام
طالبن کي ترت تنگيءَ ۾ رسي طاهر عليؓ

ظ- ظفر ڪيئن اُحد ۽ خندق بضربِ ذوالفقار
زبدهٔ اولاد آدم طاهر و اظهر عليؓ

ع- عاشق عارفِ بالله عالم جو امين
عاجزانرا دستگير و قاتل عنتر عليؓ

غ- غالب ڪل غالب تي غلام محمد جو پير
غرق در بحرِ فنا از غايتِ اطهر عليؓ

ف- فلڪ تي فيض فائق فاتحِ بدر و حُنين
فارغ الدنيا و مافيها ڪان فاضل تر عليؓ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 283

نڪتا، پر ڪڏهن ڪڏهن تہ روزانو ”پکن“ تي ويندا هئا. صوم و صلوات جا پابند هئا. هر موسم ۾ عبادت گذار رهيا. پاري ۾ بہ ٿڌي پاڻيءَ سان وضو فرمائيندا هئا. سندن تصوف ۽ صوفيانہ مشرب حقيقي ۽ خالص هو.[397]

سندن صوفيانہ مسلڪ رندانہ ۽ ملامتيہ قسم جو هو. مڪرو رياءَ، ناموس ۽ خرقہ سالوس کان گهڻو دور هئا.[398]

والد جي حياتيءَ ۾ ئي هن جو لاڙو فقيري درويشيءَ طرف هو. ابڙيچن[399] جي نزديڪ چارن ۾ چلہ ڪشي ۽ غور فڪر ۾ مشغول رهندو هو خوش قسمتيءَ سان سگهوئي سندس محمد فقير ڪتياڻ سان واقفيت ٿي، جنهن ”همہ اوست“ جي نقطهٔ نگاهہ کان ڪيس نہ صرف واقف ڪيو پر ڪيس ”خودي ڪائڻ“، جي اهڙي تعليم ڏني، جنهن هن مان وڏ ماڻهپيءَ ۽ معتبريءَ جا سڀ اثر ختم ڪري ڇڏيا، اهو سندس خودي ڪائڻ جو معراج هو جو هالن جي بازار مان فقيرن سان گڏ لنگهيو نہ تہ عام طرح مخدوم صاحب بازار ۾ اچڻ کي عيب سمجهندا آهن.[400]

مرشدنا قبلا والد صاحب جن روزانو ٻي ٻجي کان چئين ٻجي تائين مون کي تربيت ڏيندا هئا. هڪ ڀيرو فرمايائون تہ ”اسان جو مذهب ”حنفي“ آهي. محمد فقير ڪتياڻ ( 1876 _ 4 فيبروري 1941ع)[401] ۽ مهدي سائين (1889_1969ع)[402] سمجهن ٿا تہ اسين مرشد پيا ڳولهيون تنهن ڪري ٻئي نوان رنگ ڍنگ مرشد تيڻ لاءِ ڪن پيا ۽ پاڻ ڏي اشارو ڪري چيائون تہ ”اهي هن فقير جي آڏو نچن پيا“.[403]

حضرت مخدوم غلام محمد عليہ الرحمت جن محبانِ اهلبيت اجمعين هئڻ سان گڏوگڏ خوفِ خدا رکندڙ ۽ عاشقِ رسول ﷺ بہ هئا. مشهور روايت آهي تہ فقير وڏو عرف محمد فقير ڪتياڻ رحمة الله عليه جڏهن حضرت مخدوم

---

[397] رفيقِ حيات، ص: 160.
[398] رفيقِ حيات، ص: 161.
[399] ڳوٺ الياس ابڙيجو تعلقہ هالا.
[400] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 97.
[401] يادِ رفتگان، ص: 122/123.
[402] يادِ رفتگان، ص: 238.
[403] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، يادِ رفتگان، ص: 143.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جي پڻ اجازت ڏني هئي. مخدوم صاحب جن فرمايو ته، شنوائي واري تاريخ ۾ هلبوءِ هلي انهيءَ مظلوم ياران حق جي شاهدي ڏبي.

ڪورٽ جي شنوائي واري تاريخ تي، ڪين نئين جُتي پائڻ جي ڪري پير ۾ لِڦ نڪتي جنهن ڪري ويلڻ پيدا ٿي ۽ بخار جي حالت رهي انهيءَ جي باوجود پاڻ شاهدي ڏيڻ لاءِ هالا کان روانا ٿي اچي حيدرآباد جي ڏاڪ بنگلي ۾ منزل انداز ٿيا. مسٽر نبي بخش ميمڻ حيدرآباد جي مريدن ميمڻن جو خليفو ۽ سٽي مئجسٽريٽ هو جنهن کي ڏاڪ بنگلي تي سڏايو ويو ۽ ڪيس چيو ويو ته وڪيل صاحب جي معرفت ڪورٽ سگهوري جي جج صاحب کي مخدوم صاحب جي آرزو جو اطلاع ڏنو وڃي ته پاڻ انهيءَ آرزو جي ڪري ڪورٽ جيڪا متي ماڙي تي هئي ان تي ڪو نه چڙهي سگهندا تنهن ڪري بي شنوائي رڪي وڃي وڪيل ڏيئل داس جلدي ۾ مخدوم صاحب رح سان ملڻ لاءِ ڏاڪ بنگلي ۾ پهتو حضرت مخدوم غلام محمد رح جن دروازي تي موجود هئا ۽ نقيري لباس پهريل هون ڏيئلداس، مخدوم صاحب جن کي ڪو نه سڃاتو ۽ ڪين مخاطب ٿي چيو ته خليفا مون کي مخدوم صاحب سان ملاقات ڪراءِ ايتري ۾ مسٽر نبي بخش ميمڻ سٽي مئجسٽريٽ به اُتي پهچي ويو. مخدوم صاحب جن سان مخاطب ٿي عرض ڪيائين ته هي ڏيئل داس وڪيل آهي جيڪو اوهان جي آرزو جو احوال جج صاحب کي ٻڌائي بي شنوائي وٺندو وڪيل صاحب سائين جن کي نه سڃاڻڻ جي معذرت ڪئي. ان کان پوءِ وڪيل صاحب ۽ مسٽر نبي بخش ميمڻ ڪورٽ ۾ جج صاحب سان ملڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ جج صاحب سان مخدوم صاحب جن جي ڪورٽ ۾ اچڻ جي مجبوري بابت حقيقت ڪيائون. جج صاحب سچل سرمست جي درگاهه جو مريد ۽ صوفي طريقي جو ماڻهو هو ان کي اڳيئي حضرت گل سائين رح جن سان ملڻ جو اشتياق هو جنهن حڪم ڪيو ته شاهد کي متي وٺي اچڻ بدران ڪورٽ کي هيٺ هلائبو ته جيئن مخدوم صاحب جن اتي اچي شاهدي ڏيئي سگهن. اها حقيقت ڏيئل داس ۽ مسٽر نبي بخش ميمڻ جن اچي گل سائين جن سان ڪئي ۽ پاڻ ڪورٽ هلڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ وڪٽوريا گاڏي ۾ چڙهي اچي ڪورٽ ۾ لٿا ۽ جج صاحب جي اڳيان شاهدي ڏنائون جيڪا چند منٽن ۾ ختم ٿي. جج صاحب سائين جن سان سندن تڪليف جي معذرت ڪئي جواب ۾ پاڻ فرمايائون ته اسان نفس کي ماري حق لاءِ تڪليف ڪئي آهي. ان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 292


1364هه مطابق 15 ڊسمبر 1944ع تي ٿيو. [424] پاڻ ڪٽ تي ليٽيل هئا. شام جو وقت هو ڪمري ۾ ڪانئن علاوه، حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين رحمة الله عليه، رئيس غلام محمد خان نظاماڻي [425] ۽ سندن حاضريءَ جو نوڪر گل فقير. [426] موجود هئا. گل سائين رحمة الله عليه وفات کان ٻه ٽي لمحا اڳ اُٿي ويٺا ۽ پير ۾ رکيل ڳُنڌري تي پنهنجو هٿ رکيائون ۽ هٿ تي پيشاني رکي ويٺا ۽ ٿوري دير کان پوءِ سندن روح پرواز ڪيو ان مهل مغرب جي ٻانگ آئي پئي ۽ نئين سال جو چنڊ پڻ ڏسڻ ۾ آيو.

سندن وفات تي پکي ولر ڪري سندن جنازي مٿان هليا. اهي پکي سندن صحبتي ۽ مونس هوندا هئا. [427]

ڪِنين ڪنين ماڙهين پيئي گَلَ ڪائي
رسيا جي رمز ڪي تن پارسي پائي
"اَلانسانُ سِرِّي وَاَنا سِرُّه" ورتي اِي وائي
راجا راڳائي هر دوئي هيڪ ٿيا

شاهه ڀٽائي رحه [428]

---

[424] مرشدنا حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين رحمة الله عليه جن 1990ع ۾ مون کي، حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه جن جي وفات وارو واقعو تفصيل سان ٻڌايو هو پاڻ اهو به فرمايو هئائون ته حضرت گل سائين جن جي مزار تي لڳل تختيءَ واري تاريخ پڻ درست ڪرڻ کپي. محترم جي ايم سيد. جنب گذاريم جن سين، ص: 96 تي حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جي وصال جي اسلامي تاريخ ته 1 محرم لکي آهي البته غلط فهمي، سبب اسلامي سن ۽ عيسوي تاريخ صحيح ڄاڻايل ڪانهي.

[425] ڏسو ضميمو 30.

[426] **گل فقير ميربحر (وصال: 1967ع):**

گل فقير 1932ع تي حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن جي خدمت ۾ آيو ۽ سندن وصال تائين وٽن ملازم تي رهيو سندن حڪم تي ڪافي وقت "ماهو پير" (نئين سعيد آباد) ۾ وڃي باقبيلي رهيو بعد ۾ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي جن کيس اتان گهرائي پاڻ وٽ رهايو پهرين علي محمد ڏانتي واري جاءِ ۽ پوءِ فتح محمد شهوڪ واري جاءِ کيس رهائش لاءِ ڏنائون. گل فقير به شاديون ڪيون هيون، کيس هڪڙي نياڻي ڄائي جيڪا پنهنجي ڀاءُ محمد حسن جي پٽ کي ڏنائين. گل فقير جو انتقال 12 شعبان 1387هه مطابق 15 نومبر 1967ع تي ٿيو.

[427] رفيقِ حيات، ص: 161.

[428] شاه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي، ص: 303.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 293


حضرت قبله مخدوم غلام محمد گل سائين رحمه الله جن کي حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جي مقبري ۾ سندن والد حضرت مخدوم ظهير الدين رحمه الله جن جي پيراندي کان اپرندي ۾ ذڪر واري ڪنڌ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

## حضرت مخدوم غلام محمد سائين رحمه الله جن جي فرزندن جو احوال:

گل سائين رحمت الله عليه جن کي ٽي فرزند هئا، جن جو مختصر ذڪر هت ڏجي ٿو:

### حضرت پير ميان محمد زمان رحمه الله

(1916ع_1916ع)

سندن ولادت محرم 1335هه مطابق نومبر_ ڊسمبر 1916ع ۾ ٿي ۽ ساڳئي ڏينهن تي انتقال ڪيائون. سندن نالو "محمد زمان" هو.

### حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين رحمه الله

(1919ع_1993ع)

آج اک اور برس بیت گیا اُسکے بغیر
جس کے ہوتے ہوئے ہوتے تھے زمانے میرے

حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جا سترهون نمبر سجّاده نشين، محسن علم و ادب عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ رحمه الله ولد حضرت مخدوم غلام محمد رحمه الله 9 محرم 1338هه مطابق 4 آڪٽوبر 1919ع تي هالا نوان ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ پنهنجي ڳوٺ هالا ۾ گذاريائون. ٻه شاديون ڪيائون. پهرين شادي پنهنجي عزيزن آچ شريف وارن پيرن مان پير ميان صدّيق محمد صدّيقي قريشيءَ رحمه الله[429] وٽان حضرت

[429] پير ميان صدّيق محمد رحمت الله عليه، حضرت مخدوم محمد امين اول رح جي اولاد مان هئو سندس سلسله نسب هن طرح آهي: پير ميان صدّيق محمد بن ميان ونهيل بن ميان ٻڍل بن ميان ونهيل بن ميان لائق ڏنو بن ميان نينڊو بن ميان لائق ڏنو بن ميان جمن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 294

پير ميان امام علي صدّيقي رحمة الله عليه، جي[430] همشيره سان ڪيائون جيڪا 16 ربيع الآخر 1356هـ مطابق 27، مئي 1937ع تي ٿي، انهيءَ حرم وارن جي وصال (24 نومبر 1940ع) کان پوءِ ٻي شادي عالم دين مولانا فضل احمد غزنوي رحمة الله عليه[431] وٽان ڪيائون جيڪا 9 ذي القعد 1361هـ مطابق 17 نومبر 1942ع تي ٿي.

گل سائين رحمة الله عليه جن جي انتقال بعد پاڻ 18 ڊسمبر 1944ع تي مسندِ خلافت و ارشاد تي ويٺا. ان وقت سندن عمر 25 سال هئي. پاڻ باقي سموري حياتي الله پاڪ ج ۽ ان جي آخري پيغمبر حضرت محمد مصطفي ﷺ جن جي احڪامات موجب خدمتِ خلق ڪندي گذاريائون. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيائون. شرافت، صبر ۽ درگذر سندن قابلِ تقليد هستيءَ جا اهم پهلو هئا.

حضرت قبله مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين رحمة الله عليه، عظيم سياستدان، اديب، سدا حيات شاعر، دانشور ۽ روحاني پيشوا هئڻ سان گڏوگڏ شفيق انسان ۽ ڇپر ڇانوَ هئا. سندن محبتون ۽ شفقتون ڪڏهن به وساري نٿيون سگهجن. پاڻ ڪڏهن به اصولن تي سودي بازي نه ڪيائون. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان لڳاءُ هئڻ ڪري پاڻ "انجمن علم و ادب هالا"، "جمعيت شعرا سنڌ"، "اداره روح و ادب" ۽ "بزمِ طالب المولي" جا مرڪزي سرپرست ۽ ريڊيو پاڪستان، پاڪستان ٽيلي وزن جي مشاورتي ڪميٽي جا ميمبر تي رهيا. سندن سرپرستيءَ ۾ "هفتيوار پاسبان"، "اخبار الزمان" ۽ "ماهوار رسالو طالب المولي" پڻ شايع ٿيو جيڪو دادو مان نڪرندو هو ٻيو رسالو "شاعر" نالي سان ۽ ٽيو رسالو "روح ادب" نالي سان حيدرآباد مان شايع ٿيندو هو. حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي رح جن جي سماجي

---

بن ميان نبوڙه بن ميان محمد عاقل بن پير عنايت بن ميان فضل الله بن حضرت مخدوم ابوالخير ابو محمد بن حضرت مخدوم محمد امين اول بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت.

[430] ڏسو ضميمو 31.

[431] مولانا فضل احمد غزنوي ولد سردار الهه بخش 26، آڪٽوبر 1906ع بمطابق 7 رمضان 1324 هجريءَ تي ڪوئٽا ۾ تولد ٿيا ۽ 4، ڊسمبر 1986ع تي انتقال ڪيائون (احوال لاءِ ڏسو منهنجو ننڍيپڻ، ص: 102-103).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 297



هن وقت سندن فرزند اعليٰ صفات عاليجناب حضرت مخدوم محمد امين ”فهيم“[432] مسندِ خلافت تي جلوه افروز آهن. سندن دستاربندي 14 جنوري 1993ع تي درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي ورانديءَ ۾ قديمي دستور مطابق ٿي.

الله پاڪ جَلّ جَلالهٗ کين عمرِ درازعطا ڪريءَ ۽ صحتِ ڪامل سان مالا مال رکي آمين.

## چوند شاعري:

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين رحمة الله عليه پُرگو شاعر هئا. سندن ڪلام خاص و عام ۾ هڪ جيترو مقبول هئو ۽ آهي. هتي سندن سدا بهار شاعريءَ مان چوند ڪلام ڏجي ٿو:

### ڪافي

ٿل: سهڻل جا سينگار- وهوا- دل ڪي وٺن ٿا.
دل ڪي وٺن ٿا. ڏاڍا ٿهن ٿا ڏاڍا ٿهن ٿا. من ڪي موهن ٿا.

1- ڪارا ڪارا. ڪُنڍڙا ڪُنڍڙا. سهڻا سهڻا. سنهڙا سنهڙا.
وانگوڙي ۾ وار- وهوا- دل ڪي وٺن ٿا.

2- تيل. ڦليل.ڦٽيون ڦوڪارا. ڏوبيل وَاسيل. ڪيس هو ڪارا.
گهرا گهُنڊيدار- وهوا- دل ڪي وٺن ٿا.

3- ابرو عجيب. ڏنگا ۽ ڏوڙا. ڏيهه ڏسيو ڪن گهوڙا گهوڙا.
تيز ڪنان تلوار- وهوا- دل ڪي وٺن ٿا.

4- بيئي اکيون جڻ باز ۽ بحري- مار ڪرڻ لئي پون ٿيون پهري.
ڪن شاهاڻا ته شڪار- وهوا- دل ڪي وٺن ٿا.

5- نَڪُ نجيب جو ننڍڙو ننڍڙو سنهڙو سنهڙو ڪُنڍڙو ڪُنڍڙو
رنگَ پريا رخسار- وهوا- دل ڪي وٺن ٿا.

---

432 ملاحظ ڪريو راقم الحروف طرفان لکيل مهاڳ.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 298



6_ لب لالڻ جا مُرڪيو مُرڪن_ ڏند موتن جان جهرڪيو جهرڪن،
ڪونج ڳچيءَ ۾ هار_ وهوا_ دل ڪي وڻن تا.
7_ روز چمان، چشمن تي چايان، لائق سمجهي لبن سان لايان،
پرين جا پيزار_ وهوا_ دل ڪي وڻن تا.
8_ گڏ گذارڻ، اٿڻ ۽ ويهڻ، طالب مولا رُسڻ ۽ پرچڻ،
محبّت جا معيار_ وهوا_ دل ڪي وڻن تا.

13_7_1955ع
(حيدرآباد ۾ هالن جي وچ ۾ لکي وئي.)

## ڪافي

سهڻا ساٿيئڙا مون وٽ اڄ تا اچن
مون وٽ اڄ تا اچن، ڏاڍا قرب ڏين
ڏاڍا قرب ڏين بيحد پيار ڪين

1_ ويهو ويهو ڪانگ لنوي تو سڀ تي سمجهان جيڪي چوي تو
اکئين تا ڏسجن ڏاڍا قرب ڏين

2_ واٽن ۾ مون اکڙيون وڇايون، منهنجون الله اجهي آسون پڄائيون
پل ۾ تا پهچن ڏاڍا قرب ڏين

3_ جيڪو پري ڪان ايندو ڏسان تي منهنجو سڄڻ اهو اينهين سمجهان تي
من ڪي تورا ڪن! ڏاڍا قرب ڏين

4_ آسروندِ ويني واٽون نهاريان، وَرَ وَر ڏيو وريو اڱڻ بهاريان
پلپل پيار ڪين ڏاڍا قرب ڏين

5_ ڏاڍيون اُميدون اندر ۾ آيون، ڏينديس مان ڏهه ڏهه ڏهنايون
سي شل سڀ سمجهن! ڏاڍا قرب ڏين

6_ دل ڏڙڪي تي، اک ڦڙڪي تي من ۾ محبّت پڙ مرڪي تي
گولي سان گڏجن ڏاڍا قرب ڏين

7_ طالب مولا بخت وري تو پول پَدَل اُهو هاڻ پري تو
پيرين هٿ ڏرين، ڏاڍا قرب ڏين.

22_7_1960ع ڪوئيٽا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 300



# غزل

رشڪِ بختِ سيہ رشڪِ تاريڪِ شب هن جا زلف دوتا خوشنما خوشنما
الله الله جبين ضوفشان ضوفشان جلوه گر جلوه گر ياخدا ياخدا

تيغِ برآن فگن، غيرتِ سيف زن، خنجرِ صف شڪن ابروئي جانِ من
رشڪِ مستيِ چشمِ قلندر نظر دلربا دلربا ڪيفزا ڪيفزا

روحِ جادوگري هن جا شرم و حيا عشوه و ناز و انداز سڀ معجزا
گفتگو مظهرِ خرقِ عادات تي هن جي هر هڪ ادا اوليا اوليا

هن جي رمزِ خموشي ۾ دنيا بہ گم ۽ تبّسم سان عالم ڪري زير و زبر
هن جي گفتار ۾ زندگي زندگي هن جي رفتار ۾ ڪربلا ڪربلا

جنهن تان دير و ڪليسا هميشہ فدا جنهن تي سجده ڪنان روز و شب بتڪده
جنهن تي هر ڪنهن جبين کي سڪون تو ملي منهنجي محبوب جا نقشِ پا نقشِ پا

هن جي شيرين زباني تان صدقي ٿين دمبدم مطرب و بربط و چنگ وني
هن جي طرزِ تڪلّم تان ققنس فدا لحنِ دائود چئي واهوا واهوا

هن جي آڌو صبا آهہ جاروب ڪش نگهتِ گل اچئو خيرمقدم ڪري
هو چمن ۾ اچي گل جهڪئو تا پون ۽ عنادل چون مرحبا مرحبا

هن جا درد و الم مايئہ دوستي هن جا جور و جفا باعثِ دلڪشي
هن جا قهر و غضب دل جي آسودگي هن جو ديرينہ درد آشنا آشنا

هن جي رمز ادا تان تصدّق ٿيان هن جي طرزِ محبّت تان قربان مان
هن جا ظلم و ستم باوفا باوفا هن جا مهرو وفا بي وفا بي وفا

صوفي و محتسب واعظِ پيرسن منهنجي ساقي اڳيان سڀ بہ مجبور تر
هو ڪپايو نظر جو نهاري ڪٽي هرڪو گهبرايو چئي ڏي پلا ڏي پلا

ميڪده ۾ مسرّت ڪري رقص تي ڪيف و مستي تي طاري ٿئي بيخودي
هن جي آمد تي ساغر ٿين خنده زن ۽ صراحي ڪري ٽهڪڙا ٽهڪڙا

طالب المولي جور و جفائي صنم غيرتِ ظلمِ چنگيزي و نادري
هن جي هر هڪ نظر زلزلا زلزلا هن جو تابِ نگهہ فيصلا فيصلا

ڪوئيٽا، 30 سيپٽمبر 1962ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.
Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 301



# غزل

پهرين تون ساقي پيءُ پو مستانه وار آ
سرشار اچي بناءِ ٿي ديوانه وار آ

ڇڏ يار اڄ مراسمِ ديرينه جي پڇر
نئين طرح ساڻ موهه ٿي بيگناه وار آ

ڇا عشق و مشڪ ڪنهن کان ڪڏهن ڪو لڪي سگهيو
آ. يار طمطراق سان شاهانه وار آ

نئين رنگ ڍنگ ساڻ تون هر هر اچي نواز
بيهر به شاهِ حسن شفيقانه وار آ

نئون بابِ عشق کول ته ڪي تبصرا ڪجن
ٿي سنگدل او دلربا افسانه وار آ

چورائي يار دل وئين مون کي به وڃ ڪٺي
سوگند توکي تنهنجو ٿي، دزدانه وار آ

واعظ جوان ٿي مي کهنه جو جام پي
آ رشڪِ شمع ساقي تون پروانه وار آ

هي گردش زمانه تڪڙ ئي نٿي ڏئي
دلبر وري وري به آ پيمانه وار آ

آغوش ۾ ئي طالبِ مولا کي يار جهل
مستِ الست آهه تون فرزانه وار آ

ڪراچي، 28 ـ مئي 1975ع

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 302


## غزل

يار ڏاڍا ڏينهن لاتئي چو يلا آهي تہ خير
ڪا خبر ڏي منهنجا مشفق مهلقا آهي تہ خير

دلربا پنهنجي حقيقت ڪان تہ ڪر واقف وري
تون يلا ايندين ڪڏهن او باوفا آهي تہ خير

تنهنجي منهن تي شدّتون هرگز پون ٿيون ڪي نہ ڪي
منهنجا جاني تو ڏيين ڪئين آسرا آهي تہ خير

انتظارن ۾ رکڻ جو آهہ ڇا مقصد پرين
توکي پنهنجا وعدا سڀ وسري ويا آهي تہ خير

مدّتون ٿي ويون آهن ڪو نہ قاصد ڪو مُڪئي
پنهنجي غفلت ۾ ڪئي تو انتها آهي تہ خير

حجّتون ڪهڙيون ڪبيون پر يار ڏورايا ڏبا
منهن تہ ڪونهي تو مٿيو اي همنوا آهي تہ خير

اڄ سڄڻ يا مون کي هڪدم پاڻ وٽ پيارا گهراءِ
جو نٿو ڳالهيون ڪرين سهٽا صفا آهي تہ خير

Gul Hayat Institute

منهنجو مولا توکي شل پنهنجي پناهن ۾ رکي
جو نہ ڪانگل آئيو منهنجا منا آهي تہ خير

ڪو پتوئي ڪو نہ تو پئي يارُ جو ويهي رهيو
منهنجا خالق، منهنجا مالڪ يا خدا آهي تہ خير

هر گهڙي تنهنجي طلب ۾ طالب المولي رهي
منهنجي "جيءَ" وارا سڄڻ جيئين سدا آهي تہ خير

هالا، 20 ڊسمبر 1980ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 303



# غزل

ڪنهن جي دردِ محبَت کي دل، جان سان زندگي جي امانت بنائي ڇڏيم
هجر و فرقت جو آخر غمِ جاودان دل جي گوشي ۾ هڪدم لڪائي ڇڏيم

مون کي ڪهڙي مجال آهي هن کان پلا رنج و غم ۽ تغافل جو بدلو وٺان
پنهنجي قلبِ حزين کي ئي صبح و مسا روئي روئي ستائي ڇڏيم

گل نه دامن ڇڏڻ سان ڪريو تا پون خار دامن مان هرگز نٿا هٿ ڪڍن
نيٺ پنهنجا پراوا ٿيا، تنهن ڪري اڄ پراون به پنهنجو بنائي ڇڏيم

هو به هڪ وقت هو جو وٽم روز و شب همنوائو خوشين جي ڪمي ڪا نه هئي
هي خزانو سڄڻ سنگدل جي مٿان نيٺ صدقو ڪري سڀ کپائي ڇڏيم

جي اکيون ترڪندس پو ته مجرم ٿو ٿيان داغ ايندو محبَت جي ناموس تي
پنهنجي اڄ همَتِ عشق کان ڪم وٺي اشڪ پي غم کي کائي کپائي ڇڏيم

منهنجي گذري نه گذري ڇا ان سان سندس هن جي مون کان سوا نيٺ گذري وئي
مون بظاهر کلي خوش ٿي موجون ڪري پنهنجو بيگانو سڀ ڪوپلائي ڇڏيم

هو پرين بار بار آيو منهنجو نه ٿيو مان ته پهرئين ئي پيري سندس ٿي ويس
آهي فطرت اها حسن ۽ عشق جي جا محبَت ڪري آزمائي ڇڏيم

آهي منزل تي هر آرزو جو اجل، تو مقصد اتي نيٺ حاصل ٿئي
اڄ حصولِ تمنّا کان بيگانو ٿي هر قدم پنهنجو اڳتي وڌائي ڇڏيم

اڄ نه هوئي رهيو ۽ نه مان ئي رهيس هڪ خيالِ محبَت رهيو دل اندر
طالب المولىٰ هن کي تصوّر ۾ ئي پائي آغوش سيني سان لائي ڇڏيم

راولپنڊي 10_ آگسٽ 1961ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 304


## غزل

اسين مڪينِ سرِ رهگذارِ يار آهيون
اسين فدائي نگاهِ شرار بار آهيون

اندر ۾ درد و غم و رنج بيشمار آهن
اڪيلا آهيون مگر پاڻ ۾ هزار آهيون

اسان کي در تان ڌڪارڻ مان يار ڇا ورندءِ
گناهگار سهي تنهنجا رازدار آهيون

شرابِ لعل جي هرگز نہ آڇ ڪر ساقي
اسين ميِ لبِ گلگون جا باده خوار آهيون

جي دست بوسي عطا ٿي تہ پو زهِ قسمت
اسين تہ پير چمڻ لءِ بہ بيقرار آهيون

اسان جو عشق هميشہ کان آهي غيرت مند
اسين بہ مملڪتِ دل جا شهر يار آهيون

ڏکي جي ڏار ڪيو دلربا تہ ڇا ٿي پيو
سندس ٿي درد سان هر وقت همڪنار آهيون

جتي رکي سون جبين سائي جاءِ ڪعبو ٿي
حضورِ ذات ۾ هر وقت سجده بار آهيون

خطا معاف، ڪناره ڪشي غلط آهي
اچي تہ ويجهو ڏسو ڏاڍا قربدار آهيون

خبر اٿئون تہ اوهان هاڻ آهہ پڇتايو
چريائي آهيون محبّت ۾ ڪين پار آهيون

نشست آهِ سرِ راهِ طالب المولىٰ
ڪنهين جي ڪاڻ سدا وقفِ انتظار آهيون.

راولپنڊي 7 جون 1962ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 305

# غزل

خبر ڪا نہ تي پئي تہ چاڪي چڙيون؟
وفا ڪي چڙيون بيوفا ڪي چڙيون؟

خطا جي ڪري تي عطا ٿئي عطا
عطا ڪي چڙيون يا خطا ڪي چڙيون؟

ڪجهہ ڏوهہ مرڪي ملڻ پڻ گناهہ
روا ڪي چڙيون نا روا ڪي چڙيون؟

صدا جي ڪجي تي تہ لوڏيو چڙي
نوا ڪي چڙيون همنوا ڪي چڙيون؟

سچي آهہ تي هو تو رويو وهي
رسا ڪي چڙيون نارسا ڪي چڙيون؟

نہ دل تي وري ۽ نہ دلبر اچي؟
يلا دل چڙيون دلربا ڪي چڙيون؟

ڪبو سڏ تہ هڪ ڪي ئي گرداب ۾
خدا ڪي چڙيون ناخدا ڪي چڙيون؟

رضا تي مان راضي هو ناراض ٿئي
رضا ڪي چڙيون نارضا ڪي چڙيون؟

نگاهون ملايون صراحي ڏسون
چڙيون ڪيف يا ڪيفزا ڪي چڙيون؟

هٽون تا تہ ناحق چڙيون تا تہ ڏوهہ
عصا ڪي چڙيون يا بلا ڪي چڙيون؟

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 306

ڏيان سر تہ دلبر ڏيو پٽ وجي
ٻھا ڪي ڇڏيون ٻي ٻھا ڪي ڇڏيون؟

هو ظالم سهي نيٺ اسان جو تہ آهہ
سزا ڪي ڇڏيون نا سزا ڪي ڇڏيون؟

تڏي آئي عزّت ڏيڻ فرض آهہ
ڇڏيون مدّعي، مدّعا ڪي ڇڏيون؟

هِتي طالبِ مولا هُت مولا آهہ
زمين ڪي ڇڏيون يا سما ڪي ڇڏيون؟

لاڙڪاڻو 3 ڊسمبر 1973ع.

## غزل

اڙي واعظ هي ميخانو اٿئي مڪتب تہ ڪونهي ڪو
هتي تنهنجو ڪو هم مسلڪ ۽ هم مشرب تہ ڪونهي ڪو

اچڻ ڏيو محتسب کي پل اچي رندن سان ڳالهائي
انهيءَ لاءِ مان ٿي بس آهيان اهو مرحب تہ ڪونهي ڪو

گرفتِ زلف پيچان يعني دنيا کان رهائي ٿي
اهو زندانِ عشق آهي مگر لاڪب تہ ڪونهي ڪو

متان گهبرائين شيخ شهر جي هن خرقہ بازي کان
اهو توجهڙو هڪ انسان آهي ربّ تہ ڪونهي ڪو

سوال ئي ڪو نہ تو پيدا ٿئي فرقہ پرستي جو
تو جنهن کي عشق چئجي سو يلا مذهب تہ ڪونهي ڪو

يلا دل چو تي ڌڙڪي اچ يلا دل چو تي ڦٿڪي اچ
متان ناگاهہ دلبر جو ورود اِمشب تہ ڪونهي ڪو

اچي پئي بوئي خوش مي خوش مان انجي مون کي مستي ۾
متان منهنجو ئي لب ساقي جي زيرِ لب تہ ڪونهي ڪو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 307

عصا و جبہ دستار زيب تن نہ ٿي سگهيا
خرافاتِ جهان سان منهنجو ڪو مطلب تہ ڪونهي ڪو

او رشڪِ مشتري او سعدِ اڪبر ڇو نہ آئين تون
پلا وعده شڪن اڄ ماه در عقرب تہ ڪونهي ڪو

هلالِ عيد بيحد خوبصورت تو ٿئي والله
مگر هم صحبتو هو غيرتِ غبغب تہ ڪونهي ڪو

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب المولىٰ
تہ پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو

راولپنڊي، 25 مارچ 1976ع.

## غزل

معلوم ناهہ ڇا ڪان طبيعت اداس آهہ
لاريب لاشعور ۾ ڪو روشناس آهہ

وعده خلافي وعده وفائي جو هڪ شگون
مون وٽ وري هو ايندو قرينِ قياس آهہ

سجّاده و عمامہ و دستار ۽ عصا
هي بدعتي ڪتاب جو هڪ اقتباس آهہ

گوشہ نشين ڪي متان سمجهيو پتن جو ڪاڄ
هن ڪي تہ ڪائنات جو هردم تپاس آهہ

هي تجربي بڌايو تہ مخدوم پير اڄ
هڪ بي تپاس آهي تہ پيو بي قياس آهہ

آلوده اهڙو جسم معطّر مان ٿيو مشام
جو هر گهڙي تو سمجهان تہ هو آس پاس آهہ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 308


جنهن تي هميشه ڪان ئي هي انسان پيو تڳي
سوچي ڪٿي ڏسو ته سا اميّد و ياس آهه

جي سچ چوڻ تان ڪير خفا ٿئي ته پيو ٿئي
پو سمجهبو ته ان جو نه حق تي اساس آهه

هو خرقه و عبا و قبا سڀ فريب جاڻ
نفرت پريو هي طالبِ مولا لباس آهه

راولپنڊي 8 جولاءِ 1975ع.

## غزل

اي ساقي پنهنجي مستن اهلِ ميخانن جي پارت ٿئي
متان خالي ٿين لبريز پيمانن جي پارت ٿئي

بهار آئي وري دستِ جنون کي عرض ٿو ڪريان
اڳي جي چاڪ آهن تن گريبانن جي پارت ٿئي

جي سڀ وابسته ۽ منسوب تنهنجي زندگي سان ٿيا
صنم تن يادگارِ زيست افسانن جي پارت ٿئي

اسان ڪهڙا به آهيون تنهنجا آهيون تنهنجا هونداسين
اسان کي ڇڏ مگر ناڪام ارمانن جي پارت ٿئي

رهيا جي درد تي همدرد توسان عاشقِ نادان
وصالِ يار کان پو اهڙي مهمانن جي پارت ٿئي

تون مارج پنهنجي هٿ سان ۽ بين کان ڪين مارائج
خطادار آهيون پر پنهنجي نادانن جي پارت ٿئي

اهي جهاتيون ته پائي ٿو صنم چريو بنايو آ
مگر لڪا پرين، اڄ پنهنجي ديوانن جي پارت ٿئي

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 309



چڱو ٿيو جي زماني توکي ڇڏيو طالب المولىٰ
خبر ٿم تون وفادار آهين ويرانن جي پارت ٿئي

ڍاڪا، 8 ڊسمبر 1966ع

## غزل

آزاد دل کي ڪنهن جي تمنا نٿي ڇڏي
هر هر ملڻ جي ڪاڻ تقاضا نٿي ڇڏي

جوشِ جنون تو دعوتِ صحرانوردي ڏي
پر ڪوئي يار کي دلِ شيدا نٿي ڇڏي

ساغر تہ چپ چمي چمي تڪجي پيو ٿي آهہ
سڏڪا پري پري بہ هو مينا نٿي ڇڏي

تيرِنگاهہ روز ڪري تو قريبِ مرگ
بخشي ٿي جان زبانِ مسيحا نٿي ڇڏي

هوڏانهن وڃان تہ ڪوئي صنم ٿي رڙيون ڪري
هيڏانهن اچان تہ دامنِ صحرا نٿي ڇڏي

ڪرڻو پوي ٿو ڪنهن جي تقاضا جو احترام
دست و گريبان ٿي رهي دعوا نٿي ڇڏي

Gul Hayat Institute

محفل جي اختتام جو اعلان ٿي بہ ويو
مون کي اچا صراحي و صهبا نٿي ڇڏي

طالب جهانِ عشق جو هيرو ٿو پانئجي
جو هر نگاهہ شوق اي مولا نٿي ڇڏي

والله مان تہ طالبِ مولا ئي آهيان
ليڪن ڪيان تہ چا ڪيان دنيا نٿي ڇڏي

راولپنڊي 2 مارچ 1969ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 310

# غزل

ڪهڙي ادا سا چئجي جا دلربا نہ آهي
هر هڪ نگاهہ ان جي چا معجزا نہ آهي

ماري نہ ان جياريو جنهن جي ٿيس حوالي
آهي خدا مجازي پر خود خدا نہ آهي

مون وصل جي صدا ڪئي هو هجر ڏئي هليو ويو
جيڏي سزا ڏني وئي تيڏي خطا نہ آهي

بي هر صفت ۾ خوبي دنيا جي آهہ ان ۾
هڪڙي وفا چڏي ڏيو پيو چا پلا نہ آهي

هر جاءِ حق پرستي تيندي رهي تہ تيغ
ڪا سرزمين نہ چئبي؟ جا ڪربلا نہ آهي

سيني جي زور تي ئي ڪشتي ڏڪيان تو پنهنجي
آهي خدا تہ ساٿي پر ناخدا نہ آهي

تشخيص تي غلط ٿئي بيمارِ عشق جي نہ تہ
ڪهڙي دوا سا هوندي جنهن ۾ شفا نہ آهي

جيئن جيئن پڪو پياري تيئن تيئن ٿئي درد پيدا
افسوس منهنجو جاني منهنجي دوا نہ آهي

Gul Hayat Institute

مون کي چيئين تہ منهنجي قيمت بہ تون ئي آهين
صد حيف منهنجو دلبر ڪو بي بها نہ آهي

ويا سال ڪيئي گذري بي وصل ئي رهياسون
مشڪل پسند سهڻو مشڪل ڪشا نہ آهي

مولا تو جاڻي طالب جنهن سان ڪيم محبّت
ان ڪان پري بہ هوندي پر دل جدا نہ آهي

ڪراچي، 4 مئي 1969ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 311



## غزل

اگر بي لوث الفت تي وجي ٿي
قيامت تي قيامت ٿي وجي ٿي

محبّت جو گناهہ اهڙو ٿئي تو
خداءَ وٽ پڻ شفاعت ٿي وجي ٿي

"مجيڻ" وارو مبارڪ آهہ جذبو
اطاعت نيت امامت ٿي وجي ٿي

اڄڻ سان ئي گهٽا بخشيا وڃن ٿا
ندامت خود شفاعت ٿي وجي ٿي

خبر ناهي فقط نيڪن سان هر دم
چو واعظ جي عداوت ٿي وجي ٿي

نهارڻ ئي علالت جو علاج آهہ
ڪڏهن ڪنهن ڪان طبابت ٿي وجي ٿي

ڪنهين جي تلخ گفت و گو هميشہ
اسان جي لاءِ بشارت ٿي وجي ٿي

جو توسان طالب المولي ڪَهي تو
سندس پاڻهي مذمّت ٿي وجي ٿي

هالا. 18 جنوري 1970ع

## حضرت پير ميان امين محمد رحمة الله عليه

(1925_1928ع)

سندن ولادت 4 ربيع الاول 1344هہ/23 سيپٽمبر 1925ع تي ٿي. مٿن وڏن جو نالو رکيل هو. پيار مان کين "بنو" ۽ "بنو سائين" سڏيندا هئا. پاڻ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.
Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 312



حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين رحمة الله عليه کان ڇهه سال ننڍا هئا، ان ڪري حضرت مخدوم طالب المولي سائين رحمة الله عليه جن جو سائن ڏاڍو پيار هوندو هو. سندن وصال 14 صفر 1347ھ مطابق 1 آگسٽ 1928ع تي ٿيو.

## ضميما:

### 20: حضرت سيد فتح محمد شاهه اجناٽي رحمة الله عليه [433]

(1273_1350ھ/1857_1932ع)

حضرت سيد فتح محمد شاهه اجناٽي خلف سيد راول شاهه اجناٽي پنهنجي دور جو وڏو ڪامل بزرگ، اهل دِل ۽ چڱو موچارو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شجره نسب سيد حسن "ڏيرڏٺيءَ" کان ٿيندو 29 پشت ۾ برادرِ رسول صلي الله عليه وسلم امير المومنين، امام الاولياءَ حضرت علي بن ابي طالب عليہ السلام جن سان ملي ٿو. سيد حسن شاهه "ڏيرڏٺي" جي پُٽ سيد اجن شاهه جي ڪري کيس (حضرت سيد فتح محمد شاهه ۽ اتي جي ٻين ساداتن کي اجناٽي سڏيو ويندو آهي. حضرت سيد فتح محمد شاهه جا وڏا اصل کان ونني سيدنا مرشدنا غوث الحق حضرت مخدوم نوح فقير عليہ رحمت جا حبدار مريد ۽ بيحد ويجهي ڏر تي رهيا آهن.

حضرت سيد فتح محمد شاهه جي ولادت سن 1273 هجري مطابق 1857 عيسويءَ ۾ ٿي. ان وقت، حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ رحمت جي گادي تي وقت جو ڪامل مرشد ۽ ولي الله، حضرت مخدوم امين محمد ثالث "پکن ڏٺي رحمة الله عليه" جلوه افروز هئا. شاهه صاحب سندن بيعت ڪئي ۽ ڪانئن تلقين ورتائين. سندس ننڍپڻ، جواني ۽ شاعري جو جامع احوال سندس سوانح عمري ۾ درج آهي. هتي البته هڪ ٻه يادگار واقعا ۽ ڪجهه معلومات مناسب سمجهي ڏني اٿم.

---

[433] سيد فتح محمد شاهه اجناٽي رحمة الله عليه، ص: 17/18/19/20/21/22.
ڏسو شجرو 3 (اجناٽي سادات).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 313



چون ٿا تہ حضرت مخدوم غلام محمد ﷫ جن جي سجّادگي واري دور (1927_1944ع) ۾ هڪڙي پيري شاهه صاحب سرور شاهه جي سومار سانگي درگاهه شريف (هالا) تي آيو سومار شريف جي رسمن ۽ دعائن بعد حضرت قبلا مخدوم غلام محمد ﷫ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ڪجهه دير ماٺ ۾ ويهڻ بعد هٿ ٻڌي، ڏانهن نهاري چيائين تہ "قبلا سائين! يهوديءَ سچ چيو هئو". پاڻ جواب ۾ "ها" فرمايائون ۽ ٻنهي ڄڻن جون اکيون اشڪبار ٿي ويون. ڳچ وقت انهي عالم ۾ رهڻ ڪان پوءِ حضرت قبلا سائين جن اٿيا ۽ شاهه صاحب بہ اٿيو ۽ مڪانَ ڏي روانو ٿيو. اُتي موجود احبابن ۽ نقيرن کي اهو لقاءُ ڏسي حيرت ٿي، ڪجهه وقت ڪان پوءِ سندن استفسار تي معلوم ٿيو تہ شاهه صاحب جو اشارو يزيد جي دربار ۾ ويٺل ان پرڏيهي يهودي سفير (روم جو سفير) ڏانهن هئو جنهن حضرت امام حسين عليہ السلام جن جو سر مبارڪ ڏسي ۽ سندن شهادت جو ذڪر ٻڌي، پريءَ دربار ۾ بنا ڪنهن خوف و خطر جي حڪومت وقت جي انهيءَ ظلم کي ننديو احتجاج ڪيائين ۽ انهيءَ مهل دربار مان اٿي هَليو ويو هئو.

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولٰي سائين ؒ جن ڏينهن ۾ "يادِ رفتگان" جي ٻئي ڇاپي جي ترتيب جو ڪم ڪري رهيا هئا، تن ڏينهن ۾ هڪڙي پيري مون (جميل الزمان) کي مختلف واقعا ٻڌائيندي، شاهه صاحب سان ملاقات وارو واقعو پڻ ٻڌايائون. فرمايائون تہ "اسان پنهنجي والد صاحب قبلا جن کي عرض ڪيو تہ اجازت ڏيو تہ وڃي فتح محمد شاهه سان ملي اچون." پاڻ اجازت بہ ڏنائون ۽ سمجهاڻي ڏيندي فرمايائون تہ "سڌو شاهه صاحب وٽ وڃبو جتي ويهاري اُتي ويهبو جيڪا ڳالهه پڇي ان جو جواب ڏبو ۽ جيڏي مهل اجازت ڏيئي اوڏي مهل واپس هليو اچبو." شاهه صاحب، ان وقت موجوده مڪان تي رهندو هو. ڪيس اطلاع ڪرايو ويو. اسين پهتاسين تہ شاهه صاحب بيٺو هئو وڏي اچي بيحد قرب سان مليو ۽ اڳيئي وڇايل رلي تي ويهڻ لاءِ چئي پاڻ نُڪَ تي ٿي ويٺو. حضرت قبلا والد صاحب جن جو پڇڻ بعد بہ ٿي ڳالهيون ڪيائين ۽ ٿوري دير بعد موڪل ڏنائين. ان وقت بہ شاهه صاحب وڏي عمر جو هئو. سندن قد ڊگهو ٻت سنهون ۽ منهن تي سفيد ۽ ڊگهي ڏاڙهي رکيل هئيس."

مون بعد ۾ تحقيق ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ حضرت قبلا سائين جن جي،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 314



شاهه صاحب سان اِها ملاقات اندازن سن 1929/1930ع ڌاري ٿي هوندي حضرت قبلا سائين جن جي عمر ڏهه سال کن ۽ شاهه صاحب جي عمر ٻاهتر سال کن هئي.

سيد فتح محمد شاهه کي هڪڙو ڀاءُ به هئو جنهن جو نالو ابراهيم شاهه هئو ان جي مزار بهرم بري ۾ آهي. شاهه صاحب کي سواءِ هڪڙي نياڻي جي ٻيو اولاد ڪونه ٿيو. سيد غلام حيدرشاهه عرف جڙيل شاهه سندس ناني هئو جيڪو بعد ۾ صاحبِ دستار ٿيو. سيد جڙيل شاهه (جنهن کي سيد وڏو به سڏيو ويندو هئو) 20 اپريل 1914ع/23، جميد الاول 1333هجري تي ڄائو ۽ 4 فيبروري 1988ع/16 جميد الثاني 1408 هجري تي انتقال ڪيائين. سندس (سيد جڙيل شاهه جي) پڳ هن وقت سندس وڏي پٽ سيد جمن شاهه (ولادت: 20 جولاءِ 1945ع) تي آهي.

حضرت سيد فتح محمد شاهه، هميشه رات جو سفر ڪندو هو سڄي رات جي سفر کان پوءِ منزل تي پڄي عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول ٿي ويندو هئو. سندس لباس، کاڌو ۽ خوراڪ بيحد ساده هوندي هئي. غير ضروري گفتگو کان احتراز ۽ اڪيلائي کي پسند ڪندو هئو. سندس وصال 13 رمضان 1350 هجري بمطابق 22 جنوري 1932 عيسوي تي بروز جمع 75 سالن جي ڄمار ۾ ٿيو ڪيس سندس مڪان تي ئي سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

حضرت مخدوم غلام محمد عليه رحمت جن جي حڪم تي، حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر سائين عليه رحمت جن شاهه صاحب جي درگاهه جوڙائڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو ۽ بالآخر سندن نظرداري ۽ نگرانيءَ هيٺ تاريخ 18 رمضان 1358 هجري مطابق 1 نومبر 1939ع اربع تي درگاهه جُڙي راس ٿي. درگاهه جو انتظام ۽ سار سنڀال، سيد جمن شاهه جي ننڍي ڀاءُ سيد غلام مصطفيٰ عرف ڏنل شاهه (ولادت 11 جون 1955ع) جي حوالي آهي. جنهن تازو پنهنجي ذاتي ڪوشش سان درگاهه سان لڳو لڳ هڪ عاليشان مسجد شريف نهرائي آهي ۽ سڄي درگاهه ۽ مڪان جي مرمت پڻ ڪرائي آهي.[434]

[434] ڏسو مهاڳ.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 315



## 21: لطف فقير [435]

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن هڪڙي پيري مون (مخدوم جميل الزمان) کي سندن ننڍپڻ جي واقعات جو ذڪر ڪندي ٻڌايو تہ پاڻ ان زماني ۾ نم واري بنگلي ۾ رهندا هئا ۽ روزانو باز جي شڪار تي وڃڻ ٿيندو هئن. هڪڙي ڏينهن پاڻ نم واري بنگلي تي تشريف فرما هئا. صبح جو وقت هو تہ اوچتو عاليجناب حضرت مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه بنا اطلاع جي وڏي بنگلي تان اُتي آيا نم بنگلي ۾ ۽ کين (حضرت طالب المولىٰ سائين کي) سڏي فرمايائون تہ بابا اج وڏي بنگلي ۾ لطف فقير فوجين وانگر مارچ پي ڪئي جنهن مان اسان کي اهو اشارو مليو تہ جلد ملڪ جون حالتون خراب ٿينديون تنهن ڪري في الحال شڪار وغيره کي بند ڪجي. حضرت طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن فرمايو تہ ٿيو بہ ائين ۽ ٻن ٽن ڏينهن ۾ انگريزن سنڌ ۾ مارشل لا نافذ ڪئي. لطف فقير جون ڳالهيون ۽ ڪرامتن جا ڪئين قصا مشهور آهن جن مان ڪجهه هتي ڏجن ٿا:

(1) هڪڙي پيري پٽ شاهه جي ميلي تي ملهن کيس ڪجهه پئسا ڏنا جيڪي هٿ ۾ ڪري اٿيو ۽ رستو ورتائين. نوٽ ڪيرائيندو پهتو درگاهه تي جتان مخدوم صاحب جن کيس پاڻ وٽ گهرايو ۽ سندس سنوارت نهرائي، وهنجارائي سنا ڪپڙا پهرائي کيس هڪڙو سنو گهوڙو ڏنائون جنهن تي سوار ٿي فقير صاحب واپس پٽ جي ميلي تي آيو ويو ملاڪڙي ۾ جتي ماڻهو پلو گهوڙو ڏسي فقير کي ڦري آيا ۽ گهوڙو خريد ڪرڻ لاءِ کيس وڏن وڏن قيمتن جي آڇ ڪيائون. سيني کان قيمت معلوم ڪري فقير صاحب ان ماڻهوءَ کي گهوڙو وڪرو ڪيو

---

[435] لطف فقير بابت هيءُ احوال منهنجي چوڻ تي سيد امير شاهه (ڳوٺ جادم پڱهيو. لڳ کنڊو) حامد لاکي ۽ يوسف روجهاڻيءَ جي مدد سان وڏي عمر جي ماڻهن. حاجي دودو روجهاڻي (عمر 90 سال)، ڏنو شيدي سالارو (عمر 90 سال) ڪمون ڪوري (عمر 70 سال) الهه بچايو روجهاڻي (عمر 75 سال) عرس خاصخيلي سالارو (عمر 60 سال) ۽ موليڏني لاکي (عمر 90 سال) کان دريافت ڪري مون ڏانهن موڪليو. (مخدوم جميل الزمان).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 317



پئسن ڪي چا ڪريون.

لطف فقير (فقير سيد لطف علي) آخر ۾ بيمار ٿي پيو جڏهن محسوس ڪيائين تہ وڃڻ جو وقت آهي تڏهن ڦل خاصخيليءَ کي چيائين تہ سندس پائينا سن شهر وٺ رهن تا انهن کي گهرايو ڦل خاصخيلي پاڻ ويو ۽ وڃي سندس پائٽين کي وٺي آيو فقير صاحب جو انتقال ڦل خاصخيليءَ جي گهر سالاري ۾ ٿيو جتي کيس سيد اول شاهہ جي مقام ۾ دفن ڪيو ويو.[440]

## 22: عالي فقير[441]

(1872ـ1936ع)

عالي فقير ذات جو سيد هو. سندس ولادت اندازاً 1872ع ۾ ٿي. اصل خانوٹ ۾ رهندو هو بعد ۾ هميشہ جي لاءِ اچي هالن ۾ سڪونت پذير ٿيو. سيد عالي فقير جو قد ڊگهو ۽ وار بہ ڊگها هوندا هئا. عموماً گيڙو رنگ جي الفي پائيندو هو. حضرت مخدوم غلام محمد "مغموم" جن سان گهاٽو تعلق هوندو هوس. عالي فقير ۽ لطف علي فقير هڪ ٻئي جي موجودگيءَ کي برداشت نہ ڪندا هئا. جيڪڏهن عالي فقير اڳ ئي ويٺو هوندو هو ۽ لطف علي فقير ايندو هو تہ عالي فقير فوراً اُٿي ويندو هو ۽ ساڳيءَ طرح جيڪڏهن لطف علي فقير ويٺو هوندو هو ۽ عالي فقير ايندو هئو تہ لطف علي فقير فوراً اتان اٿي ويندو هئو. عالي فقير جو انتقال 63 ورهين جي عمر ۾ 17 رجب 1355هہ مطابق 4 آڪٽوبر 1936ع تي ٿيو. سندس مزار درگاهہ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه رحمت جي اتر طرف سندس نالي واري اوتاري ۾ آهي، جنهن جي باقاعده تعميرات 1 محرم 1405هہ بمطابق 27 سيپٽمبر 1984ع تي ٿي.

---

[440] راوي ڪمون ڪوري هن جو چوڻ اهو بہ آهي تہ انتقال بعد فقير کي هتان سالاري مان ڪڍائي ويا پوءِ جي خبر ڪانهي بيو راوي ڦل خاصخيلي جو ڏهٽو عرس خاصخيلي آهي جنهن جي چوڻ موجب فقير صاحب کي سالاري ۾ دفن ڪيو ويو. جيئن تہ فقير سڄي عمر ڦل خاصخيلي وٽ رهيو ان ڪري ڦل خاصخيليءَ جي ڏهٽي جي روايت کي معتبر سمجهي برقرار رکجي ٿو.

[441] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ص: 61.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 319



جي اميرن ڪان ڪيس "خان صاحب" جو خطاب مليو. مرحوم ,صيد" خوش اخلاق ۽ خوش پوش، لطيف مزاج مرد، فقير صفت انسان ۽ هميشه خندان خندان نظر ايندڙ سنڌي سرائڪي، اردو، پنجابي، فارسي، هندي، پشتو، (ڪجھ عربي ۽ انگريزي) ۾ ماهر، خوش گلو، خوش گو ۽ خوش خط شاعر، جاءِ رهائش، شڪارپور سنڌ ۽ آخري عمر جو حصو هالن ۾ گذاريائين. محمد فقير ڪتيار جو متوالو عاشق، فقير صاحب جي دامِ محبت صحيح طرح ڪيس صيد ڪري ڇڏيو. صيد مرحوم جي روح عنصري قفس مان پرواز ڪيو. فقير صاحب جي مڪان "ميخانه منصوري" تي ڪيو ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو.[443]

## 25: پريل "پينار"

(1911_1949ع)

پريل ولد چيڙ ذات پيل تخلص "پينار" ڳوٺ سلاواهه پوءِ هميشه لاءِ پيراڻي تعلقو شهدادپور ضلعو سانگھڙ 1911ع ۾ ڄائو. پاڻ ٻه درجا سنڌي پڙهيو، ڪجھ اردو به ايندي هيس. اول سياح ۽ پوءِ 1932ع کان فقيري اختيار ڪيائين، ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ داخل ٿيو. مرحوم منٺار فقير جي معرفت مرحوم مخدوم غلام محمد صاحب "مغموم"، سورهين سجّاده نشين درگاهه غوث الحق حضرت مخدوم نوح هالا نوان جي صحبت ۾ شامل ٿيو. مرحوم پينار تي ان صحبت جو بيحد اثر پيو ۽ آخر وڃي مسلماني جي حد کي پهتو. 1949ع ۾ وصال ڪيائين.[444]

### ڪلام[445]

حسن جي بازار ۾ سودو صفا سر جو ڪجي،
ڪلهن تان ڪوري ڪپي ڪٽي دست دلبر جي ڏجي.

ناهه ناٽي جي خوشامند هت رضا جي آهي راند،
ڪرڻ پي تو ائين ڪپي اڳلو جيئن روحڙو رجي.

---

[443] منهنجو ننڍپڻ، ص: 64.
[444] يادِ رفتگان، ص: 158/159.
[445] يادِ رفتگان، ص: 159.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

